ٻـــوٽ شناس

ٿر رامچنداڻي

ٻوڌ شناس

(ٻوڌ ساهتيہ تي تنقيدي مضمون)

ڪٺو ڪندڙ

ٺڪر رامچنداڻي

قيمت 4-00

اپريل 1978

A/5 اپنا گهر

شنڪر شيٺ روڊ

پونا - 2

فهرست

١. شرڌانجلي	موتيلعل ڄاڙي	الف
٢. سنديش	(مهاڳ)	١
٣. سچو ساٿي	دادا جشن واسواڻي	١
٤. لاثاني ليکڪ	پرنسپال ايل. ايڇ. اجواڻي	٥
٥. سنت ساهتڪار	پروفيسر رام پنجواڻي	١٣
٦. اعليٰ ساهتڪار ۽ ڪوي	پروفيسر منگهارام ملڪاڻي	١٦
٧. سڪوت جو صاحب	پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي	١٨
٨. يوڳراج ساهتيڪار	آسانند مامتورا	٢١
٩. يوڳ ساهتيه	شري ڪيرت ٻاٻاڻي	٢٤
١٠. سرلتا جو سوامي	ڪماري پوپٽي هيرانندڻي	٣٢
١١. اعليٰ ساهتڪار	ايشوري جوتواڻي	٤١
١٢. ايشوري مورتي	شري ٽيرٿ سڀاڻي	٥١
١٣. آهي منهنجون يادگيريون	پروفيسر آڏارام آسواڻي	٥٦

Printed by Shri Baldev T. Gajra at the Yugantar Printery 36/38, Agiary Lane, Fort, BOMBAY-1
and
Published by Shri Nathur Ramchandani, A/5, Apna Ghar, Shankershet Road, Poona-2.


١٤. سوامي ٻوڌراج ۽ روحانيت	شري ديپچندر ٽلوڪچند	٦٦
١٥. شعر-ٻوڌ-هڪ نظر	شري گوردن شرما	٧١
١٦. سڪيولروادي ٻوڌراج	ڊاڪٽر ارجن 'سڪايل'	٨٤
١٧. سوامي ٻوڌراج - اعليٰ ساهتڪار	ٻلديو گاجرا	٩٤
١٨. ٻوڌ ۽ صوفي مت	پروفيسر وشنداس جڳتياڻي	١١٧
١٩. سوامي ٻوڌراج	ڊاڪٽر ديال 'آشا'	١٢٢
٢٠. ڪامل رهبر	شري تيرٿ هنگوراڻي	١٣٦
٢١. سنڌي شاعريءَ ۾ 'ٻوڌ' جو درجو	شري منو ٽولارام گدواڻي	١٤٦
٢٢. سنت ڪوي	شري ڪشور ٻهوجا	١٥٣
٢٣. سونهري سخن	شري گوپ سڌوا	١٦٢
٢٤. ٻوڌ جي ڪاوِ ڪلا	شري هاسارام 'پيڙا'	١٧٧
٢٥. آدرشي ۽ اڀوي آلاپ	شري ڊي.اين. موهناڻي	١٨٤
٢٦. موتين جي مالها	شري ليکراج هنس	١٩٠
٢٧. ٻوڌ ۾ النڪار	ڪماري يشودرا واڌواڻي	٢٠٢
٢٨. قدرت جو ڪوي	شري اتم رامچنداڻي	٢١٣

شرڌانجلي

ساھتيہ آھي ڀاشا جو ڀوشڻ ۽ جيڪو پنھنجي ٻوليءَ جي ٻل سان، سندر، سپڪ، سوادي، سکياداڪ ۽ سليس سنڌيءَ ۾، گيان جا گفتا ٻولي، ڪشش ۽ چڪ ڪري، علم جي اوت وٺي عمل جو پاٺ پاڙھي، ادب جو اونھو اڀياس ڪري اسانجي دماغ کي روشن ڪري، اھو ئي سچي معنيٰ ۾ ساھتيڪار آھي. اھــي سڀ صفتون آھن ٻوڌ جي ٻاڻيءَ ۾. ھن عشق جون آکاڻيون نہ ڪھيون ۽ اوکا ۽ غير سنڌي شبد ڄاڻندي بہ ڪم نہ آندا، ويدانت جي واکاڻ ڪئي، عقل جا اشارا ڏنا ۽ اعليٰ خيالات جو ساٿ وٺي آتمڪ اُنتي ڪئي ۽ ادبي دنيا ۾ ھڪ اھو سڳند ڀريل ٻوٽو پوکيو جو ھاڻ ساري سرشٽيءَ ۾ سرھاڻ ڏيئي رھيو آھي. جي:

جوھر پرکــي جوھري، ڀيو پرکي پتشاھ،
سون ڪسوٽيءَ پرکجي، ڏيو پرکجي ٻاھ،
ماڻھو پرکــڻ سولو، جي اکــر ٻہ ڳالھاءِ.

سوامي جن ھونءَ تہ ڀڳوان جي ڀاشا "ماٺ" ٻوليندا ھئا ۽ سنڌن اھائي سکيا ھئي تہ ترشنا جي بک کي



برہم لین سوامی یوتراج صاحب چداکاشی

ٻوڌ تي ادبي دنيا جو اثر بيشڪ پيو ۽ هن ڏنو ته سنڌي شعر کي پارسي پهاڙ تي سٽيو ويو آهي. اُن عين موقعي تي هن شاعر سنڌي جي اصلي سڀيتا کي ڪٽي ورتو. سندس شعر ۾ اُتاهه اونهائي ۽ نوائي آهي. لکي ٿو:-

سفيديءَ کان سهڻي سياهي ڏٺم،
سفيديءَ ۾ سونهن ڪانه ڪائي ڏٺم،
سرمو جو آهي سدائين سياهه،
اکين لاءِ او روشنائي ڏٺم.
سدا سهڻا دل کي لڳن وار ڪارا،
اڇن ۾ نه ڪا سوڀيائي ڏٺم،
ڪڪر آسماني نه ڪارا آهن،
منجهن پاڪ پاڻي سدائين ڏٺم.

اسانجي تنگ نظر اهڙي جو ڪٿ پٽي ڪٿيسين ته سنت ساهتيڪار نه ٿي سگهندو ۽ ٻوڌ ثابت ڪيو ته هو سنت ٻڌوي مانيندي به ساهتيه ۾ اوچو درجو والاري ٿا. ٻوڌ ڀارت ديش جو سچو ورثو ۽ رشين جو موُل متو، آتم وديا ڦهلائي. چاڪاڻ هيءُ منش جنم مليو آهي؟ پاڻ سڃاڻڻ لاءِ نه عيش ۽ ڪرڻ ماڻڻ سکه ۾ گهچڻ لاءِ. ٻوڌ ٻڌايو "پاڻ سڃاڻ" ۽ اُن جاڻ ٻنا جيءُ اکين هوندي به انڌو، هٿن پيرن هوندي به لولو لنگڙو آهي. ڪٿي ڪنهن منش کي دنيا جون

سنتوش اچي ٻءُ ڏئي يا موٽ ۾ ساهتيه کيتر ۾ اسانجا سچا سونهان ٿي سگهيا ڏئي اُن تنهنلاءِ هرڪ سنڌي مٿن مست آهي. "گمنام" چوي ٿو:

شعر ۾، اپديش ۽ مضمون، افساني ۾ پڻ،

فن لطيفيءَ سان عبارت کي اجاريو ٻوڌراج.

ٻوڌ جو "سچو ساٿي" هن مهل ٽائين رڳو ستسنگ جو سينگار سمجهيو ويو آهي پر ان گرنٿ مان ان اعليٰ اديب جي ساهتيڪ گڻن جو پورو پتو پوي ٿو؛ نه رڳو سندس خيالات اوچي آهي پر ٿورن اکرن ۾ شب، شڌ ۽ سچا موتي ويهي پکيڙيا اٿس. سندس رچنائون ساهتيڪ سنسار ۾ ڪيس گهڻو اوچو مٿي کڻي ٿيون وڃن ۽ هن پستڪ ۾ جو ودوان سندس واکاڻ ڪئي آهي تنهنمان ئي سندس لائقيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ڪيڏو نه اوچ ڪوٽيءَ جو اديب هو. هن ٻاڻ کي لکل رکڻ جي ڪوشش ڪئي پر ساهتيه جي سونهري سينگار مٿان جو هن سنت سنها ته. وڌا، سي پياري لٿر رامچنداڻي (گوتا ريڊئي واري) هاڻ الڳ ڪري، سوامي جن جو اُتاهه اديب خزانو اسانکي پيمت ڪيو آهي ۽ "ٻوڌ" جي ٻولي ۾ اهو نه روشن دماغ ٻوڏي ئول آهي جو ماڻي پيو ماڻ، پر ٻڪ لهي ڪاڻ ڪا. جيترو پڙهون، اوترو پرايون ۽ پنهنجي دل ۽ دماغ کي پيا روشن ڪريون.

آجيان ۾ ٻادلن ٽنبو لڳايا عرش ۾،
هر طرف هيرون هليون ڪا حسن واري ٿي اچي.
جهلڪ انجي ڪي ٻسي، سج تاب ۾ ٿي ويو ڦڪو،
شرمندو سج ڪي ڪنڌ هيٺ چمتڪاري ٿي اچي.

بسنت ٻهار جي مدد آيل ڏسي ٻوڻ لکي ٿو:-

خوشبوء ڪان ٿي ٻي خود، ٽاريون ٽليون ٽڙيون،
جهرمر ۾ جهمر پائي، گل ناز سان اچيا.

ٻيوس صاحب لکيو ته:-

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري تون ٻه رهه مان پئي رهان.

۽ شاهه لکيو:-

دل ڪر درخت جي دستور.

ته ٻوڻ وري ٻيءَ طرح چٽو چٽيو:-

دل ڪر درياهه جي دستور،
گند ٻوي پا گل ڦل مدجهس، سو ٿا ٿئي تو
ميرو موڙ،
درياءَ جنن ڏي نار سين ڪي، ڏوهه ڏنيءَ
جي سيٺي ڏور،
سيني جي ڪٽ سوڙهه سوري،
سڀ ۾ ٻس تون ٻهنجو نور.

ؤ

مثل جهرٽي جي لعل موڪو، نديءَ وانگر رهو نرمل.

سڀ نعمتون حاصل هجن، پر جي ڀاڳ کي وساري ويٺو آهي ته اهي سڀ پدارٿ سندس ڪهڙي ڪم جا ٿيا؟ ڀاڳ سڃاڻڻ سڀني علمن جي ڪنجي آهي. منش ته هڏ ماس جو پڃرو آهي ۽ نڪي رڳن ۽ رت جو ٻوٿو آهي. منش جو سروپ آهي "چيتن ستا." جنهن کي اها ڄاڻ آهي سو نه تڪليف کان ٿهي ۽ نه موت کان ڏڄي ٿو. ٻوڌ بيشڪ سوامي وويڪانند ۽ سوامي رامتيرٿ وانگر ڀاڳ سڃاتو. مٿين ٻنهي اعليٰ ساهتيڪارن ۽ ست پرشن مٿان ڀارت ڪانسواءِ ولايت وارا به فدا ٿيا. نه رڳو ٻوڌ رشين جي وديا جا ڀاٽ پاڙهيا پر آدرش ۽ اخلاق تي به سبق سيکاريا ۽ عمل جا به اصلي مثال ڏيکاريا.

ڪري شمع لنيڙي ٿي، ڪڏهن رات روشن!
چٽائي اهو ڏس اُجالو عمل جو.

سچ لئي لکي ٿو:-

سڳنڌي نه ڏئي ٿو، ڀني مان ٿهيل گل،
نه ڪاغذ جي سچ ۾ آهي روشنائي.
سچي ڪي ڏئي "ٻوڌ" پورو مدد ٿو،
نه ماڻهن جي اُلڪي ڪپي ٻنيرائي.

قدرت لئي ٻوڌ لکي ٿو:-

ناد ڪڪرن ۾ نغارا، دهل واڄا ٿا وڄن؛
چوطرف گجگوڙ آ، ڪا شهسواري ٿي اچي.

ٻوٽ شناس

سنڌ يش

ساڌو واسواڻي

سوامي ٻوڌراج ڪيترن کي نه پيارو هو! هڪ گيت
۾ سندس سکيا جون ٻه سٽون مون پڙهيون،
”نه مذهب آهه ڪو منهنجو، اڪي ڪنهن ٻيءَ مان جاڻان“
ورڻ سڀئي پنهنجا سمجهي ڪريان ديدار هيءَ دنيا.
(اندر جو آلاپ)

هيءَ پيارو چوڻو: مذهب ۽ ٻيءَ مان ڪين جاڻان، سڀن ۾ اڪ تون ئي تون. دنيا جو ديدار اڪ دلبر ۾ ٻيو ڏسان. ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو درشن؟ هن پياري جو اهو درشن نه جت ڪٿ پريو آهي. اها سکيا شل اسان جي دلين اندر گهڙي وڃي.

سوامي ليلا شاه:- سوامي ٻوڌراج هڪ اڪل لعل هو. منهنجي هن سڄڻ سان قدري واقفيت هئي. اليڪ ٻڪارن سان هنن سماج جي شيوا ڪئي. سندس اليو وشال هو. سندن رچنائون عاليءِ درجي جون آهن.

اڄ بيشڪ پوڻ کي، هڪ لاثاني ساهتيڪار سڀ سڏي رهيا آهن ۽ سندس رچنائون جدا جدا اخبارن، رسالن ۽ درسي پستڪن ۾ اچي رهيون آهن.

اچو ته پوڻ جي انيڪ پستڪن مان حال ڪشمير جو سُر، اندر جو آلاپ ۽ سچو ساٿي پڙهي باڳ ڪسي باغ بهار ڪريون ۽ اهڙي پوڻ ڪويءَ ۽ سچي ساهتيڪار کي جيءَ سان جڙيون.

هولي ١٩٧٨

موتيلال لڇيرام بناڻي
پرنسپال هندوجا لا ڪاليج

اهڙا پستڪ منش جا سچا مترَ آهن جي هر وقت اسان جا سهائڪ آهن. اميد ته سنڌي جنتا هن مهاپرش جي باڻيءَ جو لاڀ وٺندي.

شري جئرامداس دولترام ايم. پي. نيو دهلي

الهوي جيون، ٻولو هردو، اونها وچار، سولي ٻولي، چارئي گڻ سوامي ٻوڌراج جي رچنائن مان ظاهر آهن. سنڌي ساهتيه ۾ سندن رچنائن کي مٿيون درجو ملڻ گهرجي. سکيا سان ڀرپور هئڻ ڪري نئين ٽهيءَ لاءِ چٽيه. لکيئون من جو ڪاج آهن. ٻوليءَ جي لحاظ کان اڄڪله جي ليکڪن لاءِ ٻه جيڪر سٺو مثال آهي. اميد اٿم ته سندس پستڪن جون هر سال جملي ڏهن هزارن کان وڌ ڪاپيون وڪامنديون رهنديون.

ٻئريسٽر هوتچند گوپالداس آڏواڻي (بمبئي)

سوامي ٻوڌراج هڪ روحاني رهبر هو. نئين ٽي هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيائين. پنهنجي سموري حياتي، جيڪي سندس سنگ ۽ صحبت ۾ آيا تن جي آتمڪ اُنتيءَ لاءِ ڀرپور ڪيائين. سندن رهڻي ٻولي، سادي ۽ اوچي هئي. هو صاحب اڌياتمڪ اڌيا پڪ هو. سندن سنگ جو رنگ هزارن وٽڙن، همعصر ۽ نندين تي ٿيو. مونکي خوش قسمتيءَ سان ساڻس ملڻ جا ڪيترا ئي موقعا نصيب ٿيا. مون سان ۽ ٻين ڪيترن سان

سندن پاٺ پڙهڻ جو موڪو ڪڏهن اوسر ملي ويندو هو. پروچن ڪرڻ جي منجهن ايشوري ڏات بخشيل هئي. گرهست ۾ رهندي جيهن پرم پد کي هن پراپت ڪيو، سو ڪيترن سالن جي ڪٺن تپسيا بعد به ڪو ورلو هٿ ڪندو.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

سوامي پوتراج سنڌي ساهتيہ گگن جو چمڪندڙ ستارو پنهنجي واٽيءَ سان واهہ جو وارو وڄايائين. ڪيترن جو نيتارو هو پرپوءِ جو پڻ پيارو. منهنجو هن پياري سان سمپرڪ ننڍپڻ کان ٿي هو. هو منهنجو سهپاٺي هو. رشي ديارام گدومل سنسڪرت پاٺشالا حيدرآباد سنڌ ۾ پڙهندا هواسين. هو اُپنشدن جو اڀياس ڪندو هو. سرل سڀاجهي پرڪرتيءَ وارو شخص هو. ڪجهہ وقت اڌياپڪ ٿي رهيو. هن صاحب جي لکڻ ۽ ڳالهڻ ۾ تاثير هوندو هو. هو گديہ ڪار به هو تہ پديہ ڪار پڻ. سندس رچنائن ۾ شانت رس پرڌان آهي ۽ سندس ڪاريہ ۾ سرل سپڪ سلوڻي سنڌيءَ جو استعمال ٿيل آهي. گيان، وئراڳ، ڀڳتي، ڪرم اهڙن وشين کي ڪٽي هن ٻڌايو آهي جي منش جو مارگ درشن ڪن جنهن هو اڌياتمڪ اُنتيءَ جي شکر تي پهچي سگهي. پيارو پاءُ ٽترلعل رامچنداڻي، سوامي پوتراج جي باڻي پرڪاشت ڪري سنڌي جاتيءَ سان وڏو وڙ ڪري رهيو آهي.

پرنسيپال سيتان ساهتاڻي (کار بمبئي)

سنڌي جاتيءَ کي ساهتڪ سوهاڳ ملندي. ڀراٻر ۽ بيشڪ ڀوت صاحب اعليٰ درجي جا اديب هئا، مون ساڻن سان ڪي گهڙيون وقت بوقت گهاريون هيون. ڀڳوان ڪندو اوهانجو شڀ ڪاريہ سڦل ٿيندو.

شري نارائڻ شيام (دهلي)

سوامي ڀوتراج جو نالو سنڌ کان وٺي پڙهندو آيو آهيان. سندن ڪجهہ ڪوتائون وقت بوقت ڪنهن رسالي ۾ پڙهندو هوس، جن سندن لاءِ دل ۾ ڪافي عزت پيدا ڪئي. هن سنت ۽ ساهتيڪار جو سيمينار سڏائي رهيا آهيو اهو ڄاڻي گهڻي خوشي ٿي رهي آهي. ڪاريہ جي سڦلتا لاءِ ”هارديڪ ڪامنائون.“

شري گوبند ”مالهي“ (بمبئي)

مان سوامي ڀوتراج کي اعليٰ درجي جو ساهتيڪار ۽ شاعر سمجهندو آهيان. انهيءَ ڪري ڀوت ساهتڪ سيمينار جو دعاگو آهيان. پڪ آهي ته ڀاڱو وٺندڙ ودوان ۽ اديب ڀوت صاحب جي ساهتڪ خدمتن سان پورو پورو انصاف ڪندا. منهنجون شڀ ڪامنائون.

شري تيرٿ بسنت (دهلي)

مدت کان هاڻوڪي نئين ڌرمي ۽ اخلاقي اُپديش

ٿيل سندس گفتگوءَ ۾ ظاهر ڪيل ويچار عالماڻا هوندا هئا. سندس ٻولي سڌي، سليس ۽ اثر پذير هوندي هئي جا ٻڌندڙ جي دل دماغ تي سڌو اثر ڪندي هئي. هن مهان فيلسوف، ويچارڪ ۽ روحاني رهبر جي ياد هن سيميدار رستي تازي ٿي رهي آهي.

پرنسيپال لعلسنگهه اجواڻي (بمبئي)

ڪاريه تمام اُتم آهي. سوامي ٻوڌراج جا املهه وچن سنڌي جاتيءَ لاءِ هڪ سوني موڙي آهن، جا سنڌي ڀائر اُميد ته ساهه سان سانديندا. جي مان ڪجهه ان ڏس ۾ ڪري سگهندس ته مان ڀاڳ ڪي ڀاڳوارو سمجهندس. شري ٺٺر رامچنداڻيءَ جون ڪوششون اڻٿڪ آهن. سڄي عمر انهيءَ ۾ صرف ڪئي اٿس. سندس ڪوشش جو نتيجو اهو آهي جو سنڌي هيئر محسوس ڪري رهيا آهن ته سوامي جن کهڙيءَ نه اوچ ڪوٽيءَ جا رهبر ۽ چمتڪاري ليکڪ هئا. اُميد ته سيئي اسانجا ڀائر پيئر سوامي ٻوڌراج جن جي سونهري اکرن جو قدر ڪندا ۽ لاڀ پائيندا. اها آهي منهنجي آس.

شري هوندراج دکايل (آديپور)

اوهان هن سنت ڪويءَ جي ساهتيه جي باري ۾ سيميدار ڪري رهيا آهيو. اوهانجو هڪ اُتم ڪاريه ڇپبو. شاباس آهي ٻوني جي سائين کي.

”سچو سائي“ پڙهڻ جو موقعو مليو هو جنهن تمام گهڻو اُتساهه ڏنو هو. البت انهن ڏينهن ۾ مونکي ”يوگ وسشٽ ۽ وچار ساگر“ پڙهڻ جو پڻ موقعو مليو هو ۽ مونکي ان وقت ائين لڳو هو ته ”سچو سائي“ ڪنهن حد تائين انهن ٻنهي مهان گرنٿن کان متاثر ٿيل هو ۽ ڪي درشٽانت ته هو بہ هو ساڳيائي نظر آيا هئا. هن وقت مان ائين قبول ڪريان ٿو ته سنت ساهت ۾ وچارن جي سمانتا جو سبب ڀارتيه **سنسڪرتي** آهي، جا ڪرم جي فيلسوفيءَ تي ٻڌل آهي. سيمينار جي ڪاميابيءَ لاءِ شڀ اڇائون موڪليان ٿو.

شريمتي ڀارتي ٻائي آڏواڻي

انسان جي اُمنگن جي تصوير هن جي مضمونن مان چٽيءَ ريت ملي ٿي. مضمون اديب جي احساسن جي ترجماني ڪن ٿا، تصوير چٽين ٿا. مضمون ۾ ادبي لچڪ سمايل رهي ٿو، جنهن مان ٻيا رس وٺي سگهن ٿا، ڪجهه پرائي سگهن ٿا، گرهڻ ڪري سگهن ٿا.

ڀاڪا ادب جي بيڙهه آهن، جنهن تي ئي ادب جي عاليشان عمارت پختائيءَ سان ڪڙي رهي ٿي. پر ورهاڱي بعد جيتوڻيڪ ڪافي سنڌي ساهت ڇپيو آهي، پر سنڌي مضمونن، سنڌي ڀاڪن وغيره ادبي پستڪن جي ڇپائڻ تي خير ڪو ڌيان ڏنو ويو

کان دور ھٽي ويئي آھي. جيڪڏھن توھانجو سيمينار اُلٽي واھہ جي وهڪري ھوندي بہ جوانن کي ڀوڄ راج جي ساھتڪ سکيائن طرف ڇڪي سگھي تہ توھان ھي واقعي ھڪ اُتم ڪاريہ ڪيو.

شري پريداس برھمچاري (اجمير)

سنت ڪوي، آدرشي اڌياپڪ ۽ اُتم ساھتيڪار سوامي ڀوڄ راج ”ڀوڄ“ جو ڄاڻو ۽ ساھتيہ اَمر رھندو، سندن ساھتيہ جو پرچار لوڪ ڪلياڻ ڪندو. سندن اعليٰ اَدبي رچنائون درسي ڪتابن ۾ آڻڻ سان وديارٿين کي وسريل ورثو وري ياد ڏيارينديون. خاص اسڪول جي ودياَرٿين جو ڀل ٻڌي ۽ اخلاق روشن ڪندو.

شري چيتن ديو ورما ”يمراج“ (آگرو)

سوامي ڀوڄ راج جو ساھتيہ ۽ ڪويتا سنڌي علم ۽ اَدب ۾ ھڪ لاثاني مشعال آھي جنھن مشعال ھزارن انسانن ۾ انسانيت ۽ ليڪيءَ جي اڻ مرندڙ ازلي ابدي خوشبوءِ ڦھلائي. اھا سگند اَڄ بہ قائم آھي. جيستائين سنڌيت قائم ھوندي تيستائين قائم رھندي.

شري موھن ”ڪلپنا“ (اُلھاس نگر)

انڪل پنجويھہ سال اڳہ موھنکي سوامي ڀوڄ راج جو

"سچو ساٿي"

جي. پي. واسواڻي

اڄ مونکي چيو وڃي ٿو ته سوامي جن جي پستڪ "سچي ساٿي" (انگريزي) جو مهورت ڪريان. مونکي ڪهڙي لائقي آهي جو هنن عالمن ۽ اديبن جي وچ ۾ مان ان ڪارڻ ۾ ڀاڱو وٺي سگهان.

ڪيترا سال اڳ، مان اڪون سان ڳالهيون ڪندو هوس پر ٻوءِ سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ هڪ چانڊوڪيءَ رات جو جڏهن چنڊ ٻهي چمڪيو آسمان ۾، تڏهن پياري دادا جي چرڻن ۾ گرشت ڪنج جي باغ ۾ وينا هئاسين. باغ ۾ حوض (تلاءُ) هو جنهن ۾ ساڪيون لهرون پئي اٿيون. ان وقت پياري دادا ليڏهن پويل ليٽڻ سان نهاري مونکي چيو:-

طالب نه ٿيءُ ترڪ جو،
ڪر دل ۾ ٿي ديدار تون!
ورق چو پيو وراڻين
ٿس الدر ۾ اسرار تون!
ٿيءُ غيب ۾ تو غيب نوري

آهي. اڄ جي ليکڪن جو ڌيان آکاڻين، ناولن، ڊرامن وغيره ڏانهن وڌيڪ مائل ٿي رهيو آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي ته نثر نويسيءَ جي پاڙ، ادب جي نقطهءِ نظر کان پختي نه ٿي رهي آهي.

اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ وديارٿي ۽ اڌياپڪ اهڙا ڪمي محسوس ڪري رهيا آهن. "سولهه-ري سخن" ان ڪميءَ کي ڪي قدر پورو ڪندو. هن مضمونن ۾ گيان جا گفتا سمايل آهن. تشبيهون، محاورا جهڙي انداز ۾ ڪم آندل آهن. ٻولي ٻهڳڻي ڪم آندل آهي. مضمون دل ۽ دماغ کي روشن ڪن ٿا، ادبي ڄاڻ وڌائين ٿا. انهن چونڊ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته گهاگهر ۾ ساگر سمايل آهي. مال ۽ رومال جي لحاظ کان پستڪ پهرئين درجي جو آهي. جيڪڏهن ادب جي ڪسوٽيءَ تي ويهي هن پستڪ کي پرکبو ته ايڪ ماڻڪ، موتي ۽ لعل لڀا، اچو ته هٿون نٻي، لهون تول.

فارسيءَ ۾ سخن آهي ته،

"عطر آن است، که خود بگويد،
نه که عطار بگويد."

عطر اهو جو پنهنجي سڳند پاڻ ڦهلائي ۽ نه جنهن جو عطار ويهي پرچار ڪري. پوءِ جا مضمون جيڪو پڙهندو سو ان جي پاڻيهي ويهي واکاڻ ڪندو. مان ته آهيان هن عالم اڳيان اڻ ڄاڻ جا پاڻ هن اديب جي رچنائن مان ويهي علم پرائيندس.

اهائي سکيا ملي ٿي تہ "چڙهہ هستي پاءِ مستي، اڪ
نور ۾ ٿي رهہ فنا!"

سوامي جن ٿي گروءَ جي سکيا جو اثر ٿئي ٿو ۽
ٻوءِ يوڳواج مان منجهي ٻوڌ راڄ اٿي ٿو. هستي چڙهي
گيان ۽ شيوا جي مستي سندس جيون ۾ پرڪاش ٿئي
ٿي ۽ اڪ پرم شڪتيءَ جو اوزار بڻجي ڪم ڪري ٿو.

پرم شڪتي آهہ، جا سرشٽي ٺاهي ۽ ڊاهي ۽
چوگرد هلائي ٿي. اسين بہ اُن پرم شڪتيءَ جو اوزار
بڻجي سگهون ٿا. انسان ۾ اهو جزو پيو آهي، پر اسين
پنهنجي هستي اٿا چڙهيون. هستي چڙهي مستي پايون.

سنڌي ساهتيہ ۾ ڪيڏا نہ امولڪ خزانا سمايل آهن،
پر هڪ ڳالهہ مان ٿوهان کي ٻڌايان تہ سنڌي ساهتيہ
ٺاهيندڙ اٿو آتش جا انسان، عشق جا انسان، درشن جا
انسان. اُنهن ٺپي ڏيئي ٺول لڌو آهي.

انهن ٿي انسان جي ساهتيہ سڄيءَ دنيا ۾ اهم
جڳهہ والاري آهي.

پيارو دادا واسواڻي جن جي ٻاڻي "نوريءَ
ڳرلت" ۾ ڪٺي ٿيل آهي. اهڙو پستڪ پيو ڪوہ سچاڻان
جنهن ۾ اڪ ڪوي؛ سنت جي ايتري ٻاڻي سمايل
آهي، ١٦ سؤ صفحن کان متي، جنهن ۾ امولڪ هيرا
لعل سمايل آهن.

سوامي جن جو پستڪ "سچو ساٿي" تنهن جي

سڻ رمز رب جي اءِ مٺا!
هستي ڇڏي لون پاڻ مستي
اڪ نور ۾ ٿيءُ لون فنا!

ان رات ڪان وٺي مان اڪرن ڪان پري رهيو آهيان ۽ اڪثر ايڪانتيءَ ۾ نواس ڪرڻ جو يتن پيو ڪريان. پيارو دادا چوي ٿو:

بالڪ! ڇڏيو هستي، پاڻ مستي ۽ اڪ نوري نور ۾ ٿيءُ فنا!

هن اڪرن ۾ سوامي پوتراج جن جي جيون جي اصول چٽيل آهي. سوامي جن جو پهريون نالو يوڄراج هو. هڪ آدرشي ماستر هو. ڪيترن شاگردن کي ڪثرت ڪرائيندو هو ۽ سندن جيون ۾ سٺي چرتر جو ٻج ڇٽيندو هو ۽ ڪين آدرشي انسان بڻائڻ جو يتن ڪندو هو. پوءِ ڪيس سوامي پرمانند جو سنگ ملي ٿو جنهن کي پنهنجو گرو ڪري ٿو، گروءَ جي سنگ جو رنگ سندس جيون تي چڙهي ٿو. سڀاڳو ٿيو، جو ڪيس گرو مليو.

هن ٻي ٻقا جي باغ ۾ دوست دلبر مون مليو
جنهن جا پوڙهيا ثاب پيا بخت منهنجو آ کليو!

جنهن بخت کلي تنهن سنتن جو سنگ ملي. سوامي جن جي جيون تي رنگ چڙهي ٿو ۽ گروءَ جي سکيا ڳرهڻ ڪري رچي لعل ٿي پوي ٿو. ڪيس

لاثاني لبڪ

پرنسيپال لالسنگهه اجواڻي

جي اسين مڃون ته اظهار يا پڌرائي هر ڪنهن انسان جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي، جو هيءَ ڳالهه ايشور وٽان آيل آهي ته پوءِ اسان کي سڌ پوندي ته هن جوهر جي باريڪ ۾ باريڪ، لطيف ۾ لطيف، سهڻي ۾ سهڻي ڏار ڏسڻ ۾ ايندي ساهتيه ڪار جي ساهتيه ۾. جي ٽلهي ۾ ٽلهي، ونيل ۾ ونيل، اگهڙي ۾ اگهڙي ڏار ڏسڻي هجي ته اورپڙي جي چار ۾. ساهتيه اهو چشمو آهي جو آب حيات جي مثل آهي؛ کورپڙي جو چار آهي قيدخاني يا ڦاسيءَ مثل، جا ڪَولي يا مڪ ڦاٿي سا ناس ٿي. اصل ۾ جوهر ۾، هنر ۾، ساهتيه ڪار جو ساهتيه ۽ اورپڙي جي چار هڪ ئي خاندان مان آهن پر هڪ جي مڪ مان امرت لڪتو، ٻئي مان وش. جي ساهتيه ڪار پنهنجي مک مان وشنا يا ٽکون ڪيڻ لاءِ تيار آهن تن جي مشابهت اورپڙي سان ڪرڻ واجب آهي، پر جي ساهتيه ڪار پنهنجي مک مان ستيم، شوم، سندرم جو منتر جپڻ ۽ جپائڻ جا خواهان آهن تن کي

انگريزي ۾ ترجمو ٿيل پستڪ جو اڄ اڌگهاڻ ٿئي ٿو ڏاڍو سٺو. انواد ڪندڙ آهي پوک اديب پرنسيپال لعلسنگهه اجواڻي.

مان شري نٿو رامچنداڻي کي ڌنيواد ٿو ڏيان جنهن جي وڳهه ۾ پنهنجي گروهه لاءِ پيار سمايل آهي؛ ان جي پرشارٿ سان ئي هيءُ پستڪ لکيو آهي.

شل هن پکتي پورل پستڪ جو گهڻن دلين تي اثر ٿئي! شل سنڌو ساهتيه کي ماد رکون.

پيدائش، سائنس جو آلاپ، نهر جي لهر. پيو ساهتيه ٿي ٿو سگهي مهڙي ڪڙجڻ، ٻڪ ٻڪ ۽ جوش جي ڪڙ ڪڙ. اهي بلڪل جزوي ساهتيڪار آهن جن کي شيڪسپيئر يا حافظ يا ٽلسيداس يا شاه وانگر ذات هجي، سمنڊ جي گهرائيءَ جي، آسمان لهرن ۽ گسڙ ڳڙاهٽ جي، دهشت ۽ دم جهلڻ جي، آرام جي ۽ آسڻ جي. انهن جزوي مها گرنٿ ڪارن کي ذات آهي جيئن هوائي جهازن جي؛ مشين ۾ ڏهه پندرهن ميل ڪن، ته به انهن پيو سمجهجي ته هلي ٿي ڪونه، پيا گرنٿ ڪار اڪثر ڪري خالي چٽو وڃي گهٽو جي مثل آهن. هنن لاءِ مات ضروري آهي، سائنس اڪثر آهي، نهرٿي ناهو ڪو مال آهي.

اسانجي سنڌي نثر ۾ ساهتيڪارن مان مان، سائنس مان، نهر مان حيرت جهڙو ڪم ورتو آهي. هڪ آهي ديوان رشي ڏيارام گدومل جنهن جي لکڻي لاثاني آهي. مون کي ڪونه سجهي ته اڄ تائين ڪنهن سنڌي ساهتيڪار ديوان صاحب جي ساميءَ جي بيتن جو سار يا عمر خيام يارو ٽيون مضمون به تيار ڪيو هجي جنهن ۾ ويچار ٿوڙي ٻوليءَ ليکي مات، سائنس ۽ نهر جا جزا اهڙي مرڪب سان ملايل هجن جو ماڻهو عش عش ڪري. ٻيو صاحب جنهن جي لکڻيءَ ۾ اها سگهه آهي، چاشني آهي جا سائنس ۽ مات ۽ نهر مان

مشابهت ڏني ماکيءَ جي مک سان جا سون هزارن
سندر گلن ڦلن جو لت ڪڍي جڳهه کي ٿي آڇي، اُها
ماکي جا مصريءَ کان مٺي آهي.

اسان وٽ جيڪو ساهتيہ لکيو پيو تنهن جو اسل
ته برابر وڃي ٿو اُنهيءَ مالڪ سان لڳي جنهن تي
اظهار يا پڌرائيءَ جو ٻج اسان ۾ وڌو. پر اٿين ته دهليءَ
۾ موزائون گاڏيءَ وارا ۽ ٺوڪر نظر ايندا جن جو
حسب نسب وڃي مغل شهنشاهن سان لڳندو. اُهي
ساهتيہ ڪار لالي ۾ لعل آهن، هنن کي سرهائي آهي،
فخر آهي ته اسان جي مک مان ٻه ڪجهه نڪتو جيڪو
اچي ني ڪاري جي صورت ۾ نقش ٿيو. پر اُنهن کي
پاڻ کان پڇڻ گهرجي ته مک مان ماکي نڪتي ڪين
وش نڪتو. جيڪڏهن پهرئين قسم جو ساهتيہ اُپن
ٿيو ته جيتري قدر فخر ڪري سگهجي سو ٿورو آهي
چاڪاڻ ته جيڪا سگند ساهتيہ ڦهلائي سگهي ٿو،
جنهن سولهن جو ديدار ساهتيہ ٿو ڪرائي سگهي، جيڪا
چاشني ساهتيہ چکائي سگهي ٿو تنهن جي حد ڪانهي،
لنهن جهڙو ٻيو اُپڪار خيال ۾ به آڻي نه سگهبو پر جي اٿين
بنهه نه آهي ته پوءِ انهيءَ ساهتيہ کي تيلي ڏيئي ساڙڻ
۾ اهو ٻج آهي جو راوڻ جي ٻولي ڪي ساڙڻ ۾ رام
جي اُپاسڪن کي ٿو پڙهي. ساهتيہ باٻت ٻي هڪ ڳالهه
سمجهڻ ضروري آهي. هڪ ساهتيہ آهي مات جي.

ٻا سندس هيڪار ڪن ٿورن لائين محدود هئي.
ٻيو شري نٿو مل، سندس اٿر ٿوڙي شعر جدا جدا
پستڪن ۾ ترتيب وار ٻيهاري نه، رڳو پنهنجي گوروءَ
کي گرو- دکشنا پيش ڪئي آهي پر سچي سنڌي
جائيءَ سان وڏ ڪيو آهي. اها شيوا اُنهيءَ شيوا جي
پيش ڪرڻ لائق آهي جا ديوان ڪوڙي مل ڪلناڻيءَ
سامي صاحب سان ڪئي، يعني سامي صاحب جي
سلوڪن کي سنڌين ۾ ٻڌرو ڪيو ۽ سندس واڻيءَ جو
لطف وڌايو. هونءَ ته سامي صاحب ۽ سوامي ٻوڌراج
۾ گهڻي هڪ جهڙائي آهي. ٻنهي پنهنجي مک مان
ويدانت جي واڻي ڪڍي پر مشهوري پسند نه ڪئي.
سامي صاحب پنهنجا سلوڪ منڪي ۾ وجهي ڇڏيا
جي پوءِ شردالن ڪڍي پڌرا ڪيا. سوامي ٻوڌراج
صاحب ته هزارين واڪيه سنگت ۾ ۽ خانگي چٺين
۾ ظاهر ڪيا جي پوءِ سندس شردالن ۽ خاص ڪري
شري لٿو مل ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. سوامي ٻوڌراج
تي ساميءَ جو اثر ظاهر آهي. سوامي ٻوڌراج ۽ سامي
نه رڳو هڪ ئي جائيءَ جا آهن پر هڪ ئي ڪل جا
آهن، هڪ ئي مت مان ٻاڻي پيتو اٿن. جا سيتلتا
ساميءَ جي سلوڪن ۾ آهي تنهن جي يادگيري ٿي
اچي سوامي ٻوڌراج جي مضمون پڙهڻ ۾. ٻئي
اُپوي پرش هئا ۽ جيڪي اُچاريو اٿن سا مغز جي

لئي ٻٽي سو آهي ساڌو واسواڻي؛ جنهن جي لکڻين سنڌين جي دلين تي ڪافي اثر ڪيو آهي. مٿاڇرو پڙهندڙ به ساڌو واسواڻيءَ جي ليکن کي پڙهندي ائين محسوس ڪندو ته ڪنهن نرمل، تيجسوي پرش جي حاضريءَ ۾ ويٺو آهيان.

سنڌين جا سوڀاڳيه آهن جو شري لٿر رامچنداڻيءَ جي اڻ ٿڪ ڪوشش ذريعي هڪ نئون گرنٿڪار هاڻي جنتا اڳيان ظاهر ٿي رهيو آهي جو سالت جو، ماڻ جو، نهر جو گهرڀا هڪ مجسم پتلو آهي. مولڪي سوامي ٻوڌراج جن سان ملڻ جو موقعو ڪونه مليو؛ ليڪن گذري ويل ساهتيڪارن جو درشن ڪري سگهجي ٿو، مٿو ٻه نيڪي سگهجي ٿو. هڪ مغل شهزادي جا شاعريءَ ۾ ماهر هئي تنهن کي هڪ شرڌالوءَ چوائي موڪليو ته تنهنجو درشن ڪرڻ گهران ٿو ته نهه ٻه پرده دار بيبيءَ چوائي موڪليو:

در سخن پنهان شدم چو بوءِ گل در برگ گل
ميل ديدن هرڪ دارد در سخن بيند مرا

يعني مان پنهنجي شعر ۾ ائين سمايل آهيان جيئن گل جي ٻوٽيءَ ۾ گلن جي خوشبوءِ، جنهن کي منهنجو ديدار ڪرڻو هجي ته منهنجي شعر ۾ مولڪي ڏسي. سوامي ٻوڌراج جو درشن سندس واڪين ۾ پترو آهي. هو هن مهل ٽائين سنڌين کان لڪل هو

جي سرلتا ۽ سندرتا، جا هڪ معمولي ۾ معمولي واقعي کي ب ساهتيه جو روپ ڏئي بخشي.

سوامي يوڳراج جي واقعي جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي جو اُهي سستي ۽ اُداسائيءَ، ۽ چيڙيءَ ۽ ڪمزوريءَ کي دور ڪندڙ آهن ۽ اُن جي درستي ۽ من جي مستيءَ سان سيتلتا ۽ سڦلتا کي ڪوٺ ڪندڙ آهي.

ڏسڻ ۾ سوامي يوڳراج جا شبد سادا ۽ ڪٿهن ۾ حرفت ٿيا آهن، پر ساهتيه جا پارکو هڪدم معلوم ڪندا ته سندن پختگي ۽ رواني اعليٰ هنر واري جي آهي؛ جنهن جي هنر جي وڏي ۾ وڏي خوبي هيءَ آهي ته پار کي ب لکت وٽي ته عالمن ۾ عالم کي ب ڳوڙهي غوض جي للاءِ ۾ ٽپيون ڏياري.

وديارٿين لاءِ هي مضمون آدرشي مضمون جو ڪم ڏيندا ته وڏڻ کي ب گيان ڏيندا ۽ يادگيري ڏياريندا ته هن ناسونت دنيا ۾ ڇا آهي جو ناسونت نه آهي، حياتيءَ جو مطلب ڇا آهي، جيون جو مقصد ڪهڙو آهي.

جي انسان هي پستڪ لس ڏئي لس پڙهي ويندا ۽ گيان ۽ انهن سان تعلق رکڻ ۾ پسند ڪندا سي ب ڪهيرو جي اظارن، حياتيءَ جي گونا گون پردن ۽ واقعن ۽ بيانن ڏي سرسري نظر وجهڻ سان ڇٽي ڏيندا

ڪُڙ ڪُڙ يا اهنڪاري اُڀُو يا دنيوي ڦٽ ڦٽ کان گهٽو مٿي آهي. البت ڪوتا ۾ اُن ۾ فرق رهندو ئي رهندو. ڀر ديوان ڏيارام گدو مل ۽ ساڌو واسواڻيءَ جي لکڻين وانگر سوامي ڀوڌراج جي لکڻيءَ ۾ به اُڌام سان گڏ ڏيرج، سيتلتا سان گڏ گهرائي ۽ قدرت جي سوڀُهن سان اندر جو اُنهوُ ڀوال آهي ۽ سندس واڪيه پڙهندڙ کي اُنهيءَ ويدانت جي گلزار ۾ ٽا سير ڪرائين جنهن ۾ ساميءَ جا سلوڪ اڳيئي سنڌين کي ليرت پاٽرا ڪرائي چڪا آهن.

سوامي ڀوڌراج عمر ماستري ڪئي ۽ ٻارڙن ڪي دڳ لاٿو. هن کي پليءَ پٽ سڌ هئي ته کهڙا مضمون ڪهڙين دلين ۾ گهر ڪري سگهن ٿا ۽ ٽنهن جو چڙُو ٿاهي سگهن ٿا. تنهن ڪري هن جي ويدانت واڻيءَ ۾ اُنهوُ سان گڏو گڏ نين به وصف آهي جا هنـن ٻن سان مشڪل گڏ نظر ايندي. اُها آهي ٻوليءَ جي سولتا ۽ سندرتا جنهن لئي ٻار ۽ سيڪڙا ت موهت ٿين. سندس وچنن ۾ ٻي خاصيتون پڻ ڏسبيون. هڪ آهي ويدانتي گيان ۽ سکيا ته هڪ ۽ اليڪ ساڳيا ئي آهن، سڀ ڪجهه اوهان ۾ آهي، اندر ۾ جهاتي پايو. ٻيو آهي اُنهوُ ته ماٽ ۾، اُٽڪاڻيءَ ۾، پاڻ وچاڻي ۾ سڀ ڪجهه ملندو، من جيتي جڳ جيت. ٽيون آهي ساهتيه گُڻ يعني مضمون جي ٻيهڪ ۽ پڪائي، ٻوليءَ

سنت ساهتڪار

پروفيسر رام پنجواڻي

سوامي ٻوڌراج سان منهنجي سڃاڻپ سنڌ ۾ ڪالهه ٿي. هند ۾ اچي هن ودوان سان واقفيت ٿي، سا به سندس لکڻين دوارا. مان ڀاءُ ٿرو رامچنداڻيءَ جو آڀاري آهيان جنهن موڪلي هن سنت اديب جون رچنائون موڪليون جي مون پڙهي محسوس ڪيو ته سوامي ٻوڌراج نه فقط هڪ گياني اپديشڪ هو پر سندس لکڻيءَ ۾ هڪ سٺي ساهتڪار جون وصفون به سمايل آهن.

سوامي ٻوڌراج جي نثر توڙي نظم مان سندس ٻوليءَ تي دسترس جو ثبوت ملي ٿو. سندس رچنائن ۾ جيون جي هر پهلوءَ تي سکياداتڪ سخن ملن ٿا. ٻولي سادي، سرل ۽ مٺڙ اٿس ته ويچار به گنڀير اٿس. اڌياپڪ هو ۽ هڪ سچي اڌياپڪ جيان پڙهائيءَ تائين وديا دان ڪندو رهيو.

پنهنجي جيون ۾ جيڪي ڏٺائين پسيائين ۽ جيڪي آزمودا پرايائين تن جو لت سولي ۽ اثرائتي ڍنگ ۾ اسانجي اڳيان رکيائين.

۽ بيشڪ هي پستڪ نثر ۾ شاهڪار آهي.

سوامي ٻوڌراج اسان کان ٻاويهه ورهيه اڳي موڪلائي ويو پر هينئر سنڌين جي هردي ۾ ٻراجمان ٿيندو ٿو وڃي. مان سمجهان ٿو ڪو سمو ايندو جو سوامي ٻوڌراج جي لکن، ڪهاڻين، ڪوتائن ۽ اپديشن کي اهو مان ڏينداسين جو هندستان ۾ انگريزي دان سوامي وويڪانند يا سوامي رامتيرٿ جي وچن ۽ وعظن کي ٿا ڏين، يا يورپي ۽ آمريڪن لوڪ سنت ٿامس ڪيمپس جي ڪرسٽ جي پيروي ڪتاب کي ٿا ڏين. حال سوامي ٻوڌراج جا وچن ننڍين ڇپڪن ۾ سمايل آهن جن ۾ "سچو ساٿي" سڀ کان وڌيڪ مشهور آهي، پر جلد اهو وقت ايندو جو پرم هنس رام ڪرشن يا سوامي وويڪانند جي گرنٿن وانگر سوامي ٻوڌراج جا ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل وچن به سهڻن وزندار گرنٿن جي آڪار ۾ پرڪاشت ٿيندا ۽ هرهڪ سمجهدار سنڌيءَ جي لئبرريءَ ۾ ساليق ۾ ايندا.

ڪري دل گد گد ٿي ٿئي ۽ دماغ بي اختيار ڇڏي ٿو
ڏئي ته "عشق هاڄ ۾، دل يار ڏي" جو پورڪ پوماڻ
ڀوڄراج ۾ ملي ٿو يا ائين چئجي ته سوامي ڀوڄراج
پنهنجي ٽئين نيتر سان سائينءَ جي سندرتا جو درشن
ڪري ٿي سگهيو ته هو ٻن سار ٻرڪ اکين سان قدرت
جي ڪرشمن جو به مشاهدو ماڻي ٿي سگهيو:-

هر ذرو هت ذوق سان، نت ٿو ڪري تنهنجو ذڪر
ماٺ خود ٿي آهه، هي منٿار تنهنجي گفتگو

ڀوڄراج جي لکڻين ۾ تصوف ۽ ويدانت جون
سکيائون سمايل آهن جي هر ٻالڪ ڀاڻيهي پروڙيون
هونديون ۽ رواجي ۾ رواجي ٻالڪ انهن جو لطف ماڻيو
هوندو ته پوڻا به پرائيت ڪئي هوندي. ڪهڙو نه سٺو
ٿئي جي سوامي ڀوڄراج جي رچنائن مان ڪي موزون
ٽڪرا اسان جي درسي ڪتابن ۾ به ڏنا وڃن جن جي
پڙهڻ سان اسان جي نئين ٽهي به فيض حاصل
ڪري سگهي!

رهي ٿوري مٿان راضي سڀيءَ مرڻي ڪيو قطرو
الهيءَ مان دل کي سيکاريم سبق سنتوش جو سندر
کهڙي نه سوکيم درشٽي !

سوامي ڀوڌراج جي لکڻي ٻين سنتن ۽ سوامين کان بلڪل نرالي آهي. هو فقط اسان جي دلين کي ڇهڻ لائين سنتشت ٿو رهي پر دماغ کي به تسڪين ڏئي ٿو. هو سنت آهي پر ذهني سنت آهي:

”رڪ جي تلوار هڪ کي ويڙي به ڪري ٿي
مگر قرب جي ڪاتي ٻن کي ملائي هڪ ٿي ڪري.“

ڌرمي گرنٿن ۾ ڏٺو ٿو گيان گوشٺي ڪيل هوندي آهي ۽ سا به خشڪ نموني ۽ ان ڪري انهن مان ساهتيڪ سواد گهٽ ملندو آهي. سوامي ڀوڌراج اها گيان گوشٺي به اهڙي موهيندڙ نوع ۾ ڪئي آهي جو سندس رچنائون روح رچندڙ نه ٿي پيون آهن، پر من موهيندڙ به:-

”نه مون ۾ نيستي آهي نه ڪا هستيءَ سندي واٽي
ڳجهارت مان اها آهيان نه ڪنهن کي عقل ۾ آئي.“

سوامي ڀوڌراج جڏهن قدرت جي نظارن جا دل لڀائيندڙ درشيه چٽي ٿو تڏهن سندس رچناتمڪ شڪتي اوچائيءَ تي پهچي ٿي. ڪشمير جي سفر جو بيان ڪندي جڏهن ڪماليت سان هن پرٿويءَ تي سرڳ-پوريءَ جي نظارن جو نقش چٽيو آهي ان جو احساس

انساني جيون جا آزمودا ۽ انهن مان پراپت گيان جا نقطا پڻ ڏنا آهن.

سوامي ٻوڏراج جي ڪتابن جي خاص خوبي آهي سنڌي ٻوليءَ لئي ضابطو، جنهن ۾ سليس ۽ سرل هندي توڙي پارسي اکر ٻنا ڀيد ڀاو سهج سڀاءَ ملي جهلي رواني پيدا ڪري رهيا آهن.

مان اميد ٿو ڪريان ته هن سيمينار جي سرگرمين معرفت سوامي ٻوڏراج جون ادبي خدمتون سنڌي لوڪن ملڪ ساري ڀارت ۾ پڌريون ٿينديون ۽ کيس ساهتيه کيتر ۾ جوڳو درجو حاصل ٿيندو.

منهنجي دوست نثر راميڇنداڻيءَ پنهنجي سموري جيون سوامي ٻوڏراج جي ساهت کي سنڌي جنتا ۾ ڦهلائڻ ۽ اڀارڻ ڪري ڇڏي آهي. مان سندس ڪاميابيءَ لاءِ شڀ ڀاونائون ٿو موڪليان ته گروهه جو ساهت لوڪ پڻ پڙهي ۽ شش جي وڏي آورجا لاءِ پرارٿنا ٿو ڪريان ته گروهه جي سيوا ڪندو رهي.

اعليٰ سنت ۽ ڪوي

—

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي

سوامي پوتراج نه صرف هڪ روحاني رهبر هو پر هڪ اوچ ڪوٽيءَ جو ساهتڪ ڪلاڪار پڻ هو جا خوبي سنڌي جنتا اڃان پوريءَ طرح ڳولهي نه ڪئي آهي.

سامي ۽ دلپت کان پوءِ پوت صاحب ئي سنڌ ديش جو اعليٰ سنت ۽ ڪوي هو.

هو هڪ قابل نثر نگار پڻ هو، سندن "سچو سائين" اهڙو سندر پستڪ آهي جو پروفيسر اجواڻيءَ جهڙي عالم ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

مون سندن پستڪ پڙهيا آهن. "الدر جو آلاپ" ۾ پڪا پختا شاعر ثابت ٿين ٿا، "سري سار ڪتاولي" جي ارٿ، سمجهاڻيءَ ۽ درشٽانتن ۾ قابل نثر نويس. مونکي نه نثر نظم ۾ ڪٿي سنڌي لکيل سندن پستڪ "گيان ياترا" وڌيڪ پسند پوي ٿو جو ان ۾ ڪشمير جي سير بابت قدرت جي نظارن جا بيان،

"ڪنهن اوليا يا ڪامل جي صحبت ۾ هڪ ساعت ڪهارڻ، لاشڪ بهتر آهي سؤ سالن جي عبادت کان". پيٽ ڀڏي، ڪو وقت محويت ۾ رهيو. ٻوءِ ڏکو ايترو چيائين: "ڪاملن جي سنگ جي ڪيڏي نه مهما آهي! سچ! رهبريءَ لاءِ ڪو ڪامل ئي گهرجي". ڪڏهن ڪڏهن الهيءَ ئي رنگ جي سائين مختصر گفتار ٿيندي هئي ۽ اڪثر ڪنهن اسراري اثر ڪري سندس چهري تي هڪ عجيب ٻهاري نظر ايندي هئي. سندس نظر هر قسم جي جمال ڏانهن ڊوڙي آهي ۽ سندس اک هر مورت ۽ رنگ ۾ حق جي جلوي جو مشاهدو ماڻيو آهي. سندس سيني ۾ گلشن تيار ٿي ٿيو، جنهن مان ٻوءِ شعر جي صورت ۾ رنگا رنگي ۽ خوشبودار گل ٽڪري نروار ٿيا، جي هن دفتر کي سينگاريو بيٺا آهن ۽ جيڪي هر ڪنهن جي دل کي معطر ڪندا ٿا وتن. شاعر سچ ٿو چوي ته "شعر جو دفتر روح جو باغ آهي - جنهن جنهن اڳو ورق ورائيندين، تنهن تنهن نوان نرالا گل ڏسندين."

ٻوڏ صاحب گل تي مشتاق هو. "احوال گل جو" شعر مان سندس گل سان عشق ۽ آشنائي ظاهر آهن. گل، سو ٻن عذاب سهندي به پنهنجي خوشبوءِ هر جا ٽڪيڙيندو اچي ۽ پنهنجي خوش رنگيءَ سان هر محفل ۾ رونق جون سخائون ڪندو وڃي. سچي رهڻيءَ جو

سڪوت جو صاحب

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي

سوامي پوترراج جي سخن مان اهائي حقيقت عيان آهي ته سندس ضمير روشن هو ۽ قلب صاف ۽ سندس زبان مان اُهو ئي ٿي صادر ٿيو، جو سندس باطن ۾ سمايل هو. هو صاحب شخصي طرح ۾ نهايت نوراني لڳندو هو ۽ سڪوت (مانُ) جو سبق پوريءَ طرح مطالع ڪيل هوس.

سرپوسون سڪوت، جوڳيءَ سندي ذات ڪان

جڏهن منهنجي ساڻس پهرين ملاقات ٿي، تڏهن صرف ايترو چيائين ته "پارسيءَ ۾ ڪو اهڙو بيت ٻڌايو، جو روح کي راحت اچي". مون ڪيس چيو ته "اوهانکي پارسيءَ جي ڪهڙي درڪار آهي؟ اوهان ته اڳيئي صوفي ڪاملن جي رهاڻ جو جوهر جذب ڪيو آهي!" چيائين ته "ڪنهن ڪاملن لئي ئي ڪو شعر ٻڌاءِ". مون سندس خدمت ۾ روميءَ جو هي بيت پيش ڪيو:

يڪ زماني صحبتي با اوليا

بهتر از صد ساله طاعت بي ريا

ڀوڄراج ساهتيڪار

آسانند مامتورا

عيسوي ٻين صديءَ ۾ رومن سلطنت تي هڪ اُتم گياني راجا (Philosopher-King) راڄ ڪندو هو. هن جو نالو هو مارڪس آريلس. هو پنهنجي انتهڪرڻ ۾ جهاتي پائي، پنهنجن وچارن کي قلمبند ڪندو هو. سندس اِهي آئيوي آتم وچار جڳ پرسڌ آهن ۽ دنيا جي انيڪ ٻولين ۾ انهن جو انواد ٿيل آهي. سنڌيءَ ۾ به ”آتم وچار“ جي نالي ڪتاب ۾ اهي شايع ٿيل آهن. سليس ۽ سرل ڀاشا جي ڌاڳي ۾ هن پنهنجي جيون - انڀوءَ جا ماڻڪ، موتي ۽ لعل پوتا آهن.

سنڌي ساهتيه ۾ اهڙي قسم جي انوکي رچنا آهي ”سچو سائين“. ڀوڄراج ۽ مارڪس آريلس، برابر، هڪٻئي جا ثاني ڪينهن. مارڪس آريلس پشچمي گيان جو سهڻو گل گلابي آهي ته ڀوڄراج پوربي گيان ۽ پرمپرا جو ڪمل ڦول آهي. ٻنهي جو اُديش ساڳيو

گيان گل مان ئي ٿو پڙهي، جنهن بوڙ صاحب اعتراف ٿو ڪري:

ٻڌي احوال گل جو مون، چميو ٻهي چاھ مان اُلڪي،
ڪيو رهڻيءَ سندس مولڪي، سڄيءَ دنيا ۾ شرمندو.

حقيقت ۾ پاڪ ٻه ڀاڙيءَ وارو ڪشت سوهي گل وانگر سنائين ۽ پنيان پنهنجي ايڏي خوشبوءِ ڇڏي ويو، جنهن هاڻي ولايتون واسيون آهن ۽ جنهن سان منهنجي دوست ٽنورمل رامچنداڻيءَ پنهنجي دامن کي هڪ عطردان ڪري ڇڏيو آهي.

ڪٿوري خوشبوءِ سين، ولات سڀ واسي

ٻوڙ صاحب جو شعر اخلاقي ۽ معنوي موتين سان سرشار آهي جنجو نصيب ۾ تنکي ٿـي آهي پلئه پوندا.

مون کي اُميد آهي ته اسان جا عالم ۽ اديب هن تحفي جي دل وجان سان آجيان ڪندا.

وشيشتا سمجهندا هوندا، سا آهي هر اُوسر ۽ هر جاءِ نصيحت ڏيڻ ۽ اُپديش ڪرڻ. اوچ ساهتيه جو هڪ ڳڻ اهو آهي ته ظاهر ظهور ڪا به نصيحت نمودار نه ڪجي جيئن پڙهندڙ تي اثر اڻ سڌو ۽ اڻ لکو ٿئي. ٻيو جو منش ٻوڌ ڏيڻ پنهنجي جيون جو اُديش ٺاهي ٿو، تنهن ۾ اهڙيءَ ساهتيڪ ڪمزوريءَ کي نظرانداز ڪرڻو ٿي پوندو، ڇو جو ٻين کي ٻوڌ ڏيڻي، سندن جيون ساڌڪ بڻائڻ ئي ته هن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻايو هو.

هوندي ۽ سندن ڀڳ ڀومي (background) ٺالي هٿڻ ڪري، سندن درشن (فيلسوفي) ساڳيو ناهي. ڀوڄراج ڀارت ڀوميءَ جي پراچين ويدڪ سکيا ۽ آريه سمپردايه جو مجسم آهي ۽ سندس ساهتيڪ رچنائون بخوبيءَ اُن جي ساک ڀرين ٿيون.

ساهتيڪار صرف وچارن ۽ اُنهن جو پرچار ڪيندي. هن جي اک سندرتا جي پارکو به آهي. سونهن جا روپ ۽ رنگ هنجي هردي کي چورين ٿا ۽ اُن ۾ هوش جي لرزش آڻارين ٿا جا ٿي هنجي ساهتيڪ رچنا جي روح - روان ٿئي ٿي. ڀوڄراج جي سونهن - ڀرکـ، ڀاوَ جي جاڻ سندس ڪتاب "ڪشمير جو سير" مان پوي ٿي. ڪشمير جي بي نظير ميدانن، وادين ۽ پهاڙن جا سندر ۽ منوهر درشيه پسي هو وجد ۾ اچيو وڃي.

سندس آکاڻيون سرل ۽ سکياڏائڪ آهن، ۽ سندس ڪوتا جي وڏي وصف آهي اُن جي سلاست ۽ رواني. ڀارت جي پراچين سکيا هن پنهنجي ڪوتا ۾ منظوم ڪئي آهي. هن نه صرف ساڌارڻ سکيائون پنهنجي سرل، پر فصيح، ڀاشا ۾ ڏنيون آهن، پر ويدانت ۽ اُدويت جا گهرا وچار پڻ سليس ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيا آهن.

سندس ساهتيڪ رچنائن جي هڪ ٻي ڪمزوري جنهن کي سندس شش ۽ شردالو سندس ساراهه-ڀوڳه

خزاني کان محروم رهجي ويئي هجي.

اسان جي ساڳئي واري زماني ۾ هڪ اهڙي اعليٰ ساهتڪار ۽ مفڪر جو ڏٻيل دفتر اگر ڀاءُ لڇر رامچنداڻيءَ جي ڀلڻ نه پوي ها ته جيڪر ٻوڌراج جي ساهتڪ ۽ گيان جي خزاني کان سنڌي جاتي محروم رهجي وڃي ها ۽ هڪ اعليٰ شخص اتهاس جي گمناميءَ ۾ هليو وڃي ها ۽ سندس هيڏو سارو ساهتڪ خزانو هوند اڻ سڃاتل عالم ۾ ڏٻيو پيو هجي ها. پر گيان کي پاڻ پرڪاڻڻ جو به هڪ پنهنجو انوکو طريقو آهي. لڇرمل ڀارا ته اهڙي اڌڀت ڪرشمي جا صرف هٿيا آهن، نماڻا واهرو آهن.

ڪيترا سال اڳ ۾ جڏهين هن ٻوڌراج جي ادب جا ڀڳڪ پئي پيتا ۽ ٻين کي آچڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ته گهڻن جو ڌيان ان طرف ڪونه ٿي ويو. پر هن هڪ اٽڪ جوڳيءَ وانگر پئي جوڳ پچايا ۽ ويو هڪ پنيان ٻيو پستڪ پڌرو ڪندو. نه صرف ايترو پر هن لڳاتار عالمن ۽ اديبن جي دڙن تي "ٺڪ ٺڪ" ڪري ٻوڌ-سنڌيش جي پئي گهنڊڻي وڄائي، جنهن جو جهيڻو جهيڻو آواز آخر هڪ وڏو گهنڊ جو سر ٻڻيو ۽ سندس محنت ثاب پيئي. جيئن ويو هو ڪتاب ڇپائيندو، تئين ٻوڌراج جي ساهت جو منو سر ويو وڌندو ۽ خوشبوءِ ڦهلجندي ويئي، جن آخر ۾ گهڻن کي

ٻوڌ ساهت - هڪ سرسري نظر

ڪيرت ٻاٻاڻي

سنڌ ويدانت جي وادي ۽ تصوف جو سرچشمو آهي، جنهن انيڪ سنتن ۽ ساهتڪارن کي جنم ڏنو آهي. شاعرن ۽ مفڪرن جي هڪ وڏي قطار آهي، جا ساهتڪ آسمان تي گويا چمڪندڙ ستارن جيان پکڙي پيئي آهي ۽ هرهڪ ستارو پنهنجي جلوي سان نمودار آهي.

انساني اتهاس ۾ ائين به ٿيندو آهي جو ڪي ستارا جهٽ پٽ روشن نما ٿيندا آهن پر ڪن جو چمڪو ڏير سان ڦهلجندو آهي. خود سنڌي شاعرن جي نمونيءَ جي هڪ مورت - سامي پڻ ساهتڪ آسمان تي تڏهين چمڪيو جڏهين سندس ساهتڪ خزاني کي ڪن جفاڪشي ڪري کوليو ۽ ان کي گڏ ڪري دنيا کي ان جو مشاهدو ماڻايو. اتهاس ۾ ائين به ممڪن آهي ته ٿيو هجي جو ڪن سگهڙن جا داستان ۽ دفتر زمين دوز ٿي ويا هجن ۽ دنيا انهن جي بي-بها

دليون ٻالڪن جون ڪري پاڪ ٻهرين،
چڪيون ادب اخلاق جون اُت جڙيان مان
ڪري سون جهڙيون صفا صاف دليون
ڏين ٻولي پڳتيءَ سنڌو اُت جڙيان مان

ٻوڌراج جو ساهتيہ گهڻن ئي قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. سندس گهڻو حصو پڳتيءَ آلمواد ڏانهن مائل آهي. ٻر انهن هوندي بہ بيو ڪافي اهڙو ساهت آهي، جنهن ۾ اچي ساهتڪ سگهنڌ آهي. خيال جي گهرائي، زندگيءَ ڏانهن تنقيدي نظريو، ٻوليءَ جي خوبصورتي ۽ وچارن جي پختا وغيره - جملي خوبيون سندس لکڻين ۾ آهن. هت صرف ٻہ چار اهڙا مثال ڪافي آهن:

شمع ساڙي ٿي تن پنهنجو، ڏئي ٿي سوجهرو سڀ کي
اڙي انسان ٿيءُ اهڙو، پين لءِ خود جلايو ڪر.

صبح جو ٽڙيا گل، چمن منجهہ جيڪي
ڪومايل ڏٺم سي، جڏهين شام آئي.

نہ شيشو، صراحي، نہ پيالو ڀڃيو ڪج،
اهي ۾ ڪتيوال ليو ٻاڻ چڪچور.

ڪڪر آسماني بہ ڪارا آهن،
منجهن پاڪ پاڻي سمائي ڏٺم.

ڀنهنجي طرف متوج ڪري ڇڏيو. اڄ شري ڀوڄراج جو سنڌي ساهت جي اندر هڪ مقـــام قائم ٿي ويو آهي.

شري ڀوڄراج انهيءَ ڀيڙهيءَ مان آهي، جن ساهتڪ سرجڻ کي هڪ اعليٰ مقصـد حاصل ڪرڻ جو هٿيو جانو آهي، جن ساهت، وديا، گيان، فيلسوفي ۽ سماجڪ ڪلياڻ ٿورڙي آدرشواد کي هڪ ٻي هار جا الڳ الڳ مولي سمجهي، انهن کـــي پنهنجي ساهتڪ مالها ۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

١٩٣٠ وارو زمانو سنڌي کي جاڳ هوندي ڏ پارت ۾ آزاديءَ جي لهر ۽ سماجڪ اٿان جو هڪ طوفاني دؤر هو ۽ لڳ ڀڳ انهيءَ زماني ۾ سنڌي ساهت جو ڦوهارو ٻ پورو چلڪي پيو هو. هن دؤر ۾ اڌياڪن جـــو هڪ وڏو ۽ فخر لائق رول رهيو آهـــي. گويا هنن ٿي ساهتڪ ٿورڙي سماجڪ اٿل پٿـــل جـــي اڳواڻي ڪئي آهي ۽ ساهت جا گهڙا پريا آهن.

ڀوڄراج پڻ هڪ اعليٰ ۽ آدرشوادي اڌياپڪ هو. هو رواجي شخص نہ هو. وديا ۽ گيان (ڀئـــي روحاني ٿورڙي دنيوي) سندس لڪطين مان ٽڪي رهـــيـــا آهن. سندس جيون هڪ آدرشي جيون هئـــي ۽ ان کي ڪنهن اعليٰ اُديش کي اوپڻ لاءِ خواهان آهي:

سندس گهري اڀياس ۽ وشال درشٽي بابت هيٺيون ٽڪرو بس آهي:

"وديا جي وسيلي جوتشين آسمان جا اسرار معلوم ڪيا آهن؛ ڪن آلاپ ۽ آواز جا ڀيد ڀروڙي گاني جي علم ۾ ڪمال ڪيو آهي؛ ڪن انگن جو جوڙ، ڪٽ، ضرب ۽ ونڊ جي وسيلي حسابي علم ۾ اچرج جهڙي اُنتي ڪئي آهي؛ ڪن ڌرتي ۽ سمنڊ جي واقفيت ڪري جاگرافيءَ جو علم پيدا ڪيو آهي؛ ڪن گذريل زماني جي بادشاهن، بهادرن، عالمن ۽ عاقلن وغيره جي احوال مان واقف ٿي، تاريخ جو علم قائم ڪيو آهي؛ ڪن طبي تحقيقاتون ڪري جدا جدا مرضن جا علاج ڳولي، طب جو علم قائم ڪيو آهي؛ ڪن وري شعر جي وزن جي علم ۾ عجب جهڙي اُنتي ڪري، واڻيءَ کي رسيلو ۽ رنگين بڻايو آهي؛ ڪن عقل کي دليلن جي سلسلي ۾ وڌائي نياءَ ۽ ترڪ جو علم تيار ڪيو آهي؛ ڪن ڌرمي ڳالهين ۾ ماهريت حاصل ڪري پاڻ کي ڌرماتما جي پد تي پهچايو آهي؛ ۽ ڪن وري يوگ وديا جا طريقا معلوم ڪري انسان جي اندروني شڪتين جو ڀنڊار کولي ظاهر ڪيو آهي."

مٿين ٽڪري ۾ نه صرف هن صاحب جي وسيع اڀياس جو مشاهدو ملي ٿو پر سندس ٻوليءَ جي

خاص طور سندس مضمون نويسي ڪلاسيڪل دؤر جون سڪون تي لاهي. نثر سندس برجستو آهي، عالماڻو آهي. نه صرف ٻوليءَ جون سڀ خوبصورتون ۽ سگهڙتا ان ۾ سمايل آهي، پر خيال جي اڏام توڙي گهرائي منجهس آهي. ڪيترا مضمون اعليٰ ادب جا مثالي ٽڪرا شماري سگهجن ٿا. مضمونن ۾ جيڪا خاص خوبي لڳي ٿي سا اها ته انهن ۾ ناصحانو پهلو آهي ۽ خاص طور ننڍي ٽهيءَ کي انهن مان تراوت ملندي ۽ گهڻو ڪجهه پلئه پوندو، ڇاڪاڻ ته هو هڪ عالم پڻ آهي، جيڪو نئين زماني جي علم کان روشنا آهي، ان ڪري سندس لکڻيءَ جو وگيانڪ نظريو تمام چٽو آهي. گيان ۽ وگيان جو هڪ سندر ميلاپ آهي.
نثر جو هڪ مثال:

"علم هڪ گهوڙو آهي، شروع کان ئي جيڪڏهين هنکي لغام وجهي، همٿ وس رکبو ته عمر ٿائين مالڪ جي مرضيءَ موجب هلندو ۽ سونهن سکه ڏيندو؛ پر جيڪڏهين گهوڙو بي-لغام ٿي پوندو ته مالڪ کي پنهنجي پٺيءَ تان ڪيرائي تڪليف ۾ وجهندو."

علم کان اڳ پڙهه رسالو عمل جو،
ميڙي اٿئي پوڌ پيالو ڪمل جو.
سکيا کين گل ڏئي مگر ڏئي سگهندي،
نمونو اهو ڏس نرالو عمل جو.

موجود آهي ته هن صاحب جي وگيانڪ نظر هيٺ ڪري هن ٽڙم ۾ پاکنڊ، اَنڌ - وشواس ۽ ٽوٽڪي - ڦوٽڪي واري حرڪت کي نِنديو آهي ۽ انسان کي ڀرمن کان دور رهڻ جو نياپو ڏنو آهي: ان بابت ڪجھه بيت هيٺ آهن.

نه آهي دنيا ۾ ڪوئي ڀوت جن ڀيو،
تنهنجي من سڃي آهه رچنا رچائي.

——

نڪو گرهه گوچر، نڪا لڳت ٿئي ٿي،
آهي ڀولڙي من جي سڀ کيچلائي.

——

نه آشرم ڪل ڪٽنب موڻ ۾، نه آکهه ورڻ آهه موڻم
نه عامل "ڀوت" مان آهيان، نه پائيبند لاڙائي.

موڻ کي لڳي ٿو ته اچا ۽ ڪيترو ڪوجنيڪ ڀوتراج جي سموري ساهت جو جائزو وٺي هڪ مڪمل ليکه تيار ڪري ته سنڌس ساهت جون اچا ۽ کي لڪل خوبيون نمودار ٿي پيهنديون.

خوبصورتي ۽ وهڪ جو درشن ٻه ملي ٿو. ٻوليءَ جي رنگت لاءِ هڪ ٻيو هيءُ ٽڪرو پڙهي ڏسو:

"دنيا جي عزت سراسر مصيبت آهي، دنيا جو اقبال سراسر جنجال آهي، دنيا جو ڪمال سراسر زوال آهي، دنيا جي خيرخواهي سراسر يتائي آهي، دنيا جو اعتبار سراسر آزار آهي، دنيا جي ياري سراسر خواري آهي، دنيا جي هوشياري سراسر گرفتاري آهي، دنيا جي سڪ سراسر چڪ آهي، دنيا جي دلداري سراسر بيزاري آهي، دنيا جو کلڻ سراسر روئڻ آهي، دنيا جو جيئڻ سراسر مرڻ آهي، دنيا جو جاڳڻ سراسر سمهڻ آهي، دنيا جي بهار سراسر خزان آهي."

اهو زمانو سماج سڌار جو زمانو هو ۽ هر هڪ ساهتڪار لوڙي ڪوي اهڙي اوچ ڪاريه سان خيالي طور ٻڌل هو، ان ڪري ساهتڪ رچنائن ۾ سماجڪ سڌاري جا عناصر جان ٽان سرس هوا. اهو ساهت جو هڪ انگ هو. شري ٻوڌراج جو گهڻو لاڙو ڌرم طرف هوندي به، هو اهڙي سماجڪ فرض کان بي-مک ڪونه رهيو. سندس ڪيترو سارو ساهت ان سنديش سان ڀرپور آهي.

ڌرم ۾ وشواس، آدرشواد ۽ پاڻ ڪي مٽائڻ جا تتو ضرور آهن ۽ انهن جو پرچار شري ٻوڌراج جي ساهت ۾ پڻ آهي پر هڪ سندر حقيقت جيڪا ساڻ ساڻ انهن

سڀني خوبين جو ورنن ئي نہ سگهندو آهي. ڇاڪاڻ تہ ورنن ڪندڙ، صرف هڪ يا ٻہ ڳالهيون ئي ڏسي سگهندو آهي.

شري يوڳراج، جو عام طرح سوامي يوڳراج جي نالي سان پرسڌ آهي، **گياني ساهتڪار** آهي. جاڻ گهڻن ئي پرڪارن جي ٿئي ٿي. ان ڪري سائنس يا وگيان جا بہ گهڻي ئي نالا آهن. ساڳيءَ طرح ڪلا جا ڪيتر بہ انيڪ ٿين ٿا. شري يوڳراج گياني هو ان ڪري ساهتڪار ڪيس پنهنجي ڪيتر جو واسي ڪري نہ ٿا ليکين. ايشور جو نالو ونندڙن جا روپ رنگ ۽ ويس بہ اليڪ ٿيندا آهن پر ڇاڪاڻ تہ ڪنهن ايشور جي نالي ڪجهہ چيو يا لکيو آهي ان ڪري ڪيس "سنت" ئي سڏيو ويندو آهي!

انسان جي مدوراٿي بہ عجيب ٿيندي آهي. جنهن گل يا برسات جي سندرتا جو ورنن ڪيو ان کي شاعر سڏڻ کان ڪو نہ هٻڪنداسين پر جنهن گل کي سهڻو سڏي سونهن جي سَرَ (ٽلاءِ) جو ورنن ڪيو ان کي شاعر مڃڻ کان انڪار ڪنداسين! ان کي بس "سنت" سڏي پنهنجي جوابداريءَ کان ڇٽي وينداسين.

جيڪڏهن يوڳراج صرف ساهتڪار هجي ها تہ هو پنهنجو نالو لکڻ ۽ لکائڻ جو ضرور يتن ڪري ها. هو ڪو ساهتڪار ساهت جي ڪيتر ۾ پنهنجو نشان ڏسڻ

سرلتا جو سوامي 'ٻوٽ'

پوپٽي هيرانندڻي

شري يوڄراج لوڪومل واڌواڻيءَ جي جيون ۽ ڪاريه وچتر آهي. وچتر ان ڪري جو سنساري ماڻهن شخصيت ۽ ڪم جي ڪيتري ۾ ليڪا پائي يا سندا وجهي ڳالهيون الڳ الڳ ڪري ڇڏيون آهن ۽ هيءُ صاحب الڳ ۽ مختلف ڳالهين جو مرڪب آهي.

انسان خود هڪ سولي مشين نه آهي. انسان جي جڙت ۾ مختلف چيزون ڪم اچن ٿيون ۽ انهن چيزن جي ڳڻپ ڪرڻ بي انداز آهي - هيترا هڏا، هيترا ڏند، هيتريون رڳون ڳڻڻ بعد به جيو - خانا ۽ سنهڙيون نستون ڳڻي نه سگهيون آهن!

جڏهن هڪ شخص ٻئي شخص بابت ڪجهه لکي ٿو تڏهن پهريون شخص پنهنجي محدود سمجهه انوسار ئي ڪجهه چئي سگهي ٿو. ان ڪري گهڻي ڀاڱي اهي انسان جن جي زندگيءَ ۾ هڪ ڪان وڌيڪ خوبيون يا خصوصيتون اُڀري بيهنديون آهن تڏهن هن جي

آواز سان ڀڃاڙي ڪندڙ لفظ استعمال ڪرڻ جو شوق آهي. جيڪڏهن ڪو چوي ته ان ڪري ئي ڪيس اديبن جي قطار ۾ ويهارڻ نه ڏيو ته پوءِ ته اهڙا گهڻيئي ساهتڪار اُن قطار مان ڪڍڻا پوندا. جيڪڏهن چئون ته ٽولوڪيءَ جي ٽوٽو جي ڳالهه ٿو ڪري ان ڪري ساهتڪار نه آهي ته پوءِ ته ”سامي“ کي ٻـــ شاعر سڏي نه سگهبو.

ڀوڄراج هڪ ٻئي اديب جيئان لفظن سان راند ڪري ٿو، ڪين نچائي کڏائي پنهنجي مرضيءَ موجب اسٿان ڏئي ٿو. پر هو پنهنجي ٻڌي صرف ايستائين محدود نه ٿو رکي. ٻڌيءَ وسيلي هو سهڻين چيزن جي اندر ڀيهي سڀ اندر وسندڙ يا سيني کي خلقيندڙ کــي محسوس ڪرڻ جو يتن ڪري ٿو.

ڀوڄراج اسڪول ۾ ماستر هــو. اٺاويهه سال هــو حيدرآباد ۾ نو وديالي اسڪول ۾ پاڙهيندو رهيو هو. ان ڪري هـــن اصطلاح، ٻهاڪا، مضمون، سکيائون، شعر، الواد سيني لي قلم هلايو آهي. شعر ۾ ٻهاڪا ٻا چوٽيون قباڻ جو سندس سندر نمونو ڏسو:

هر ٻڙون ٿـو ٻڌي هڙ ۾
ٻتاشا گوڏ ۾ پنهنجي
پيو ڪـائي نڪر ٻلجي
هلي ٿـو ٿــوڙ ميرائي

۽ ڇڏڻ چاهيندو آهي. پر يوڳيراج ساهتڪار جي محدود پڙهي تائين محدود نه هو. ڪشمير جو سير ڪرڻ ويو ته قدرت جي وسيلن نظارن تي قلم هلايائين ۽ اُن لکڻيءَ کي هن پيا سندس شش "گيان ياترا" جو نالو ڏنو! يوڳيراج ان سير بابت لکي ٿو:-

"مونکي مٿيرو چڙهي نه جبل جي چوٽين تي چانديءَ وانگر چمڪندڙ برف جا قبا ۽ تاج نظر آيا."

اڳتي هلي هو نثر ۾ نظم جو رس ٿو وهائي:-

چوڌاري جبلن جو گهمسان نظر آيو. قدرت جي ڪمال جو شان نظر آيو. واهه! قدرت جي سونهن جو گلستان نظر آيو. سرڳ جي باغ جو گلدان نظر آيو. قدرت جي مانيٺي مرڪ جو نشان نظر آيو. هر طرف ايڪانت ۽ سنسان نظر آيو. نديءَ جي وهڪري ۾ لهرن جو جولان نظر آيو. پکين جي لاتين ۾ موليءَ جو تان نظر آيو. بن پن ۾ خماريءَ جو پيمان نظر آيو. ساوڪ ۾ سونهن جو طوفان نظر آيو. ماٿر جي ميدان ۾ سڳنڌ جو پکيه استان نظر آيو. بي خيالي جي موج ۾ مڪان نظر آيو. آتم مستيءَ جو مئخان نظر آيو. هر هڪ جيو پنهنجي امر هستيءَ جو نگهبان نظر آيو. تو تو ۾ تو لوڪيءَ جو سلطان نظر آيو. جت ڪٿ پنهنجو پاڻ نظر آيو......

هن لکڻيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن کي ساڳئي

جي سرل ٻولي ڪم آڻيندڙ کي داد ڏيڻ بنا رهي نه ٿو سگهجي. هڪ ته سنڌس لکڻي سکياداعڪ آهي ۽ ٻيو ته هو نهايت سولي ۽ صاف ٻولي ٿو استعمال ڪري ان ڪري رواجي سنڌي ڄاڻندڙ به سنڌس رچنا کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڪا دقت محسوس نه ٿو ڪري. سنڌس سکيائن ۾ سولي ٻوليءَ جا مثال ڏسو:-

جان ۾ آهه جان جيسين، نيم هرگز ڪين ڇڏ
ٿمي الٽ ڌرتي کٽي نه به نيم مرندي وير ٻار.

يا

ڪنڪ آٽو ڏهر ڦال برابر
رسي ان منجهان راج دل کي سراسر

يا

جو سوادن ۾ ٿي ٻيوس، ولهجي ڪاني گهٽو
صحت کي سالم رکڻ لاءِ، گهرج آهه ڪانجي.

بسو صاحب پنهنجي پستڪ سار ڪتاوليءَ ۾ سنسڪرت جي نيتي شلوڪن جو ترجمو اهڙو ته سهڻيءَ ريت پيش ڪيو آهي جو منجهائن اصليت جو هڳاءُ ايو اچي. سکيا سان گڏ ننڍڙيون آکاڻيون يا مثال ان

مگر ڪان آهه موڙ بهتر
نه توکي هٿ لڳڻ گهرجي
ڪري دنيا ڀنيان ڇرلو
تي توکي چاهنا تنهنجي

عام طرح اسڪول جا ماستر ۽ خاص ڪري ننڍن درجن جا ماستر ٻيٽل تلاءِ جيئان ٿيندا آهن ۽ پنهنجيءَ جاڻ جو دائرو وڌائڻ جي ڪوشش ڪندا ئي ناهن. ٻر هن صاحب سنڌي انگريزيءَ سان گڏوگڏ هندي ۽ سنسڪرت جو به ابياس ڪيو ۽ سنسڪرت ۾ لکيل ڪتابن ۾ اونهو وڃي سنسڪرت جا النڪار (Figures of Speech)، سکيا ڏيندڙ سلوڪ (ليئتي سکيا) ۽ ادنيتواد سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين.

ٻوجراج جو شعر سنڌي ٻوليءَ جي سرلتا جو نمونو آهي. مثلا:

اکين جو نور آهين تون ۽ دل ۾ جان تون آهين
نه دنيا ۾ ڏٺو مون ڪو سخي سردار تو جهڙو
منهنجي ننج جان جو جاني، پران ڪان آهين پيارو
هردي جي باغ ۾ گهرجي تو گل گلزار تو جهڙو

سچ پچ ته جنهن زماني ۾ شاعر ٻوليءَ ڪي ڏکيو بڻائڻ ۾ شرطون پڄائيندا هئا، اُن زماني ۾ هن نمونو

وجهي سگهون ٿا. ائين سمجهڻ سراسر ڀل آهي. ادب ۽ اديب جي ٻهرلن ٻوڪ آهي اڻڙت ۽ فضيلت. ڇاڪاڻ ويچار ساگر ۾ ته ايڪ ٻي ٻها موڙي ٿين ٿا. هڪ ٻـ موڙي حاصل ڪري ان جي مالڪيءَ تي ٻڏڻ سراسر ناداني آهي. مشهور سائنسدان نيوٽن يا اٽو شڪتيءَ جي ايجاد ڪندڙ آئنسٽن ٻنهي اهو خيال ظاهر ڪيو ته اصل علم جي اسان ڪروڙهين پتي ۾ حاصل ڪري نه سگهيا آهيون. ان ڪري اسين سمنڊ جي ڪناري تي ڪوڏ ميڙيندڙ ٻالڪ ٿي آهيون.

هڪ هنڌ هيءَ صاحب چوي ٿو ته:

علم طاقت آهي ۽ عمل ان طاقت کان ڪم وٺڻ جو نمونو. جيئن تلوار روپي هٿيار ٻاڻ ٻچائڻ ۾ تڏهين مددگار ٿئي ٿو جڏهين ان هٿيار جي صحيح استعمال جي ڄاڻ هجي ٺهڙيءَ طرح علم پڻ تڏهين لاڀ ڏئي ٿو جڏهين ان ۾ عمل شامل هجي.

ٻوڏ صاحب گيتا جي سکيا هن هڪ بيت ۾ ڏئي ڇڏي آهي:-

مالهي ڪڇي ٿو ٻوڏا سي ٿا لوان ٿي اڀرن
روشن اٿون ٿئي ٿو، جهولو ٿو ٿئي روانو.

ويدانت جو سار هن هڪ بيت ۾ ڏسو:-

اڳ، اپ، جل، پون، ڌرتي، پڙهي پترا اهي پنجئي
سڀي برهمانڊ کي هردم اندر پنهنجي ۾ پسداسين.

رهن ڳنڍيل آهن جو ڪو ڪشور يا ڪشوري پنهنجيءَ
ڪچيءَ عمر ۾ اهو پستڪ پڙهي ۽ عمر ڀر اهي سکيائون
سندس من لي اُڪري ويندئون ۽ هوءَ پنهنجي زندگيءَ
جو دنيا سان لاڳاپو پڻ گهڻي قدر سمجهي ويندو.
بولي، سکيا، وهنوار جو پڄ ان عمر ۾ ئي وڌي سلو
ٿئي ٿو. ان ڪري پيو ۽ لکي جيڪڏهين پوڙ صاحب
صرف سارڪتاولي ئي لکي ها تڏهين بي هوءَ ساراه
لائق ڪم ڪري ها.

سوامي ٻوڌراج جي شخصيت ٿوري لکڻيءَ جي
مکيه خوبي آهي ويچار شڪتي ۽ هن جي ويچارن جو
لت اهو ئي آهي ۽ علم سان گڏ عمل شامل ڪجي،
عقل ۽ ادب هميشه گڏ ويهارجن.

سکيا ڪين گل ڏئي، مگر ڏئي سگهندي
لمونو اهو ڏس اسرالو عمل جو.

پل علم ۾ "پوڙ" سڀ لوڪي مڃين لمبر اول
سکڻ جي ۽ ٻه ٽن ۾ پنهنجي لکيل رکه هر وقت تار.

هاڻوڪي زماني ۾ جيڪي عقل جا صاحب آهن
يعني جنکي خدا تعاليٰ ذهين بڻايو آهي سي سمجهندا
آهن ۽ اسين لفظن کي قلم جي نوڪ لي نچائي ٿا
چاڙون ان ڪري ڪمهنجي ٻ ڏاڙهيءَ يا چوٽيءَ ۾ هٿ

اعليٰ ساهتڪار سنت ٻوڌراج

ايشوري ٽي. جوٽواڻي
(واڊيا ڪاليج، پونا)

سونهاري سنڌ ۽ جي ادبي آڪاس جي آفتاب شاهه عبداللطيف سر سراڳ ۾ فرمايو آهي :

" لک ملهائي لنيا همهين ويا هزار
لوڪي آرس اڪڙين ۾. "

منش ڄاڻ مان سوامن روپي هيرن جواهرن کان به وڌيڪ قيمتي پونجي کٽي آيو آهي. پر جي هو مايا جو شراب پي دنيا جي مستيءَ ۾ مدهوش ٿي اهو خزانو کوهي ڇڏي ٿو ته ڪيس حقيقي سراف اڳيان بيحد شرمسار ٿيڻو پوندو.

جن سالڪن، عارفن ۽ اعليٰ انسانن پنهنجي دل جي دفتر ۾ هي اکر درج ڪري ڇڏيا آهن ته :

" وکر سو وهاءِ جو پڄي پرانهه ٿئي "

ان مان هو سائين ٻوڌراج.

۽ ادويتواد جي سکيا:

آهي هر شڪل لاثاني، ۽ هڪڙي ٿي ملي ٻئي سان
اهيءَ ادويت درشن سان، دلين کي مست ڪنداسين.

ان طرح ٻوڌ صاحب نه، وڏو پارکي فيلسوفيءَ جو اڀياس ڪيو آهي پر عمر خيام ۽ ٻين ڪن وچاروان شخصن جي وچارن جو نت پڙ جهٽيو اٿس. قدرت جي ڪتاب جو نه هر صفحو ۽ صفحي جي هر سٽ مطالع ڪيل اٿس:

وٺي قدرت جي مڪتب ۾ علم انءُ پڙهنداسين.
اَهم آلم صحيح سوچي، شو وهم سبق سکنداسين.

پڙهندي هئي تڏهين لڳاتار ڪيئن سندس پستڪ ”سچو سائين“ منهنجي هٿ لڳو. جئن اُن جا ورق ورائيندي ويس تئن حيرت ۾ حيران ٿيندي رهيس. چيم ڪاش ان اعليٰ اديب جو جيڪر درشن ٿئي ها مون کي ڄاڻ نه هئي ته ڪو هوُ صاحب ٻه هن دنيا کي گهڻو اڳ الوداع ڪري چڪو آهي. ليڪن فارسيءَ جو هڪ بيت آهي:

در سخن پنهان شدم مانند بوئي در برگ گل
شوق ديدن هرکه دارد در سخن بيند مرا

جئن گلاب جي سڳنڌ گل ۾ سمايل آهي تئن مان پنهنجي رچنائن ۾ عيان آهيان.

بيشڪ! مون نه فقط سندن هڪ ڪتاب ”سچو سائين“ جو اڀياس ڪندي سندس شخصيت ۽ علمي خزاني جو اندازو ڪندي سجدي ۾ سر جهڪايو. هر مضمون جيڪا ساهت جي هڪ خشڪ ۽ ڏکي شاخ ليکي ويندي آهي اُن ۾ به سائين ڀوتراج جي لکڻي مائيدار ۽ دل و دماغ کي فرحت ڏيندڙ آهي! ٻولي سرل ۽ سبڪ ٻڌڻي ۽ عبارت ۾ رواني ۽ دلڪشي آهي.

سنڌيءَ جي ساهتڪ ساگر ۾ اهڙا ته اڻلهه موتين روپي ساهتڪار سمايل آهن جن جي سولهوي سخن

ٻرهم گياني ۽ ودوان شاعري فيلسوف نوري۽ لماڻي۽ دادا واسواڻي۽ پنهنجي ڪلام ۾ هڪ هنڌ چيو آهي:

" آهه ملي نوڪي ڪنچن ڪايا
قدرت پورهيا ڪر نون سجايا "

پر وري ڪي آهن جي ست پُرکن ۽ آدرش واري ساهتڪارن جي مذڪور سخن کي سڻن ٿا ۽ سڻي جيون ۾ اُن جي ساکي ڏين ٿا.

اهڙن ورلن مان هڪ سائين پوڌراج.

هو صاحب نه فقط سنت ۽ ڪوي هو پر هڪ آدرشي اڌياپڪ ۽ اعليٰ ساهتڪار هو!

سندس نثر توڙي نظم ۾ جا خيالن جي گهرائي ۽ ڪلپنا جو پرواز آهي اُن کان متاثر ٿي سنڌ ولگر جي سچي سنت ۽ سماجڪ ڪاريه ڪرتا سندس لاءِ آکيو ته "هو ساهتڪ گگن ۾ هڪ چمڪندڙ ستارو هو."

بيشڪ پوڌراج صاحب ادبي چمن جو اهو لاثاني پشپ آهي جنهن جي ساهتڪ سگنڌ ۽ سونهن چمن جي حسن ۾ اضافو آڻيندي.

پاڪستان کان اچي نه مون سندس نالو ٻڌو هو نه ڀٽو هو پر ساڻيهه ڇڏڻ بعد جڏهن ڀارت ۾ واڌيا ڪاليج جي ماحول ۾ پنهنجي سنڌي ڀاشا پڙهڻ لاءِ دل پيئي

طرف متوجه ڪيائين جو گذريل آڪٽوبر ۱۹۷۴ ۾ سينٽ ميران جي ڪئمپس تي ميران هاء اسڪول ۾ وڏي پئماني تي، ٻوليا سنڌي ساهتيه سڀا طرفان ٻوڌ سيمينار ڪيو ويو. جتي شري ٻوڌراج جي ساهتڪ ذخيري ۽ گيان جي ڀنڊار جي انيڪ اديبن ۽ ساهتڪارن کي وڌيڪ ڄاڻ ملي ۽ سنڌس ساهتڪ گيان انيڪ ودوانن کي حيران ڪري ڇڏيو.

آدرشي اڌياپڪ ۽ اديب سماج جو هڪ مکيه جزو آهي. ڇو ته هو سماج کي ٺاهي يا بگاڙي سگهن ٿا. قلم تلوار کان طاقتور آهي. مائٽ ٻالڪ کي عرش تان فرش تي آڻين ٿا پر آدرشي اڌياپڪ ئي وديا جي ٻرن سان وري ڪيس فرش تان عرش طرف اڏامڻ سيکاري ٿو. ساهتڪار پنهنجي رچنائن سان انسان جي دلين تي زبردست اثر وجهن ٿا. سوامي ٻوڌراج نه فقط اڌياپڪ هئا پر آدرشوادي ساهتڪار. سنڌن ساهتيه ۾ ستيم، شوم ۽ سندرم جو درشن ملي ٿو. اهڙو ساهت سچ پچ انسان ذات جو هت ڪري ٿو.

فرينچ ليکڪ وڪٽر هيوگو جا وچن آهن ته هڪ سٺو اسڪول کولڻ سان سوين جيل خانا بند ڪري سگهجن ٿا.

ادب جي ارٿ کي سمجهائيندي پستڪن جي

جو تجلو ڪيترن جي قلب کي روشن ڪري ڪين پاڻ سڃاڻڻ جي رمز سيکاري ٿو، ۽ ڪڙو ڪو نوٻـو هجي جو اُن ساگر ۾ ٽٻي لڳائي! ڪو غـــرض وارو غواص ڪڍي جو ادب جي عميق ۾ اوڙهو وڃي اهي معنوي موتي ڪناري تي ڪڍي اچي؛ پوءِ ٿي لوڪن کي ڄاڻ پوي ٿي.

منهنجو مٺڙو ڀاءُ لڇمڻ رامچنداڻي اهڙن غواصن مان آهي، سندس لکڻ، لنوَ ۽ لڳاتار ڪوشش اها ٿي آهي ته ڪئن پنهنجي ڪامل ستگر جـــي اعليٰ ساهتڪ خزاني کان سنڌين کي واقف ڪريان. سندس انٿڪ ڪوششون ۽ اُمنگ مونکي ياد ڏيارين ٿا سنڌ جـــي بزرگ اديب ديوان ڪوڙيمل کلناڻيءَ جي، جنهن کي "سنڌي نثر جو ابو" ڪري ڪوٺين ٿا. هن صاحب نـــي محنت ڪري سنڌي شاعرن جي پـــرـــڌ نمونيءَ جي سامي جهڙي ويدانتي ڪويءَ جي سلوڪن کي گمناميءَ جي عالم مان آڻي عيان ڪيو! سندس اها شيوا سنڌي جاتيءَ لاءِ فخر جو باعث آهي. ڀاءُ شري لڇمڻ رامچنداڻيءَ جون به انٿڪ ڪوششون پنهنجو رنگ ڄمائي رهيون آهن. ڪئن نه ليکڪن ۽ ساهتڪارن، درويشن ۽ ڪوين، عالمن ۽ عارفن، پـــروفيسرن ۽ ودوانن وقت ور ور وڃي سندن در تي پوڄ ساهت جي سڪ هٿندو رهيو آهي ۽ نيٺ سندن ڏيان اهڙو ته ان

نُڪتي ۾ لڪيڙا ٻه ارٿ ۾ اولهو ۽ اٿاهه، گويا "ٻندوءَ ۾ سنڌو" سمايل آهي. ويٺو اُن لِي ويچار ڪر.

هڪ هنڌ لکي ٿو "جيڪڏهن جبل وانگر ماڻهن ۾ پير پختا کوڙي وهين ته تنهنجي عزت جي چوٽي آسمان ۾ وڃي پهچي!"

۽ وري ٻئي هنڌ فرمائي ٿو

بيڪار جي بدن ٿئي، بي قدر جي دنيا ٿئي
کولي صفحو صبر پڙهه هر هر ڪتاب دل جو
پيا
ڪري شمع نيڏي لئي ڪيئن راهه روشن
ڇتائي اهو ٿس اُجالو عمل جو

حق لي منهنجي مائيور اُستاد سنڌي ساهت جي وِدوان شري ڪليانڻ آڏوائڻيءَ ڇپيو آهي: ٻوڌ صاحب جو شعر اخلاقي ۽ معنوي موتين سان سرشار آهي. جن جو نصيب ڪن ڪي آهي ٻلڪه ٻولدا. اندڪار ۽ اصطلاح جي ادب جو سينگار آهي ڪن سان انهن جهنجهي ٻيٺي آهي جن ڪا نوورلي دلهن مطين سان جهنجهيل هجي.

ٻوڌ صاحب جون رچنائون الندر ۾ الاهه اُلساهه ۽ اُجهل اُچل پيدا ڪن ٿيون ۽ طالب جي لسن ۾ اهڙا طلب اُٿارين ٿيون جو هو مطلوب سان ملڻ لاءِ انهن

مھما ڪندي ٻوڌ صاحب ھڪ ھنڌ لکيو آھي: ”وڏي بادشاھيءَ کان بہ بھتر آھي سکياداڻڪ ڪتابن جي سنگت، ڇو ت چڱا ڪتاب نہ فقط دوستن وانگر دل وندرائين ٿا، بلڪ رھبر بڻجي مشڪلاتن مان ٻاھر نڪرڻ جي واٽ ڏيکارين ٿا. ڪتاب جا سونھري ورق دل“ جي دفتر تي چٽجي جيون جي باغ ۾ بھار آڻين ٿا. ھڪ ٻئي ھنڌ صحتمند ساھت جي اپياس بابت چوي ٿو:

جھڙي طرح ساڻ ڪاٺ کائجي ٿو، ھوا خوري ڪجي ٿي تيئن ڪتابن جو مطالع ڪرڻ گھرجي. دنيا ۾ قيمتي ۾ قيمتي شيءِ آھي ادب يعني ڪتاب!

ٻوڌ راج صاحب جا بہ ڪيترا پسندڪ ڪھڙين دلين لاءِ علحدي فوائد جو ڪم ڏيئي سگھن دماغ لاءِ مفيد معجون ميسر ڪرين ٿا.

ھونئن بہ ”ڪجھيءَ کنان ورتا نہ پکيءَ کڻي ورندا.“

سندس لکڻيءَ ۾ ڪا تخيل جي گھرائي آھي! وقت ھجيم تہ ھوند سندس ساھتڪ خزاني مان ڪي سخن پڙھندڙن لاءِ حوالي طور پيش ڪريان! ھو اپنشدن جو اپياس ڪندو ھو تنھن ڪري سندس سخن سنسڪرت جي سوٽن وانگر آھن، جي

سهڻيون تشبيهون ڏنل آهن ۽ دلڪش درشٽانت ۽ ڦيلسوفاڻا نڪتا درج آهن. تحقيق سندس پير فرش تي هوندي به انجام عرش ڏانهن هئي.

ٻولي سادي ۽ سرل هوندي به ان ۾ جيڪا پختگي ۽ رواني آهي سا بي حد تعريف واري آهي.

ڀاڳ وارو آهي ڀاءُ ٽڙمل ۽ سڀاڳو آهي اهو گرو جنهن کي اهڙو شش مليو جنهن جي اندر ۾ اوڻهي عشق جي چڻڳ لڳي آهي جو سندس سيني ۾ جڏهن ستگرو جي سڪ جي ٻوڏ ٽي اچي ته هو سهڻيءَ جيئان دهشت ٻوڏي درياه ۾ ساهه جو سانگو نه ڪري ٽپيو ٿو پوي. سسئيءَ جيئان ڏونگر ڏاري پنهنجي پنهل کي پهچڻ لاءِ ڪشت ڪاٽي ٿو. سو به هن زماني ۾ جڏهن اساڻجي ڀيڪڙ ٻولي هڪ عجيب ڪروڪيٽو ۾ ڪُڙي آهي، تڏهن شري ٽڙمل ا. فقط ڏن سان ليڪن ڏُن سان پنهنجي اُديش کي لڳو آهي.

سسئيءَ جيان
ڏتيءَ تڏيءَ ڪاهه ڪاڻهي و ٻل وهڻ جي!
هوڪن ته

سکيا ڪونه سمند ويا
ڪين انهن کي نه هولي مليا
نوري لعالي

ٻي ڪتاب ڇپيو ھون جيئن ٻور ٽماسيءَ جي رات ۾ شاھہ سمجهه.

سنت ٻوڌ راج انيڪ ڪتاب لکيا آهن. اُنهن مان هڪڙو جنهن منهنجي دل ۾ سنڌس لاءِ اٿاهه شرڌا پيدا ڪئي آهي اهو آهي 'سچو سائي'. اهو پستڪ هرڪنهن گهر ۾ رکڻ جهڙو آهي. سنت ٿامس جي ڪرسٽ جي پيرويءَ جيان وچن طور يا ڌيان ڪرڻ جهڙو آهي. فخر جي ڳالهه اها آهي جو سرڳواسي پروفيسر لعل سنگهه اجواڻيءَ جهڙي اعليٰ اديب ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري نه فقط سنڌي ساهتڪار جو مان وڌايو آهي پر وشو ساهت کي هڪ سندر سوغات ڏني آهي.

اهو پستڪ ڪيترو نه لاڀدائڪ ۽ گيان جو ڀنڊار آهي اهو ان مان پڌرو آهي ته الهيءَ پستڪ جون هڪ لک ڪاپيون نه فقط ڇپيون آهن جدا جدا ڇاپن ۾ پر نيڪال ٿي چڪيون آهن جو نه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڪتاب جون ڏهه هزار ڪاپيون وڪامڻ هڪ حيرت ڀريو واقعو سمجهيو ويندو.

اهو پستڪ حقيقي معنيٰ ۾ منش جو سچو سائي ۽ سچو مددگار آهي. سنڌس ان پستڪ جي اڀياس مان مولڪي اٿين لڳو نه هن صاحب اليو جي عميقيءَ ۾ نه ڄاڻان ڪيترين گهڙين ٽٻيون ڏنيون آهن. ڇاله

ايشوري مورتي

تيرٿ سڀاڻي

منهنجو وشواس آهي ته جو انسان ايشوري گڻ (ستيه، پريم، ڪرڻا، ڪميا وغيره) گرهڻ ڪري، انهن کي سمپورڻ ريت عمل ڪري ٿو ۽ اوگڻن (استيه، ڌڪار، وير ولجهه، حسد، ساڙو، اهنڪار، ترشنا، ڪروڌ وغيره) کان آجو آهي، سو ايشوري مورتي آهي. سوامي ٻوڌراج جي مضمون، آکاڻين ۽ ڪوتائن مان پرسڌ آهي ته سندن جيون آدرشي، اهڙي ۽ بي داغ هئي. گڻن جو ڀنڊار هو ۽ اوگڻن سان الوداع ڪري چڪي هئائين. ان ڪري لاشڪ هو ايشوري مورتي هو.

گهڻا مهاپرش اڪثر ڪري گيان يا ڀڳتيءَ تي زور ڏيندا آهن، پر سوامي ٻوڌراج گيان ۽ ڀڳتيءَ سان گڏ ڪرم تي به ڪافي زور ڏنو آهي. چيو اٿس: "گيان آهي پيڙهه، ڪرم آهي عمارت جون ڀتيون، ڀڳتي آهي عمارت جو سندر صفحو. هي ٽئي! الهيءَ موهيندڙ

انيو، نرمل جي جيون جو جڙ اهو آديش ٻڌي پيو آهي، تحقيق هن جيون لي ڪڙو ٻڌاءُ آهي.

آهي زندگي خالي انين
ٻڊٻڊو پاڻيءَ لسي جيئن

لڳاٽان اُچتو جي ڪال جو جهوڙڪو آيو ۽ پوءِ

متان نہ ملي مون وري ڪو موقعو
ڪري پرچار پرڀو جي ساهس جو
ڪريان شل فرض ادا ڳرڻو جو!

———

ٿي پوي، پر جي پاڻکي نه سڃاڻي، رڳو ڪرتوت سڌاري نه ته ديوالا ٿي پوي ٿو؟ جي الهه پنهنجي مان ڪجهه به نه ڪري ته مٽيءَ جيترو ملهه به نه لهي.“

مٺو ڳالهائڻ

رڳو مٺو ڳالهائڻ کي به هُن وڏو ملهه ڏنو آهي. چيو اٿس: ”ماڻهوءَ ۽ ڍورن ۾ تفاوت اهو آهي جو ماڻهو ڳالهائي سگهي ٿو ۽ ڍورن ڳالهائي نه ٿو سگهي. پر ماڻهو جيڪڏهن هروقت مٺو ڳالهائي ته ملائڪن کان به مٿي ٿي پوي. جي تنهنجا دوست تنهنجي ڳالهين کي ٻڌي خوش ٿيا ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي؟ جڏهن تنهنجي ڳالهه تنهنجي دشمن کي خوش ڪري، تڏهن چئجي ته توکي ڳالهائڻ جو ڍنگ آهي.“ ”نمي هلڻ، مٺو ڳالهائڻ ۽ وندي ورچي کائڻ، اهي ٽي ڪم ماڻهوءَ کي ايشوري پد تي پهچائين ٿا. پڇيم ته ڀڳوان کي راضي ڪرڻ جو مول منتر ڪهڙو آهي؟ چيائون ته مٺو ٻولڻ. چو ته مٺو ٻولڻ سان خلقت راضي ٿئي ٿي. خلقت جو راضپو ايشور جو راضپو آهي.“ ”هي داناءَ! پنهنجي وچن جي وٽ کي ميناج جي موم سان سٺو ڪر ته تنهنجي هرهڪ سخن سان شمع وانگر سوجهرو ڪندو رهي.“

چڱا لڇڻ ۽ نيڪي

چڱن لڇڻن جو ذڪر ڪندي چيو اٿس: ”ڪاغذ

محلات ۾ خوش گذار."

ڪرم کي هن ڏاڪڻ سان ڀيٽيو آهي. اسان کي چاڙهي آهي ۽ ڏاڪڻ ڏاران عمارت ڀي ٿي ڪاڻ سگهندي. ٻئي هنڌ چيو اٿس: "جيئن جيئن ڪرم ڪري رهيو آهي، تيئن جيئرو آهي، جڏهن ڪرم ڪرڻ ڇڏي ٿو، تڏهن مردو آهي." "اهو گرهستي جو دل جي صفائي ۽ سرهائيءَ سان پورهيو ڪندو رهي ٿو، سو سچي سنياسيءَ کان مٿي نه آهي ته گهٽ به نه آهي." "جيوت کي ڇهن مٽين سان سينگار ته تنهنجي سونهن سرڳ جي پرين کان به سرس ٿي پوي: ١. پريم ٢. نمرتا ٣. شيوا ۽ ٤. ڌيرج."

سڌا ڪرم ماڻهوءَ جو ماڻهپو

سڌا ڪرم آهن ماڻهوءَ جو ماڻهپو. سوامي جيءَ چيو آهي: جواهر جي قيمت سندس آب تي مدار رکي ٿي، ماڻهوءَ جي قيمت جو مدار آهي سندس ماڻهپي تي. لوڪ حورن ۽ پرين کي ساراهين ٿا، پر مان سارهايان ٿو ماڻهوءَ کي - ماڻهو آهي ته مٽيءَ جي مٺ، پر ماڻهپو کيس ملائڪن کان مٿين منزل تي رسائي ٿو.

ڪرم جي اهميت جو ذڪر ڪندي چيو اٿس: "ماڻهو جيڪڏهن پاڻ کي سڃاڻي ته پرماتما جو روپ

"علم ڪان گهڻو ٻڙهه رسالو عمل جو،
مليڙو انيشي دوسمن، پيالو عمل جو
نه ورق وراڻ مان ڪامل ٿيو ڪو،
ٻڌائيج پنهنجي دل، وڏيالو عمل جو."

ٻئي هنڌ چيو اٿس: "جنهن جي دل ۽ زبان ٻئي هڪ آهن، سو صاف دل آهي. صاف دل ٻو مالما جي درشن جي درستي آهي."

پيار

پيار جو ذڪر ڪندي چيو اٿس: "دل کي پيار سان ڀر. پيار اهڙي ابهوري جوت آهي، جا اک ڇنڀڻ ۾ دک کي مٺائي سگهه ڪري ڇڏي ٿي." "سڀني جي دلين ۾ پنهنجي رهڻ جي جاءِ جوڙ. ماڻهن روهي ڪلن ۾ سگهڻ وانگر سمائجي رهه. دنيا ۾ پنهنجي لاءِ ڪو عمدو محلات اڏائڻ نه چاٿي پيو! لوکي انسان لڏهن جنجي، جڏهن ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي رهڻ لاءِ محبت جو مڪان اڏهين."

ٻمبئي
٦-١٠-٧٣

جي گل ۽ باغ جي گل ۾ فرق اهو آهي ته ڪاغذ جي گل ۾ سڳنڌ ڪانهي. ماڻهو جنهن ۾ ادب ۽ مروت نه آهي، سو ڪاغذ جي گل وانگر آهي. ماڻهوءَ جي سونهن نه شڪل تي مدار رکي ٿي، نه زيورن تي، پر لڇڻن تي." پرڀوءَ در پرارٿنا ۾ چيو اٿس: "فضيلت ڏي، نمرتا ڏي، سمجهه ڏي فرض پالڻ جي، قوم جي پيار سان ٽانءُ اسانجي دل جو ڀن ڀن ڪر." "حياليءَ جي وڻ جو ڦل نه آهي دولت، نه علم، نه عقل نه اولاد- ليڪن اهو ميوو آهي، جو حياليءَ جي وڻ کي امر ڪري ٿو."

ٻئي هنڌ چيو اٿس: "ڏينهن اهو چڱو، جنهن ڏينهن چڱا ڪم ڪجن، کاڌو اهو چڱو جو ونڊي ورهائي کائجي، پئسو اهو چڱو جو غريبن جي ڪم لڳائجي، علم اهو چڱو جنهن مان نمرتا پرائجي. چاهي ڪو چار ويد، ڇهه شاستر ۽ ارڙهن پراڻ ڪٺي پڙهي، پر جيڪڏهن رهڻي نه ٿو رهي ته اهو اهڙيءَ طرح آهي، جيئن روشنيءَ بنا بتي يا جيئن ساهه بنا سر. جي سچائي هجي ته زبان ۽ دل يعني ڪهڻي ۽ رهڻي ٻئي هڪ ٿي پون. سچائي اها سڙڪ آهي، جنهن تي ڪابه مصيبت ڪڙڪي نه ٿي سگهي. جو پڙهيو پر ڪڙهيو ڪين، سو الهيءَ وانگر آهي، جنهن پٺي ٻوڪي پر لٺي ڪان."

ٻڌجي. انکان چڱڪاري جو سرٽيفڪيٽ نہ ڪو اڳي وٺي آيو نہ اڳتي ڪو وٺندو. ان وهڪري کي وهندو ڏسڻ ۾ ئي مزو آهي. ان وهڪري سان گڏ وهندو رهڻ ۾ جو آنند آهي اهو انهن کان پڇو جن ان کي ماڻيو آهي.

حيدرآباد شهر جي انهن قدرتي نظارن سان گڏوگڏ ٻلڪ انهن کان بہ وڌيڪ ياد اٿم اهي گهڙيون، اهي پل، اهي گهنٽا ۽ اهي ڏينهن جيڪي مهاپرشن، سنتن مهاتمائن جي سنگ ۾ آئي گذاريم. سوامي ٽيوتراج صاحب بہ انهن مان هڪ هو. سندن ڳالهين کي ياد ڪري اها چس جي پرسنتا ۽ من جي موج جا سندن سنگ ۾ ملندي هئي ور ور ڪري پيئي اچي سامهون بيهي. ڪير اهڙو ڪفر جو ڪلام ڪڍڻ جي همت ڪندو نہ هو هليا ويا؟ هليو ويو سندن پاڇو جنهن کي سولو نٿا ڇهون. هليو ويو سندن نام ۽ روپ، پر سندن آتما، سندن اها شڪتي جا وشو جي وهڪري کي وڪاس جي طرف وڌائي رهي آهي، اها سندن نام روپ کان اڳ موجود هئي ۽ اڄ بہ موجود آهي. فقط اسان جهڙن مورک ماڻهن کي سمجهائڻ لاء نام روپ ڌاري آيا هئا. ان لاء نہ اسين سندن شڪتيءَ، گيان ۽ جوتيءَ مان وڌيڪ لاڀ وٺي سگهون.

ياد اٿم اهي اوائلي ڏينهن جڏهن هڪ نوجوان ماستر

اُهي مٺڙيون يادگيريون

پروفيسر اُڏارام آسراڻي
(بنارس هندو يونيورسٽي)

ياد اٿم اُهي پرڀات جا پهر، جڏهن ڪاري ڦردي واريءَ پل تي ٻيهي ڦليلي واهه جو هلڪو هلڪو وهڪرو جاچيندو هوس؛ اُن ۾ وراٽ پرش جي هن وهڪري کي جو سنسار ٿو سڏجي، پيو پسندو هوس. ياد اٿم اُهي شام جا وقت جڏهن هيرآباد جي ٽڪريءَ جي ڇيڙي تي بيهج تي وهي تيز طوفاني هوا جا مزا وٺندو هوس. سورج ديوتا به پنهنجو سون جو گولو کڻي بهادر ڌاڙيل وانگر بنا ڪنهن خوف جي آهستي آهستي اُفق جي پردي اندر غائب وڃي ٿيندو هو. اُهو سورج جو صبوح جو نرمائيءَ سان نڪتو، منجهند جو تيز تاءُ ڏيکاريائين؛ هاڻي ڇپري ڪري ماٺ ۾ ٿي ويو. ماٺ به اهڙي جو سڄي مخلوق کي پنهنجي نشي ۾ ڌيري ڌيري ويڙهيندي ويئي. انسان به اهڙيءَ طرح پيدا ٿئي؛ جوانيءَ جي ڦوهه ۾ تاڙ سان مڇون ڇنڊي، آخر هڪ ڏينهن رمندو رهندو. اهو قدرتي قاعدو ٿو ڏسجي. هي وهڪرو اڳاڻ، اپار، اگم؛ ٻي الک ٿو

جا هڪ نائب ماستر هئا، ڪا بي. اي. ۽ پاس ڪاله ڪٿي هئائون، پر مڙس جي قلم توڙي ڪلام ۾ هڪ عجيب توفيق هئي. "پريم" نالي ماهوار اخبار سنت ڌرم مندر جي طرفان ڇپجڻ لڳي. ان ۾ به مهنت پوتراج جن جي. سوامي هيمراج صاحب جن جو سهڻو ڪتاب "گلزارمناني" اردوءَ مان ترجمو ٿي "آتم ڦلواريءَ" جي نالي سان پرسڌ ٿيو. ان ۾ به پوتراج جن جو پرشارٿ. اهڙيءَ طرح ٻيا به گهڻائي لکڻ پڙهڻ جا ڪم ڪين ڏنا ويندا هئا. صبوح جو سندن گهر وچ لڏهن به اپياس ۾ وينا آهن. پاهران دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ نه ماستريءَ جو ڌندو پر سچ پچ هڪ ئي ڌندو. صبوح سانجهيءَ، ڏينهن رات، هفتي جا ست ئي ڏينهن، سال جا پارهن ئي مهينا فقط محبوب جي محبت ۽ محبوب جو نظارو، يا پوڄڻ جو پسڻ يا پوڄڻ جي پچار؛ پوت ٿي تلاو ۾ غوطا يا پوت جو پاهر ڇٽڪاو. پوت ڪان سواءِ ٻيو سڀ ختم.

سندن شاگرد به سندن مٿان اُڪن ڇڪن. مان ڪين هڪ به دفعو اسڪول ۾ به پڙهائيندو ڏٺو. سندن پيار جو سلوڪ ۽ سندن سمجهائڻ جا سهڻا طريقا، سڀني سٽن ڇوڪرن لاءِ هڪ زوردار چمق هئا. ڪي شاگرد ڪين شام جو به نه ڇڏن. شام جو سير ڪرڻ لاءِ ٻـ مندر ۾ اچن. جتي ٻيا ستسنگي ساڌن سير ڪرڻ لاءِ

يوجراج شام جو روز اُپرالدي ڪچي ۾ هڪ ماڙيءَ تي ننڍڙيءَ هڪ جاءِ ۾ سٽڪون جي پستڪن مان ڪجهه حصا چوالدي انهن تي اُپديش ڪندو هو. سڀني ستسنگين جون اکيون اُن نوجوان ۾ هيون. بيشڪ سوامي پرمانند صاحب جن جي اُپديش ۾ پنهنجون خوبيون هيون. هو وقت لي وچ وچ ۾ آڪاٽيون ۽ چرچا به آڻي اُپديش کي مصالح دار بڻائيندا هئا؛ پر هن ماستر صاحب جي ڳالهيءَ ۾ هڪ نئون مٺاس هو. سمنڊ جي لهرن وانگر ڪڏهن لهي ڪڏهن چڙهي؛ وچ وچ ۾ سنڌي بيت، ڪوتائون ۽ مثال انهين پيو وهڪرو وهندو هو جڻ ڪو اگاڌ خزانو سندس پوئتان هروقت موجود آهي. ماستر يوجراج چوندو هو ته ستسنگ جي جاءِ وڏايو ته ستسنگي به وڌندا ويندا؛ ستسنگ جو ميدان هميشه پوبل رهندو.

ائين ئي ٿيو. اُپرندي ڪچي وارو ست ڏوم مندر ٿهي تيار ٿيو. اهو ڪشادو ۽ اُگهڙ به ستسنگين سان روز پرجي ويندو هو. سوامي پرمانند صاحب جن به سندن مٿان خوب مهر جي نظر ڪئي يوجراج جي بدران سندن نالو مهراج جن پرتراج ڪري رکيو. پوت جو راجا؛ گيان جو راجا؛ سمجهه جو راجا؛ پروڙ جو راجا ۽ عقل جو راجا. هو اهو سڀ هئا ۽ ان کان وڏيڪ به هئا. ماڻهن جي ڏسڻ ۾ ته اجا ڪاڻين نوودياليه هاءِ سڪول

پرمانند صاحب جن جي غيرحاضريءَ ۾ سندن چداڪاشي ستسنگ کي نہ فقط هلائيندو هو بلڪ ان جو اثر هرروز وڌائيندو رهندو هو. سندس سرير ۾ ٽوٽي سندس ٽوشٽيءَ ۾ سندس ڳالهہ ٻولهہ ۾ عجيب ڪشش هوندي هئي. جي ستسنگي فقط ستسنگ وقت سندس اپديش ٻڌي پوءِ ٿي ويندا هئا تہ اسان بہ ستسنگ ڪيو آهن گويا ڪجهہ نہ ڪيو. الهيءَ ڪلاڪ ڏيڍ ڪلاڪ جو اثر سڄن سارن چوويهن ڪلاڪن جي زندگيءَ تي ڪهڙو رهي سگهندو. خير ڪجهہ نہ ڪرڻ کان اهو بہ ڏايو ستو ۽ پر سچو ستسنگ هڪ ٻي وٿ آهي. اهي ستسنگي ۽ اهي سڪول جا شاگرد جن کي يوگيراج سان خاص محبت ٿي ويئي هئي اهي ٿي سچو ستسنگ ماڻيندا هئا. ڪين سارو ڏينهن نہ ڇڏيندا هئا. اڃا ڪم زندي مان فرصت ملي ناهي تہ هل يوگيراج جن جي خدمت ۾ هڪ ٻولڊ ڏيئي مان جتن انيڪ وسامپل ڏيئا هڪ هڪ ڪري روشن ٿيندا ويندا آهن تئن ڪين اهائي لالسا هميشه رهندي هئي تہ من اسان تي بہ ڪنهن ڏينهن مالڪ جي مهر ٿئي ۽ اسان بہ ان جوليءَ سان لڳي جوت حاصل ڪريون. رنگ لڳيندي لڳيندي تي لڳندو آهي. يڪدم ٿورو ئي لڳندو آهي.

رنگ لاڳيت لاڳيت لاڳيت هي
پرم پاڳيت پاڳيت پاڳيت هي.

اکون ٽٽن هي ڇوڪرا ٻه گڏ هلن. خوب ڳالهيون ڪن. ڪرم جون، اخلاق جون، يوگ جون ۽ گيان جون، خوب چرچا گهڻا ٿين. قدرت جي نظارن کي ڏسي قادر جون يادگيريون ٻه سامهون اچن.

لالي ميري لال ڪي - جت ديکان تت لال
لالي ديکڻ مين چلي - مين ڀي هو گئي لال.

ٻه سٽون ٿان موٽي اچي مندر جي ڇت تي وري هڪ ٻيو ڪلاس لڳي.

هيمڪ مندر ۾ پڙهن ٿي رهيو آهي. ٻاجو ۽ ڏکڻ ليار ٿي رهيا آهن. پستڪ اچي ويا. ڀتيون ٻري ويئون. پڙهڻ وارا به اچي ويا. ٻڌڻ واري خلق به ڪٺي ٿي وئي. ٻه ٻوڌراج جن ڪٺي آهن؟ اڄان ڪڏ تي سندن ڪلاس ٿو هلي. ڀاڻ آسن ڪن ۽ پراڻايام ڪن. ڦوڻ ڦوڻ جون ڏمڙيون پيئون هلن. ڪي ڇولڊ ستسنگي به ساڻن اهن آسن ۽ پراڻايام ۾ سندن هدايت مطابق شامل ٿين ٿا ۽ ڪي سندن شاگرد به ٻوڌراج مان بدلي ستسنگي کين يوگيراج ڪري ڇوڻ لڳا.

ڇوندا آهن ته يوگي ۽ جو چهرو پاڻهي ٻيو چمڪندو آهي، ٻه جنهن مڙس جو سرٻو ٿاهوڪو ۽ قداور، منهن گول ۽ خوبصورت اکي ٿي هجي تنهن تي جو وري يوگ ودّيا جي جوت جو تجلو ٻوي ته کهڙو نه ليز ڀهڪندو هوندو. اهو هو نوجوان يوگيراج جو سوامي

۽ هميشه مست رهندو آهي. ان جو مثال هي يوگيراج
ڀاڳ ٿي ڏيکاريو هو:

هر آن هسي، هر آن خوشي؛
هر وقت اميري هت بابا
جب عاشق مست فقير هوئي؛
ڦر ڪيا دلگيري هت بابا.

سوامي پرمانند صاحب جن جولي جوت سمايا. حيدر آباد جي ڪيترن ئي ستسنگين لاءِ يوگيراج جي سوڀو ۽ سوامي يوڌراج صاحب جن پرگهٽ ٿيا. ستسنگ ۽ اپياس ٿيڻ لڳا. قلعي ۾ مندر ٺهيو. سندن پنهنجي قلم جا لکيل ڪتاب مشهور ٿيڻ لڳا، "سچو سائي" ڪيترن ئي ستسنگين جو سچ پچ سچو سائي بڻجي سندن دل ۾ روحانيت ۽ زندگيءَ ۾ راحت آڻڻ لڳو. سندن ٻاڻي، سندن بيت ۽ سندن ڪولائون ماڻهو ياد ڪرڻ لڳا. سندن رچيل ناٽڪ اسٽيج تي اچڻ لڳا. ڪي ڪاڻس دوائون وٺي وڃن ۽ ڪي دعائون. ڪي پنهنجي من جي مونجهارن جو علاج پڇڻ اچن ۽ پنهنجي گرهست جي گهوٽالن ڪي پڌائي سلڙي پائي وڃن. هو ڏاڍو گرهست آشرم ۾ آيو. گهر واري ۾ آئي. پٽ ۾ پيدا ٿيو پر هن مڙس مولي لاءِ پريم چوڙي ۽ گرهست ڇڏي ڀرايو. اهي ئي ساڳيا اپياس، اهي ئي گيان جون ڳالهيون ۽ ڌيان جون ڏوڙيون. ماڻي ستي ٻه ساڻن

نه سڀڪو انين ڪونه اچي ته هي ڪي يوگيراج جا شش آهن. شش ته سڀ سنگورن جا؛ سوامي پرمانند صاحب جن جا. پر محبت سڀني ۾ جي يوگيراج سان. ڀلائي ۽ نماڻائي، گيان ۽ ڌيان جا مٺيا آهن. انهن جي ڪمي يوگيراج وٽ ڪانه هئي. پاڻ گرو ٿيڻ جي لائق؛ پر سنگورن اڳيان اچان ٿائين اهو ئي نماڻو داس. فارسيءَ واري سچي سچو آهي:

ڪند شاخ پر ميوه سر بر زمين

جئن شاخ ميوي سان ڀر ٿيندي وڃي ٿئن سندس رخ زمين جي طرف وڌيڪ جهڪندو ٿي، تهڙيءَ طرح گياوان يا يوگي ساڪيا ڪار ڪي ويجهو پهچندو ويندو ٿئن نمرتا يا حليماڻي به ان ۾ گهڻو ڪندي ويندي. ايمان ۽ فخر ته ڏيهه سان. جڏهن ڏيهه جو ايمان ئي غائب ٿي ويو ته باقي فخر ڪهڙيءَ ڳالهه جو؟

ڪيترا ستسنگي يوگيراج جا گڻ ڳائڻ لڳا. سندن ڪرامتون ورنن ٿيڻ لڳيون. پر سندن ڪرامتن مان وڏي ڪرامت هئي سندن ڪلندڙ سڀاو. هن مڙس جي منهن تي مرڪ جو واسو ته جڻ سدائين رهندو هو. ڪل چرچا به ان مرڪ جي مکڙين مان اهڙا قدرتي طرح سهج سڀاو پيا نڪرندا هئا جئن رابيل جا گل ڦوڙن مان پيا نڪرندا آهن. چوندا آهن ته گياوان پنهنجي آنند

هڪو ٿو سمجهي، ستمگين کي جڏهن وڇوڙي ۾ وجهي ويا اهو انهن جي دل ٿي ڄاڻي. ٻو مهنجي دل ۾ سندن فراق جي جا ٻاهه لڳي اها مان ٿي ٿو ڄاڻان. مهنجا ته جاني دوست هئا. اڳتي ڪنهن سان دل جو حال اوريندس؟ ڪنهن جا اهڙو ٻڌي پنهنجا ٻڌائيندس؟ دماغ ٻرابر پيو سمجهائي ته آئيا امر آهي ۽ سڄڻن جي موٽڻ لي روئڻ ڪهڙو؟ هو ته ويڪنٺ روانا ٿيا. ٻو دل جو اُمنگ ور ور ڪري قلم کي لکڻ لي لاچار ٿو ڪري:

خوش ٿو گذارين مهنجا مٽ - پرمي لهنجي عذاب ۾.

آهن ڏوٽين دڪائڻ ۽ سڪرت جي ڪمن ۾ شامل.

سوامي ٻوڌراج ڪو معمولي انسان نه هو. اعليٰ درجي جو يوگي، اول درجي جو ليکڪ ۽ ڪوي ۽ ڀرتين لمبر جو پرچارڪ ۽ اُپديشڪ هو. دوستن جو دوست، مائٽن جو مائٽ، شاگردن جو ماستر ۽ ستسنگين جو گرو. هيرو سچو اهو جو جيڏانهن ڏس اوڏانهن ٻيو چمڪي. هي ان قسم جو انسان ۾ هيرو هو. قدرت جڏهن معمولي انسان پيدا ڪري ٿڪبي آهي تڏهن هڪ اهڙو وجود ڪڍي خلقيندي آهي جو سڀني حيرت ۾ پئجي پوندا رهن ته اڙي! هي انسان آهي يا ڪو فرشتو؟ جڏهن ٻوڪرني ڏٻري ڏبري بند ڪري ٿو ڏيڻ چاهيندي آهي تڏهن ڪن اهڙن منشن کي سامهون ڪڍي ايندي آهي جو سڀني منش جاتيءَ ۾ هڪ نئون اُمنگ ۽ نئين اُميد پيدا ٿئي ته ٻروکتي بلڪ ڪرانتي اچڻ سنڀو (ممڪن) آهي. سوامي ٻوڌراج جن به ان ٻوڪريءَ جي نون اُمنگن ۽ آشائن جا پتلا ۽ قدرت جي زمين جا اهي وڏڙا ٻوٽا هوا جو خبر نه آهي ڪڏهن تائين کهڙي اوچ تي وڃي رسن ها.

مان جيل ۾ هوس جڏهن خبر مليم ته سوامي ٻوڌراج صاحب جن مسوريءَ ۾ چولو ڇڏيو. پنهنجي گهر جي ڀاتين کي جنهن ڏاهپ جو شڪار ڪري ويا اهو

سندس جيون ڏنڀ ۽ پاکنڊ کان ڏور هو. سندس ڪرڻيءَ ۽ ڪٿڻيءَ ۾ ڪو فرق ڪو نه هو. هو اعليٰ رهڻيءَ جو مالڪ هو. آتمڪ آنند جو وٽس ڀنڊار هو ۽ جيڪي سندس نزديڪ آيا، تن کي به هن آتمڪ امرت جون سرڪيون پياريون. هونئن ته روحانيت ماڻهوءَ جي اندر مان ڀيائي ۽ ڊارڻائي ڪڍي ڇڏي ٿي. هي مهاپرش چوي ٿو:

ڪٿي دشمن ڪٿي ساڄن ڪٿي ڌاريو ڪٿي پنهنجو
ڦوان اکڙين ۾ مان ٿي ٿو، ٻڻي دلدار رنگيني

ڪيس ٻاهرين پوڄائن پٺتائن ۾ ٻاڻ ڦاسائڻ پسند ڪين هو. هو ته هڪ ئي آتم رام ۾ لين رهندو هو.

هو هدايت ڪندي چوي ٿو:

ڏيڪو پنهنجي کي ڀلائي، ڏيو ٻيا پوڄين ٿو ڇو؟
پوڄ آتم رام پنهنجو، ٻيو ٽون پوڄڻ ڏي ڇڏي.

روحاني راز سمجهائيندي شري "ٻوت" ٻولي ٿو:

پوڄ پنهنجي ٻاڻ سان تون، "ٻوت" ٻيهي ٻاڻ ۾
ڪوڙ ڪلپت، ساڙ ۽ سنسي سان سڀڻ ڏي ڇڏي

روحانيت لاءِ راڻ ۽ پٽڪڻ جو ضرور ڪونهي. روح اندر ئي جهاتي پائڻي آهي. الهيءَ لاءِ فرمائي ٿو:

سوامي ٻوڌراج ۽ روحانيت

(شري ديپچند ر تلوڪچند، ايم.اي)

سوامي ٻوڌراج هڪ شاندار شاعر هو، لاثاني ليکڪ هو، ڪشش ڪندڙ ڪتاڪار هو، سچو سنت هو ۽ اُنهن سڀني کان سرس هـــوُ هئو روحاني رهبر. هن پنهنجيءَ مڌر واڻيءَ ۽ قلم سان انيڪ روحاني پانڌيئڙن کي روحانيت جون رسيليون ڍڪون پيئاري ڪرتارٿ ڪيو هو.

سوامي ٻوڌراج بابت شري "گهايل" ٺيڪ لکيو آهي:

ڪي راز روحانيت جا سهڻا سلي وئين تون،
رهئين تون ڪنول گل ٿي، دل کي پلي وئين.

سوامي ٻوڌراج جي روحانيت چاڪيءَ جي گهاڻي وانگر لنگ ۽ محدود نہ هئي، نکي نہ دماغي کوٽ کوٽان جو نتيجو هئي پر اُها ڪشادي ۽ ڏُوڙهن رازن سان پر هئي. هو صاحب لفظي روحانيت جو مالڪ ڪين هو، مگر هو نہ عملي روحانيت جو سائين هو.

ڏيدار کان اکيون ٻوٽ. جي پرماتما جو آواز ٻڌڻ چاهين ٿا، سڀئي آوازن کان ڪن کي ڪڍي ڇڏي."

سچي روحانيت اها آهي ته ماڻهو پاڻ جيان ٻين کي به سک پهچائي. شري "ٻوڌ" جا لفظ ڪهڙا نه سچائيءَ سان ڀرپور آهن:

پنهنجي سمان سمجهي ڏي "ٻوڌ" سک سڀن کي
ڇا شاهه ڇا گدا آهي نه آتما سڀ

"گيان پاترا" (ڪشمير جو سفر) ڪتاب ۾ سوامي ٻوڌراج روحاني رازن جي خوب پلٽ ڪئي آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو:

ورڪ روپي دريءَ کي کولي، هر حالت جا ساکي ٿي وهو. ڪنهن به ڳالهه، چال، حال ۽ خيال کي پنهنجو نه سمجهو. دل کي سدائين "مان ۽ مون" کان آجو رکو. پنهنجي اندر جي آنند ۾ رهندا رهو. ورڪ جي دريءَ مان پلي سڀ ڪجهه ڏسو وائسو ۽ جيڪي ضروري ڳالهيون ۽ حالتون اچن، تن تي اسٽيشن واڪر پلي ٿيهي ڪم ڪار لاهيو ته ريل گاڏيءَ واڪر جلد انهن مان پاڻ کي آجو ڪري، اڳتي وڪ وڌايو. سدائين اڳتي ۽ اڳتي آتم پد جي منزل ڏانهن هلندا رهو. جيوت جي حالتن کي هيائيءَ جي سفر جا نظارا سمجهو."

پاڻ ۾ ڪر پنھنجو درشن ڏوُر ڏورڻ ڪر ڇڏو
پاڻ پريو پنھنجي اندر، بن ۾ ڀٽڪڻ ڪر ڇڏو

ڦوڙو ڇڏي پاڻ ۾ پريوءَ کي پسڻو آهي، تـدهن ۾ سمان ڪرڻ سان پڇ ڪين ملندو. شري ”پـوڏ“ فھمائش ڪندي چوي ٿو:

هڪ نبي ٿيءَ رهت ڦوٽي، پاڻ ۾ پريوءَ کي پس
پاهوين لدين جي جل ۾ ”بوڙ“ ٽڳڻ ڏي ڇڏي

روحاني راحت عرف آلمڪ آنند ڇا آهي، سو خود سوامي پو ترآج جي لفظن ۾ پڙهو:

” آلم آنند هڪ قسم جو پارس آهي. رواجي قسم جو پارس ته رڳو لوهه کـي سپرش سان سون ٿو بڻائي، مگر هيءَ اهو عجيب پارس آهي، جو مٽيءَ کي مشڪ، خاڪ کي پاڪ، زهر کي امرت، درڳند کي سـڳـنـڌ ۽ ڇڏي کي مالڪ بڻايو ڇڏي... اوهان جي اندر ۾ اهو آنند آهي، جنھنجي خوشيءَ ڪري، سڄو جڳت خوشيءَ سان ٽمٽار ٿي ويو آهي. تڏهن انهيءَ آلـم آنـنـد ۾ هر وقت مگهن رهو. سدائين من کي آلم آنـند جـي بهاري وٺايو ۽ پاڻ ۾ پاڻ خوش رهو.“

وڏيڪ خبردار ڪندي چوي ٿو:

” جي توکي پرماتما جو ديدار ڪرڻو آهي، ته دنيا جـي

شعر - پوءِ - هڪ نظر

گورڌن شرما
(پونا)

ساهتيہ ۽ سماج جو پاڻ ۾ پختو پيچ اڙيل آهي.
هڪ کان سواءِ ٻيو اڌورو؛ ٻئي کان سواءِ پهريون
اڻپورو. ساهتيڪار سماج ۾ رهي ٿو، سماج جو ئي
هڪ جزو آهي ان ڪري هو جيڪي ڏسي ٿو، ٻڌي
ٿو ۽ انڀو ڪري ٿو تنهن کي پنهنجي عقل انوسار لفظن
جو لباس پهرائي، ساهتڪ نموني سان سجائي ٻين
اڳيان پيش ڪري ٿو. هر ڪنهن ليکڪ لاءِ سندس
شخصي رهڻي ڪهڻي، آچار وهنوار جو اثر پوي ٿو؛
سنگ جو رنگ چڙهي ٿو. چوڻ جو مطلب آهي ته
هر ڪو ساهتڪار پنهنجي وقت ۾ همعصر ۽ اڳوڻن
اديبن کان متاثر ٿئي ٿو - گهٽ کو گهڻو. ويهين
صديءَ جي شروعات سنڌي ادب جي جديد دؤر
جو آغاز ليکجي ٿو ۽ پيداءِ ٿيندو. هن دؤر ۾ نثر ۾،
مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪؤڙومل، شري لالچند

روحاني طاقت (آتم ٻل) کي سوامي ڀوڏراج
سڀني کان سرس سمجهي، اُن جي حاصل ڪرڻ تي
زور ڏنو آهي. سندس لفظن ۾ ئي پڙهو:

"آتم ٻل جي پيٽرول تي نه ناڻو خرچڻو پوي ٿو، نه
ڪڏهن کٽجي ٿو ۽ نه هي ڪڏهن ڪنهن کي دوکو
ڏئي ٿو. تڏهن ڪمر همت جي ٻڌي، جلد ئي پاڻ ۾
آتم ٻل پيدا ڪريو ۽ من جي موڙ، ساکي چيتن جي
هٿ ۾ ڏيو."

ڪشمير ۾ ڊل ڍنڍ ڏسي، سوامي ڀوڏراج پنهنجا
جذبا هيٺينءَ طرح ظاهر ڪري ٿو، جن مان روحانيت
صاف پيئي ٻکي.

"ڊل ڍنڍ کي ڏسي، دل جو سرووَر ياد آيو.
اندر جي ميل ڌوئڻ جو ڪتو سمجهي آيو. من جي ميل
ڌوئڻ لاءِ هردي جو تيرٿ سڀني تيرٿن کان اُتم آهي.
گيان جي ٻيڙلي تي سوار ٿي، دل جي سرووَر جو
سير ڪري سگهجي ٿو. ٻاهرين ڍنڍ حدن ۾ قائل
آهي. هردي جي سرووُر جي ڪا به حد ڪانهي. هن
جو ڪنارو زمين ۽ آسمان کان پار آهي، هن جي
ڪشادگيءَ جو سير ڪرڻ سان وهم ۽ سنسا ناس ٿين ٿا."

جيڪڏهن اسان کي روحاني راحت حاصل ڪرڻي آهي،
ته اسان کي ههڙي اعليٰ رهبر جي جيون مان روحانيت جو
سبق سکڻو پوندو.

سندس جيون ۽ ادب جو اڀياس ڪندي اها ڄاڻ پيئي ته هو صاحب ڪڏهن به علم عروض جي اونهائين جو اڀياس ڪونه ڪيو ۽ وري وزن بحر جي باريڪين کي پرکڻ جو جتن ڪيو. ان هوندي به سندس گهڻو تڻو شعر علم عروض جي قانونن ۾ ڪڇو نه آهي، اها قدرتي ڏات هئس. کيس الواد ڪرڻ جو به پنهنجو انوکو انداز هئو. ڪيترا ئي ثبوت پين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ آندائين جي ان ڳالهه جي گواهي ڏين ٿا.

اُپديش ۽ نصيحتون ته ڪير به ڪري سگهي ٿو پر پوت راج پنهنجون سڀ سکيائون ساهتڪ ڍنگ سان سجائي ۽ سينگاري پيش ڪيون آهن. ڪڏهن کي به اگر سچي ڳالهه چئبي آهي ته اهو ڪاوڙجي ويندو آهي پر هي صاحب پنهنجين سکيائن کي ستسنگ ۾ يا اسڪول ۾ اهڙي ته پر اثر انداز سان پيش ڪندو هو جو ٻڌندڙ مست مگن ٿي ويندا هئا. ڪيترن عالمن، اديبن ۽ تعليمدان سندس انهن گڻن جي ور ور ڪري پئي واکاڻ ڪئي آهي. اڄ به ڪيترا بزرگ جن کي ان ڳالهه جو ذاتي آزمودو هوندو سي وڏي روشني وجهي سگهندا. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته اُپديش کي به ادب ۾ پنهنجو استان آهي - سکيائون به ساهت جو انوٽ انگ آهن بشرطيڪ انهن ۾ ادبي

امرتلومل، ٻرمانند ميوارام، ڀيرومل مهرچند، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين ڪيترن عالمن ۽ اديبن قلم جي ڪمال سان گهڻن کي متاثر ڪيو. نظم ۾ ٻيوس جو نالو قابل ذڪر آهي. الهيءَ ساڳئي دور ۾ سنڌ جي اندر هڪ ٻيو به ساهتيڪار جنميو جو گمناميءَ جي گهٽيءَ ۾ رهڻ سبب اڳيري نه سگهيو. مشهوريءَ کان وڌ وڃڻ سبب پرچار ۽ ڦهلاءَ کان پاسيرو رهيو. اهو لاهوتي لال هئو سوامي ٻوڌراج. مان جيڪر هن ساهتيڪار کي، هن صديءَ جو سرمور سنت - ڪوي ڪوٺيان.

ٻوڌراج صاحب جو جنم ٦ فيبروري ١٨٩٧ ۾ ڪوٽڙيا ۾ شري لوڪومل واڌواڻيءَ جي گهر ٿيو. جنم جو نالو ٻوڌراج هئس. مئٽرڪ تائين پڙهائي ڪري ٢٨ سال ماستري ڪيائين. سوامي هيمراج، سوامي ٻرمانند ۽ ٻين سنتپرشن جي سنگ سنڌس من جو لاڙو روحانيت ڏانهن موڙيو. رهڻي ۽ ڪهڻيءَ جي مالڪ سوامي ٻوڌراج جي ساهتيه تي سنتپرشن جي صحبت ۽ ماستريءَ جي موج جي ڇاپ چٽائي پيئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترا سڄڻ کيس فقط هڪ سنت يا اپديشڪ ڪري ئي تسليم ڪن ٿا. سندو ساهتيه اهو جو ستيم، شوم ۽ سندرم جي ڪسوٽيءَ تي ڪڙو اُتري. ٻوڌ صاحب جي رچنائن ۾ اهي گڻ موجود

اهڙي نموني ڏسبو ته شعر ٻوٽ ۾ جملي ڇهه وزن ڪم آندل آهن ان مان ٻه ٽي تمام وڏيڪ ڪم آندل، باقي ٽن تي ٿوريون رچنائون آهن. وزن جو ذڪر لکيو آهي ته هڪ ڳالهه چوڻ چاهيندس ته شعر-ٻوٽ ڪتاب جي اندر ڪن هنڌ وزن ٽٽل نظر اچيٿو جنهن جا ٻه مکيه ڪارڻ منهنجي ناقص عقل انوسار هي آهن (۱) ٻوٽ صاحب جي دستخطن تان ڪاپي ڪرڻ مهل لکندڙن جي بي خبريءَ سبب (۲) پروفن جي چڪاس خبرداريءَ سان نه ڪرڻ سبب اهي غلطيون ٿيون هجن.

شعر ٻوٽ ۾ گهڻو تڻو شانت رس ۽ اپما النڪار جو پريوگ ٿيل نظر اچي ٿو. سندس ڪيترن ئي شعرن ۾ سنڪيتميتا سمايل آهي. هڪ مثال ڏسو:

"چڙهي جا گيان جي مستي،
ڏسم تنهنجي اُمر هستي،
سموري "ٻوٽ" جي ٻستي،
آهي ديدار هيءَ دنيا."

شبد ڀنڊار: ٻوٽ صاحب جو لفظي ذخيرو ساراهڻ جوڳو آهي. سنڌي، سنسڪرت، هندي، پارسي، عربي، اُردوءَ جا اڪيچار لفظ، جن جو ور ور ڪري پريوگ ڪيو اٿائين، سندس اونهي اڀياس جي جاڻ ڏين ٿا. شعر ٻوٽ جي فقط ٽيهن صفحن ۾ هيٺيان لفظ ڪتب

عناصر قائم ڪن.

پنهنجي هن انگريزي مضمون ۾ پوت صاحب جي هڪ پستڪ شعر - بوڌ ۾ ساهتڪ درشٽيءَ کان اوک ڊوڪس ڪئي اٿم. شعر بوڌ پڙهندي هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ آيون اٿم جن جو ذڪر ڪريان ٿو. سي آهن:

(۱) بحر ۽ وزن (۲) شبد - ڀنڊار (۳) صنفون (۴) وشيون (۵) ڪاٿيون. هاڻي هڪ هڪ تي مختصر هيٺين ريت نظرثاني ڪئي اٿم.

بحر ۽ وزن: شعر بوڌ ۾ درج ڪيل ۱۴ رچنائون بحر رمل جي وزن "فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن" ۾ آهن. بحر هزج جي وزن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن ۾ ۱۷ شعر چيل آهن. (بحر متقارب مثمن سالم). ۱۳ رچنائون "فعولن فعولن فعولن فعولن" ۾، ۽ ٻوڙيون ٽوڙيون رچنائون هيٺين وزن ۾ ملن ٿيون:

(۱) فعولن فعولن فعولن فعو (بحر متقارب مثمن مقصور)
(۲) مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن (بحر مضارع مثمن اخرب)
(۳) فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات (بحر رمل مثمن مقصور)

محبوب، شهسواري، بقا، فنا، شفا، طعام، آبرو، عزت، بيڪار، بدن، نوڪر، دلبر، برباد، ماتم، شادي، روانا، نظارو، ماضي، مستقبل، خوبصورت، راحت، عاجزي، پائمالي، بيقراري، پائداري، زيرباري، خلق، خواهش، وفادار وغيره وغيره.

انگريزيءَ جو هڪ لفظ "ريڊيو" به ڪتب آندو اٿس. ان مان لڳي ٿو ته پوڙ صاحب هوشيار هوشياري نڀائڻ لاءِ انگريزي لفظن جو واپر ڪرڻ نه چاهيو. پين پولين جا جيڪي لفظ سنڌيءَ ۾ ڪم آندا اٿس سي به بلڪل اڻواڻي ۽ وڏندڙ پيانگ ۾. ڪو به لفظ اجايو استعمال ٿيل ڪونهي. بولي ۽ خاص ڪري لغت لاءِ پوڙ جي اها شيوا ڪڏهن به نه وسارڻ جهڙي. ڪن لفظن جو غلط پرڪاش به ڪيو اٿائين جئن ته "نندا" بجاءِ "نندپا" جو استعمال ڪرڻ مڳ معنيٰ ڪري ٿو ڏئي پر اهڙا تمام ٿورڙا لفظ آهن. پوڙ راج صاحب ڪيترن ئي غير سنڌي لفظن کي سنڌي بڻايو آهي. مثلا آستانو، اوشڌالو، سکالو، واچنا، شالداري، وديالو، ڪلمڪتا، وغيره. روشنائي، سوپيائي، هراسائي، ورلڻ، چمتڪاري، اپشوري ۽ آلاڙ وغيره جو واهپو وڏندڙ نموني ڪيو اٿس.

صنفون: پوڙ راج صاحب شاعريءَ جي گهڻين شاخائن ۾ لکيو آهي. گهڻو ڪري نظم چيا اٿس.

آيل آهن:

سنڌي لفظ: ٻجهڙ، وڻ، جهڙ، مرون، ميلاپ، سياڻو، ٻالهو، ٻالڪ، ڪنگري، ٻـوُٽـو، آپ، مڪڙي، جس، مٽيا، اٽڙت، پاڻ، ٻوڙو، هٻڪار، ڪوڙ، قـل، وڄ، ناچ، لات، وڻواڄ، ڏک، سڳنڌي، پتاشو، ڪوڙو، ٻاڻي، هريڙ، ڪوجهو، ويس، ٻيمار، ڏات، ڏالـار وغيره.

سنسڪرت ۽ هنديءَ جا لفظ: پـربـت، پستڪ، ارٿ، اسٿ، پران، اوتار، ناد، گهنشام، اَمـر، وشنو، درشني، انيو، شاستر، برهمانڊ، اگـن، جلن، ٻون، پترو، پاپ، شڌ، آتم، گيان، شرڌا، ليلا، پريم، نمرتا، سنتوش، سنڪلپ، آنند، ڪرشن، پـرٿـوي، نشڪام، ڪنيا، چانڊلي، گڻ، اوگـڻ، پرماتما، پرڦلتا، پرسنتا، چيتن، ترشنا، ڪامنا، ويد، وديا، وپرت، نرمل، ڪومل، پربت، آڪار ۽ ٻيا ڪيترا ئي.

پارسي عربي لفظ: جهڙوڪ زمين، عرش، آغاز، ناز، دلدار، نور، جاني، محتاج، خـوار، درد، بدنـام، لعنت، نشو، پيغام، شاميانو، روشن، خزانو، ديـوالـو، آباد، آرام، علم، عمل، ملاقات، حسن، بيحد، عيب، مشهور، منظور، سفيدي، سياهي، خدائي، آخـوند، گلزار، فرصت، فلڪ، عيب، لـاب، حوصلو، صبر،

سڪ جو رستو آهي صليب
پنهنجو پاڻ ئي آهين طبيب.”

هي گيت - گيت جي وزن ۾ چيل آهن ۽ اُن پڌرو پڻ آهن.

ٻوڌراج صاحب انيڪ نظمون لکيون آهن. سندس بهترين رچنا ”سهڻي سپاهي“ جو هڪ ٻه بند ڏسو:

اصل ڇمڊ پڻ ڄا چون آهه ڪارو،
شڪل ۾ اُنهيءَ جي سهائي ڏٺم.
يـا
آهي مس ٻه ظاهر ڏسڻ منجهه ڪاري،
منجهس علم جي روشنائي ڏٺم.

اهڙيءَ ريت ”گفتگو انهنجي“، ”ڳجهارت“، ”شادماني“، ”جوت جو ڏيئو“، ”مسڪين“ ”خاموشي“، ”سچي ڏينهن جي رهڻي“ وغيره ذڪر ڪرڻ جهڙيون نظمون هن مجموعي ۾ درج ڪيل آهن.

وشيو: ٻوڌ صاحب جو گهڻو شعر نصيحت آميز آهي، ۽ آهي نصيحتون جي ٻوجهه نثيون پڻجن، راحت ئيون ڏين، راهه ئيون ٻتائين.

وقت جو قدر ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي:

ٿورا غزل جي ۾ مسلسل آهن ۽ ڪجهه گيت رچيا اٿس، ڪجهه قطعات ۾ قلمبند ڪيا اٿين.

غزل جي رچنا ڪندي شاعر ”ٻوڏ“ پاڻ کي اُن جي پابندين کان پاسيرو رکيو آهي پر تنهن هوندي به ڪي سهڻا شعر چيا اٿس. مثلاً هي بند ڏسو:

وڇوڙي وهم جي ۾ وڦلان ٿو، ڇو مان؟
جڏهن منهنجو موسان سڀ رام آهي.

مٿيئن شعر ۾ تجنيس خطيءَ جو لطف به ملي ٿو.

هڪ ٻيو بند پيش آهي، ڇي:

”شمع جئن رهو هن دليا منجهه ڪلمڪ،
ڪريو دل جي ڪافور ڪل بيقراري.“

سندس گيتن جو نمونو ڏسو. هڪ هنڌ لکيو اٿس:

”دل ڪر درياءَ جي دستور...
سيني جي ڪُل سوڙهه سوري سڀ ۾ ٻس اون
پنهنجو اوُر،
بيخود بيحد بيکٽڪي رهه، موُج اها ٿي ڪر منظور“

هڪ ٻئي گيت ۾ چيو اٿس:

”دک جو دارون دک ئي آهي
ٻوڏ سدا هت سک ٿي آهي

بهار جو چٽو چٽيندي چيائين:

ڪليا خزانا خوب ٿي خوشبوءِ جا ڀڄا،
آٽي ڇڏيائين آس پاس عطرائڻ ميا.

يا

خوشبوءِ ڪان ٿي بيخود ٽاريون ٽليون ٽريون،
جهرمر ۽ جهمر پائي گل ناچ ناز سان نچيا.

اهڙيءَ ريت دسهرو، ڏياري، هوليءَ جو ۽ مندائتو موهيندڙ بيان ڪيو ائس.

ٻوڌراج صاحب ڪيترين روحاني رمزون شعر ۾ بيان ڪيون آهن. هڪ مثال پيش آهي:

هي من ماڻهن پکين ۽ واءُ جا آلاپ سڀ،
تال مردنگ جي مثل ڪن موج واري آرتي.

هڪ ٻئي هنڌ آکيائين:

ٿي ٻوليو ماڻ جي ٻولي سموري ايشوري قدرت،
اُنهيءَ جي راز سان روشن روش رهڻيءَ ڪي ڪنداسين.

ٻوڌراج صاحب جو عالم برادري वसुधैव कुटुम्बकम् ۾ وشواس هو. سڀني مذهبن لاءِ محبت هئس انڌهن چيائين:

"وقت گذرڻ سان وڃي گذري عمر،
آهه دؤلت کان وڌو هن جو قدر."

هڪ هنڌ چيائين:

"حال تي رهه خوشحال سدائين،
ميٽج مستقبل ۽ ماضي."

اصيڪتن جو سهڻو ۽ ساهتڪ نمونو ڏسو:

صبر جي هير رکہ جاري گھڻن جا پوکہ گل دل ۾،
مثل ساوڪ جي ٿون مکہ ۾ سدائين ڌار پرقلتا.

يا

پڙهي ٿئين پوڙ جي پنڊت مگر من کان نہ ٿئين مٽي،
نہ ويٺي ويد وديا جي بہ وپوت واچنا تنهنجي

يا

مثل جهرڻي جي لٽ مرڪو لڏيءَ والگر رهو نرمل،
دڳين ۾ اوم جو پنهنجي پڌي نت ناد خوش رهجو.

شعر- پوڙ ۾ قدرت جي ڪماليت جون جهلڪون بہ ڏال آهن. برسات جو بيان ڪندي شاعر لکيو:

زمردي پوشاڪ پهري وڻن ڪئي آ آجيان
پوٽوي آباد ٿيندي راڄ واري ٿي اچي.

يا

آجيان ۾ بادلن تنبو لڳايا عرش ۾،
هر طرف هيرون هيون ڪا حسن واري ٿي اچي.

هيءُ شعر نه اڄ نه ڄڻ جو انهن معنيٰ جهڙ آهي:

الائن جو آزار ڪوئي نه آهي،
غريبن جو غمخوار ڪوئي نه آهي.
سکئي جي لهي سار دنيا ۾ سڀڪو،
سڃي جو سڄڻ يار ڪوئي نه آهي.

هن دنيا جو چٽو ڪهڙو نه حقيقي چٽيو اٿس، چي:

”ڪي عيش سک ۾ آهن مستان ۽ متارا،
ڪي ڦاهه ٿي ڦٽن ۾ بيواهه ٿي مرن ٿا.“

امير کي مخاطب ٿيندي چيائين:

ڏس وجهي تون ٻاڻ کي محتاج جي حالت اندر،
درد واريءَ دل جي ڏهين سمجهه ۾ ايندءِ پڪار.

اهڙيءَ ريت ويهين صديءَ جي هن وساريل ٻر لانائي ساهتڪار سوامي پوڙراج ”پوڙ“ جون رچنائون ٻڙهندڙ خواهه ٻڌندڙن لئي سڌو سڌو پيغام ڇڏين ٿيون. سندس سولي سليس ٻولي، مثالن جي موج آڻڻ جو انداز، خاص خوبيون آهن جي شعر پوڙ ۾ ظاهر آهن. مکڻ مان وار ڪڍڻ جي محاوري کي اگر لوڪ ڪنداسين ته هن مجموعي مان موج ماڻي سگهنداسين.

"صبر سڪ، ڪرامت کان پيارا حليمي هلت هندن کان
اهنسا ٻوڌ مت مان سڪ، مسلمانن مان مهماني،
سنائن ڌرم مان شردا تي آرين مان دليري سک؛
پارسين پاڪ برهمن مان سکن مان سبق قرباني.
نه ڪنهن کان ٻڌ ڪر نفرت وسي سڀ منجهه تو سائين،
نرالن شمعدانن ۾ آهي هڪ نور نوراني."

شاعر ٻڌ جنهن کي سمجهه يا اپديشڪ ڪوٺي ٿن منهن پٺي موڙيو آهي، تنهن صاحب سخن ۾ پنهنجي آس پاس جي دنيا، دنيا ۾ رهندڙ انسان کي به نظرانداز نه ڪيو آهي. اڄ جو انسان ڪيڏو نه بي صبر، اسنتوشي ۽ بي مروت آهي ۽ اگر ڪو ڪنهن تي ڪڏهن احسان ڪري ٿو ته پل پل پيو پڪاري - اهڙي غافل کي سجاڳ ڪندي چيائين:

صبر سنتوک ۽ مروت آهي تو شاهه جي دولت،
لٽائڻ سان نه کٽجي ٿي سگهي احسان جي دولت.

هڪ ٻئي هنڌ چيائين:

ٻکهو جي ٻورهئي مان 'ٻوڙ' کائي ٽڪر رهه سکيو
| ڪڏهن محتاج ڪندڙ تون نه ڪائنج مفت جي ماني

ٻيا

ڪين ٿاٻڙبو ڪڏهن ايمان وارو آدمي
ٻروسي ٻکوان جي هرگز نه همٿ هارجي.

ڪڪيءَ چيو "اهي ٻول سائين ٻيوس جا ٿي سگهن ٿا."

مون چيو، هي ٻه ٻڌاءِ:

"پنهنجي سروپ ۾ ٿي لٽ مان رهان ٿو پوسن"

هن کي دير ٿي نه لڳي. چيائين "اهو ته پڌري پٽ سامي صاحب آهي."

مون چيو "باقي هڪ سوال جو جواب ڏي ته هي مصرع ڪنهن جا؟"

"هواڙون تو ٻڌي هـڙ ۾ پتاشا ڳوڻ ۾ پنهنجي
پنيو ڪائي ٽڪر ٻلڄي، هلي ته ٻه ٽوڙ ميراٽي."

ڪماريءَ جو جواب هو: اهو تـه عظيم شاعر عزيز آهي، جنهن جهڙي اصطلاحي ٻولي ڪم آڻــڻ ٻئي ڪنهن جو وس نه آهي.

مون چيومانس "توهان ته ڪل ناپاس ٿي آهيو. هـي سمورا ٻول سوليون سٽون هڪ ٿي ڪويءَ جون آهـن، جنهنجو نالو آهي سوامي ٻـوڌراج. هـڪ ڳالهه چئي آهي ته سامي، ٻيوس، عزيز ۽ ضيا جي ڪلام جو ڀرم پيدا ڪرڻ سان تو ثابت ڪري ڇڏيو ته هي ڪوي ٻه اهڙن ودوانن ۽ ڪوين جـي سڀا ۾ هـڪ ڪرسي سينگارڻ جي لائق هو."

سڪيولر وادي يوڌراج

ڊاڪٽر ارجن سڪايل

”نه مون پرليستي ۽ نه ڪا هستيءَ سندي واڻي
ڳجهارت مان اُها آهيان نه ڪنهنکي عقل ۾ آئي
نه دل دنياسان آ منهنجي نه دنيا کان ڪٽو آهيان
نه تعريفن سان اُنسم تعلق، گلائن سان نه گهرائي
حياتيءَ ۾ نه خوش آهيان، مرڻ ۾ رنج پڻ ناهيان
مرڻ جيئڻ ۾ تو پاتيان نه آهي ڳالهه ساڳيائي.“

هي سٽون پڙهائي مون هڪ بي. اي. پڙهندڙ ڇوڪريءَ کان پڇيو ته اهو ڪلام ڪنهنجو ٿي سگهي ٿو؟ هن وراڻيو ”ڪلام جي رواني ۽ انداز- بيان مان پڌرو آهي ته هيءَ رچنا لوڪ پريه ڪوي پرسرام ضيا جي آهي.“

وري مون ٻيون به سٽون اُچاريون:

”فقط هڪ سوز، تنهنجي دل جي دکيو ٿي ڪري توکي
ٿين سڀ مرض مونجهارا ٿا من جي سوز، مان پيدا.“

سنڌي ٻوليءَ جي لاهن چاڙهن ۽ ناز نخوت کان ٻه
ٻڌُوي واقف هو جڏهن ڪري ڪيترا سهڻا قافيا ڪم
آڻدا انس جهڙوڪ چاپا، جيابا، نيابا، ماپا ۽ ڪامڻا،
ٻاوڻا، چاهڻا، ساڙڻا، واسڻا، پالڻا ۽ لڪ، رڪ، ڪڪ،
چڪ وغيره.

سندس قوت - تخيل جو ٻه هڪ اڌ مثال ڏيڻي
پڄجي. "حوصلي" جي ڳالهه ههڙيءَ اڏام سان ٿو
ڪري ته "خيال" جي وياکيا هن طرح ٿو ڪري:

"لاهين چا چاڙهين جا ٿي ڏئي لوڏا دليا
موج ٿو ڏئي گردش ۾ پڻجي پينگهو حوصلو"

"آهي اختيار ۾ تنهنجي پڄاڻا پوڻ دڪ ڪي سڪه
لکي مصوُر ڪي سوُري ٻه ٿي سينگار جي صورت"

"خيال ٿي صوُرت ڌري ٻوليون پڻيو آهه ڌار ڌار
خيال آهي پڻت پستڪ، اکر تڪ ۽ لاڪنا"

ايڪانت ۽ گوشه نشينيءَ جي آنند جو اپٽو هيئن
ٿو ڪري:

"رام هڪڙي، منهن لڪائي، چند گوشي ۾ رهيو
پڻي ڏهاڙي کان وڌڻ ان ۾ لڳي جوٽي گهٽي"

هو صاحب رحم ۽ رهڻيءَ جو صاحب هو ۽
ٻاهرين ليمن ڌرمن، ڪرمن ۽ وهمن پرمن کي اُچلي

ٻوابو، آتم گيان جهڙي گوڙ وشيه کـــي سلاست ۽ روانيءَ واري ڪلام ۾ قلم بند ڪرڻ جي ذات سوامي ٻوتراج جي ڪوتا جي خاص ۽ نجي خوبي آهي. ڪوتا منڊل جا ڪي ڪوي آهن جن اُن وشيه کـــي ڇهڻ جي به ضرورت نه ڄاتي آهي ۽ ڪي آهن، جن اهي روحاني رمزون سائنسي مشڪل انـــداز ۾ بيان ڪيون آهن، پر سامي صاحب کان پوءِ هيءَ نـــي ٻهراون ۽ ٻوليون ڪوي آهي، جنهن انهن رمزن جي اوک ٻوک ڪئي آهي ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ اهڙا اشارا ڏنا آهـــن، جي نه فقط علم جي ڪسوٽيءَ تي کرا اُتري اچن ٿـا، پر عملي جيون ۾ به اپنائڻ لائق ٻڌجي جيوت کـي سندر راهن تي هلائڻ لاءِ رهبر جا نقطا بڻجي پون ٿا. ان معنيٰ آفرينيءَ ۽ حسن خدمتيءَ سبب ئي ڪوي رهبر به آهي ته اولياءُ به آهي.

سوامي ٻوتراج جي سندي عالماڻي آهـي جتي فرحت نعمت، اُلفت رخصت، ظاهر منظر، عقل ۽ اسل سان گڏ امرت سنتوک، سمپتي پرڪاش، نورتي پورتي، موڪش، بنڌن، جاڳرت سپن، سکو نت ۽ ٻيـا شبد اُستاديءَ سان هيرن ۽ موتين جي جڙت جيان هـڪ ويندهار جيان ڪم آندل آهن. هـو ويـدانتي ودوان هو، جنهنڪري گارگي ۽ اتـري رشين، وويڪانند ۽ رام تيرت جا نالا ۽ حوالا ڪم آندا اٿس.

ڪان پوءِ اهڙن مڙني ۾ سوامي ڀوتراج سڀني کـــان اڳڀرو آهي.

البت، هن جي قدرشناسي چڱيءَ ريت ڪان پوءِ ٿي آهي. سندس ئي شبدن ۾ اها جيڪر هيئن بيان ڪجي:

”ملائڻ ۾ سازن جي ٿـي شام مونکي
مگر ڀوت جو گيت ليڪن نه ڳاتم.“

ڀر، هاڻي اهو گيت اسين ڀڏون ٿا، ڳايون ٿـا ۽ آنند جو اڀو ڪري ڪيس سلام ڪريون ٿا.

هن ڀومڪا ڪان پوءِ مان هن صاحب - سخن جي هڪ فلسفه - حيات يا جيون - درشن جي اوک ڊوک ڪرڻ چاهيندس، جنهن کي جديد ڀرڀاشا ۾ سيڪيولرواد جو نالو ڏنو وڃي ٿـو. اڄ وشو جي ڪولي ڪولي ۾ مڙني مذهبن ۽ ڌرمن کي هڪ ئي منچ تي آڻي وشو ڌرم سمبلن جهڙا ميلا ملهايا وڃن ٿا. اهي جيڪر ڀوت جي ڪـلام جو نچوڙ مڙني ٻولين ۾ ترجمو ڪـري پهچائڻ جي جوڳي ڪوشش ٿيڻ جڳائي.

اڳي ٿو ته سوامي ڀوتراج جنم جي ڪـري هنـدو ڌرم سان وابسته هو پر هو سڀني ڌرمن ۽ مذهبن کي ڪ سمان سمجهڻ وارو هو ۽ هن اهي عملي ڪنجيون اسان اڳيان رکيون آهن، جن کي ڪم آڻـڻ سان اُن

ڏنو ڪرڻ وارو هو.

”تيرٿ لکيا ڪنڀ ميلا دوارڪا پرياڳ راڄ
لاهه ڪپڙا ڪلپنا جا گيان گنگا منجهه گهڙي
وهم سنسي وسوسي وارو تون وهنجڻ ڪر ڏنو.“

هيءَ سڌي سنواٽي ٻولي ۾ وهمن جي تنقيد آهي ۽ گيان ٻڌي ۽ ڄاڻ جي تاڪيد. هيءَ سچل جي صدا جو پڙاڏو آهي.

”گل جي آتم ڪٿا“ ۽ ”مڙهيءَ جو ڏيئو“ هن جون يادگار رچنائون آهن. هو پنهنجي قوتن جي دعويٰ ڪرڻ ۾ به پٺتي نه پيو.

”وٽان پاڻ کي فقط پاڻ جڏهين
نه پي ڪا به شيءِ مولڪي وٽندڙ نه گهرجي“

۽ وري:

”منهنجي مستيءَ ڪري ٿيو مست
آهي پٽ پياڪن جو
منهنجي آهه سولهن سهٽن ۾
مرڪ معشوق جي منهن ۾“

ڪوي پهلاج، سوامي ڌرمداس لاڙڪاڻائي، حڪيم هيرانند ’هيرو‘ ۽ ڊاڪٽر روچلداس به چڱو معياري ڪلام همن حدن اندر جهونگاريو هو، پر سامي صاحب

سڀني ڌرم مان شرڌا
۽ آرين مان دليري سک
پرارٿنا پيار ٻرهمڻ کان،
سکن کان سبق قرباڻي
شيعن کان پيار بزرگن جو
سنين مان مان ۽ مروت
درشٽي دوش ڌوئي سک
قرب قانون قادياني."

سوامي پوتراج جا هي گفتا لکنؤ ۾ لڙندڙ سنين ۽ شيعن لاءِ، لاهور ۾ قاديانين خلاف جهاد ڪندڙ ڪن ڪٽر پاڪستانين لاءِ، پنجاب جي گرم مزاج سکن ۽ هندن لاءِ، پنهنجي ڪرستاني ڦهلاءَ جي شوق ۾ حدون اورانگهڻ وارن ڪرستانن لاءِ سندن اکين تان پٽي هٽائڻ لاءِ اکين جي ماهر ڊاڪٽر جو ڪم ڏيئي سگهن ٿا. جڏهن انتر راشٽري قومن جي چارٽر تيار ڪرڻ لاءِ دنيا جا وڏي ۾ وڏا مدبر ڪروڙين رپيا خرچ ڪري، قومن جي منڊلن ۽ متحد جماعتن جي ميٽنگن ۾ گڏ ٿي بحث مباحثا ڪن ٿا، انهن جا بنيادي سدالت ۽ انسان پرستيءَ جي پيغام جي گونج هن شاعر جي رچنائن ۾ هڪي حاضر آهي.

خزاني جي ڇوڙيءَ جا ڪلف ڪولي اسان ٻانهن کي مالامال ڪري سگهون ٿا. وري اُهي اهڙي فنائتي ۽ موزون ڍنگ سان پيش ڪيل آهن جو شعر و شاعريءَ جا پارکو هن سچن کي سجدو ڪرڻ کان پاڻ روڪي نه سگهندا آهن ۽ شمس آفرين جا موتي گهوريندا رهندا آهن.

"پنت دنيا جا مڙيئي پوڄ خيالي سمجهه سڀ
پريم ئي پرماتما جو پنت آهي بي خطا."

ان طرح هو جدا جدا پنٿن جي جدائيءَ تي چوٽ ڪندي هڪ ئي "پريم" جي پنت جو پيروڪار بڻجي ٿو پوي. اچا پڻ هڪ سخت وار هيٺين ٿو ڪري:

"ڌرم ۽ جان اچ ڪالهي، مگر آهي هڏن پيرو
الهيءَ بي جان تان جانيون ڪري تعصب ٿو قرباني"

هو سڀني ڌرمن ۽ مذهبن جي چونڊ خوبين جو پوستار اوس آهي ۽ اهي گل گڏ ڪري هڪ ئي گلدستي ٺاهڻ جو ڪم به ڪاريگريءَ سان ڪري ٿو وڃي. چوي ٿو:

صبر سک ڪرست کان پيارا،
حليمي هلت هندن کان
اهنسا پوڄ مت مان سک،
مسلمانن کان مهماني

جھڙيون کي ٻوليءَ جون ۽ گرامر جون چوڪون ٻـ
ڪيون آهن ۽ ڪٿي ڪٿي وزن کي شڪستو ڪيو
آهي ۽ ڪٿي ڪٿي سندس ويچارن ۾ تضاد آهي ٻيو
هن اهي ڪوٺون ٻدلائيندي اتفاقي ڪا کٽڪندڙ ڳالهه
ڪٿي آهي نه ته هو شاعراڻي محفل جو زنده رڪن
هو جنهن جي ڪلام کي ناصحانو ڪلام ڪوٺي رد
ڪرڻ زيادتي ٿيندي. سندس ڪلام جا اهي اڀياسي
داد جي مستحق آهن جن ڪيس ڪوين جي سڀا ۾
جوڳي جاءِ وٺي ڏيڻ لاءِ ڪشالا ڪيا آهن. هو
پنهنجي سر ۽ نالي ۽ ناموس کي ڪجھ سمجهڻ وارو
هو چاڪاڻ ته هو دل جو پادشاهه هو، هن کي ٻي
پادشاهي ڪهڙي کپندي هئي. شايد ڪانه !!

”رکن جنهن لئي تہ خاص سڀ پدمت نالا
حقيقت ۾ اُهَ شيءِ نہ هڪ عام آهي.“

ٻوڌراج جو اعلان آهي تہ ٻلي کو خاص ڪونہي ۾ اهي سڀ ”خاص“ جا نُپا ڪُوڙا آهن ۽ آهن سڀيئي عام.

ايڪتا ۽ اتحاد جي هن علمبردار اڳيان سر جهڪيو وڃي، هو ڏونڪو وڄائي چوي ٿو:

’سڀئي هڪڙي سورج سان روشن ٿين ٿا
ٻيوءِ هڪڙي ڌرتي سڀن لاءِ ٻطاني.
سدائين سڀيئي ٿا پين ساڳيو جل
جيئن سڀيئي ٿا ساڳيو اَن کائي.‘

وري هي فلسفاڻو نقطو اهڙيءَ صاف ۽ چٽيءَ حقيقت جي روپ ۾ شايد ئي ڪنهن سوچيو هجي:

’مٽي ڪان وني پيو لائين ٿمي ٿي
سمورن سرين ۾ هڪ ڪارواني.‘

سوامي ٻوڌراج جي تصوير ڪشي ڪندي، اها ڳالهہ نظرانداز ڪري ڪين سگهبي تہ هن صاحب قافيہ پيمائي ڪندي اونداهيءَ کي اونداني ٻطانڻ ۽ هڏن جو پيرو کي هڏن پيرو چئي ذائقي خراب ڪرڻ

جن ۾ ڪو ڪو ڪي واري نوع ۾ پيدائش ٿيل هوندو آهي، جي پوڙها ٽڪاڻن يا مندرن ۾ پيا سمجهڻ جي اُچاريندا آهن يا پڙهندا آهن، يا اُهي گرنٿ جن ۾ فيلسوفيءَ جا ڳوڙها مسئلا تتو گيان جي سمجهائيندڙ پرڀاشا ۾ بحث هيٺ آندا ويندا آهن، جو بحث فلاسافيءَ جي وديارٿيءَ لاءِ شايد لاڀڪاري ٿئي پر عام پڙهندڙ پاٺڪن لاءِ مٿي جو سور ٿجي پوندو آهي.

پر ڌرمي رچنائون اعليٰ ۾ اعليٰ معياري ساهتيه ٿجي سگهن ٿيون ۽ سڌ جي سگهن ٿيون جي اُهي ساهتيه جي پرک لاءِ ٺهرايل ڪسوٽيءَ تي سون ثابت ٿين. ان سچ جو بي نظير مثال ڪرستاني ڌرم جي اِشٽ گرنٿ بائيبل جو انگريزي ترجمو آهي جو هڪ اعليٰ ۾ اعليٰ ساهتيڪ گرنٿ ڪري شمار ڪيو ويو آهي. شريمد ڀڳوت گيتا جا هندن جي اعليٰ ۾ اعليٰ ڌرمي گرنٿن ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي، ان جي ساهتڪ خوبي لاثاني آهي ۽ ان جي ڪوتا سنسڪرت جي ودوانن کي چڪت ڪيو آهي. سنت تلسيداس جو رامايڻ بيو هڪ گرنٿ آهي جو ڌرمي گرنٿ هئڻ سان گڏوگڏ اعليٰ ساهتيڪ گرنٿ ڪري به تسليم ڪيو ويو آهي.

کهڙي خاصيت آهي، کهڙو گڻ آهي، کهڙي

سوامي ڀوڌراج اعليٰ ساهتڪار

ٻلديو گاجرا

سوامي ڀوڌراج کي اعليٰ معيار وارو ساهتڪار ڪري تسليم ڪرڻ خلاف ڪو اڻ ڄاڻ آلوچڪ يا اڌاڙي اڌوري سوچيندڙ تسرت هڪ اوائلي اعتراض پيش ڪري سگهي ٿو ته سوامي ڀوڌراج هڪ ڌارمڪ پرچارڪ آهي ۽ سندس رچنائون گهڻي قدر آتم گيان سنبنڌي رچنائون آهن ۽ ان ڪري انهن کي ساهتيه جي دفعي ۾ شمار ڪري نه ٿو سگهجي.

ڪنهن حد تائين، شايد چڱيءَ حد تائين، اهو اعتراض جائز ٿي سگهي ٿو، پر اهو اعتراض ڀوڌراج جي رچنائن خلاف آڻڻ يا نه، ساهتيه ڇا آهي تنهن باري ۾ اڻ ڄاڻائي ڏيکارڻ ٿيندو يا سوامي ڀوڌراج جي رچنائن جي گڻن ۽ خوبين سان غيرواقفيت جو ثبوت ڪري سمجهڻو پوندو.

البت رواجي ڌرمي گرنٿن کي ساهتيه ۾ شمار نه ڪيو ويندو آهي، پر اهي ڪهڙا گرنٿ؟ اهي گرنٿ

ڪويءَ ڪيٽس چيو آهي ته سچ ۽ سندرتا ٻئي هڪڙي ئي وٿو آهن.

Truth is Beauty, Beauty Truth

۽ اهو ئي آهي جيڪي ڪجهه انسان هتي ڄاڻي ٿو يا جيڪي ڪجهه کيس ڄاڻڻ جي ضرورت آهي.

This is all ye know on earth and all ye need to know.

مغربي فلاسافرن، يونان جي پراچين سمي جي پرسد ٿيل گيانين، سقراط ۽ ارسطوءَ کان وٺي اڄ جي زماني جي مشهور فيلسوفن برگسن، ليشي، رسيل، آئنسٽائين، سڀني پنهنجي سموري زندگي سرشٽيءَ جي راز سمجهڻ پٺيان وتيت ڪئي آهي. هي سنسار ڇا آهي، جيڪي ڪجهه ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو اهو سڀ ڪجهه انهن جيئن ڏسڻ ۾ اچي ٿو تيئن سچ آهي، يا هن نظاري ۽ پساري پٺيان سچ ۽ حقيقت ڪا ٻي آهي ۽ هي سڀ ڪجهه مايا ۽ دوکو آهي.

ساڳيو سوال ڀارت جي رشين ۽ تتو ويتائن آڏو آيو، جيتوڻيڪ ڪجهه ٻدليل روپ ۾. ڀارتي فلاسافر لاءِ سچ ڄاڻڻ جي اڪڇا محض سچ ڄاڻڻ جي چاهنا جي پيدائش نه هئي مگر اها جيون جي ڏکن ۽ ڪليشن کان نجات حاصل ڪرڻ جي چاهنا مان پيدا ٿي. هي سنسار سٿر نه آهي، اَن-اسٿر آهي، ٻدلجندو

وصف آهي جنهن جي موجودگي هڪڙي رچنا کي ساهتيه بڻائي ٿي ۽ جنهن جي عدم موجودگي ٻيءَ رچنا کي ساهتڪ حيثيت حاصل ڪرڻ ۾ ٻاڌا ٿي پڄي؟ ساهتيه جي تشريح ڪن آلوچڪن هنن شبدن ۾ ڪئي آهي. چي ساهتيه زندگيءَ جو درپن آهي سندر شبدن ۾:

Literature is the representation of Life in words of beauty.

پڻ هڪ آلوچڪ ساهتيه جي تشريح هن نموني ڪئي آهي، يعني ته معياري گرنٿڪارن جا معياري گرنٿ

Standard books by standard authors

سوال اٿندو ته اهو معيار ڇا آهي. جواب هوندو ته معياري گرنٿ اهو آهي جو جيون جو چٽر سندر شبدن ۾ ٿو چٽي، يعني ته جو ستيه ۽ سندرتا جو دگ درشن ٿو ڪرائي ۽ جو پاٺڪ کي پريرنا ڏئي ڪيس به ان ستيه ۽ سندرتا جي احساس ڪرڻ لاءِ اُتيجت ٿو ڪري جنهن ستيه ۽ سندرتا جو ان گرنٿڪار کي ساکياتڪار ٿيو آهي، اهڙو مليو آهي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته انادي ڪال کان انسان ستيه جي حاصليت لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي. انسان جي من جي اندر، هن جي ذهن ۾ هڪ الڪنا رهي ٿي ستيه کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي؛ ۽ انگريزي

۽ ان مقدار ۾ اها رچنا ساهتيہ سڏجڻ جي حقدار ٿيندي.

هي جيڪي ڪجهہ چئي ويس سو مٿان رڳو ڪلپنا ڪري سمجهيو وڃي ان ڪري هڪ اڌ ٿوس مثال ڏيڻ غيرواجب نہ ٿيندو. انگلنڊ جو جڳ پرسڌ ڪوي جان ملٽن جڏهن پنهنجي سورداس ٿيڻ تي چوي ٿو

God doth not need either man's work or his own gifts
Who best bear his mild yoke, they serve him best

يعني نہ ايشور کي نہ انسان جي ڪاريہ جي ضرورت آهي ۽ نہ کي وري هنکي انسان کي عطا ڪيل نعمتن جي واپسيءَ جي ضرورت آهي؛ رڳو جي سندس نرم پالڻهاري ٻخوبي برداشت ڪن ٿا سي سندس بهترين شيوا ٿا ڪن

لڏهن هو انهن شبدن ۾ هڪ اعليٰ سچيہ جو اظهار ٿو ڪري؛ ايشور جي ڀاڻي تي راضي رهڻ، سڀ ۾ چڱائي ڏسڻ، جو ساڳيو ستيہ انسان جي ڀلائي گهوٽ شاهہ عبداللطيف هنن امر شبدن ۾ ٻڌايو آهي:

ٻوڙان سندي ٻار جي مڙهائي مٺائي
ڪالهي ڪڙائي چکين جي چيٽ ڪري.

يا وري ٻيو انگريزي ڪوي ڪيٽس جڏهن آنڙا بيلا

رهي ٿو. اڄ استري سندرتا ۽ جوڀن جو مجسم آهي، ۽ ان ڪري خوشي ۽ لطف ٿي ڏئي، سهاڳي جي ٻڍاپي ڪارڻ ڪروپ ٿي پيئي ۽ دک جو ڪارڻ ٻڻجي. ان-سترتا، بدل سدل، ڦيرگهير، دک جو ڪارڻ ٿي ٻڻجي. ان ڪري پارٽي فيلسوفن جي من ۾ ساڳيو سوال هن نموني پيش ٿيو: هيءُ ٻدلجندڙ ۽ ڦرندڙ سرشٽي جيئن آهي تيئن سچي آهي يا ان جي پٺيان ڪا ٻي حقيقت يا ڪو ٻيو سچ سمايل آهي. ان مسئلي جو جڏهن پارٽي فلاسافرن حل ڳولي ڪڍيو تڏهن کين دک ۽ پيڙا کان ڇوٽڪارو حاصل ٿيو ۽ آنند جو انڀو کين مليو.

هن بحث اسان کي هڪ ٽيئن وصف ڏانهن ڪيڇي آندو آهي - آنند. سچ ۽ سندرتا جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. ستيم، سندرم ۽ شوم- ستيہ، سندرتا ۽ آنند اهي ٽيئي پارٽي ٻرهمڻ موجب جيون جا آدرش ڪري مڃيا ويا آهن ۽ سچي معنيٰ ۾ ساهتيہ اهو آهي جو اسان کي سچ جو درشن ڪرائي، سندرتا جو احساس ڏئي ۽ آنند جو انڀو ڪرائي. البت هر ڪنهن ساهتڪ رچنا ۾ اهي ٽيئي گڻ ڀرپور نہ هوندا، لڪي وري ٽنهي مان ڪو بہ هڪڙو گڻ ان ۾ پورنتا ۾ سمايل هوندو ۽ مگر جنهن حد تائين، جنهن مقدار ۾ اهي ٽيئي گڻ ڪنهن رچنا ۾ سمايل هوندا، ان حد تائين

لائق ٿين ٿيون.

سنڌس ننڍڙو ڳٽڪو "سچو سائي" ڪڍون. هڪڙو هڪڙو جملو املهه سٽن سان سٽيل آهي. هڪ لک ڪاپيون ڪنهن ڪتاب جون ڇپجن ۽ ويڪال ٿين سا ڳالهه تصور ۾ ئي آڻڻ مشڪل ٿيو پاسي - ڪرشمو ٿيو پاسي.

"سچو سائي" جي وشيشتا اها آهي ته اهو گيان جو ڀنڊار آهي. ڪتاب جو ٻيو نالو آهي ستسنگ. دکي انسان من جي شانتيءَ لاءِ اڪثر ڀٽڪي ٿو ۽ بعضي ستسنگ ۾ من جي شانتيءَ لاءِ تلاش ٿو ڪري. سچو سائي اهو ستسنگ گهر ويٺي ميسر ٿو ڪري. جڏهن به من ڏولائمان ٿئي تڏهن هن ڪتاب جو پاٺ ڪرڻ سان ڏڍ ۽ سنتوش حاصل ٿيندو.

پر هن ننڍڙي ڳٽڪي جي خوبي اها آهي ته اهو دستوري ٽرمي گرنٿن جيان نه آهي جنهن جو پوڙها يا استريون بنا ڪجهه سمجهڻ جي پاٺ ڪن ۽ پاڻين ته اسان سورڳ ڏانهن هڪ قدم اڳتي وڌايو يا پنهنجا پاپ ڌوئي ڇڏيا.

هن گرنٿ جون ٻه خاص خوبيون آهن. پهرين هيءَ ته ان جي عبارت صحيح معنيٰ ۾ ساهتيڪ آهي ڇو ته ٻوليءَ ۾ رواني آهي، شبدن جي چونڊ ڪلاتمڪ

جي مولڪ شڪتيءَ جو بيان ڪندي هن جي سٽن جو هنن شبدن ۾ ٿو ذڪر ڪري:

Those dainties made to still an infant's cries

اهي نفيس وستو جي ايشور ٻالڪ جي رودن خاموش ڪرڻ لاءِ استري کي عطا ڪيون، تن هن هو ستيه ۽ سندرتا جي هڪ ئي مثال تصوير ٿو پيش ڪري جا ذهن ۽ من کي پار ڪري آتما تائين پهچي آنند جو انڀو ٿي ڪرائي.

ڪوي پيوس به اهو ساڳيو ستيه امر سندر واڪين ۾ قلمبند ڪري الي آنند جو احساس ٿو ڪرائي:

ڏاڍو جمر ڏيڻ لي لڻن ڪيو جي وهائي
سنسار ۾ صفر ڪان پهرين سمر اچي ٿو.

اها آهي ساهتيه جي پرک. جا رچنا ستيه جو اليڪه ٿي ڪري، جا سندرتا جي ايجاد ٿي ڪري، سا اوس آنند ٿي ڏئي ۽ اها رچنا ساهتيه سڏجڻ جي مستحق آهي.

اچو ته ان ستيم، سندرم، شوم جي ڪسوٽيءَ تي سوامي ڀوڌراج جي ساهتيه جي پرک ڪريون. اسين ڏسنداسون ته سندس رچنائون ان ڪسوٽيءَ تي لاشڪ ساهتڪ رچنائون، اعليٰ، معياري ساهتڪ رچنائون

ايندا هون.

ٻهرين ڀيرين سوامي ٻوڌراج جي موزون اپمائن ڪتب آڻڻ جي وصف جو هن پئراگراف ۾ درشن ملي ٿو. سج جي شمع، سوجهيءَ جي ڏياٽي، سوجهري جون لاٽون، ٽيئي بلڪل موزون ۽ اڻائتا چٽر آهن.

ٻي خوبي. هيءَ پئراگراف مشڪالي جسي عبارت جي طرز جي ياد ٿو ڏياري؛ لنبا جملا لڏين لڏين پاڳن ۾ ڏنا ويا آهن جي قدم به قدم خيال کي دماغ ۾ ٺوڪيندا ٿا هلن ۽ آخر چوٽ تي وڃي ٿا رسائين.

ٽين خوبي. وچار کي پيش ڪرڻ جو طريقو اهو نه آهي جو انهن پاٺڪن لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي جن جي باري ۾ اڳلي کي خاطري هوندي آهي ته هو ٻڌا سوچڻ ويچارڻ جي جيڪي به ڪين ڏنو ويندو سو ڳيتون ڪري ٿي ويندا پوءِ اندر هضم ٿئي نه ٿئي. ٻوڌ جي ويچار جي پيش ڪرڻ جي خوبي هيءَ آهي ته هو ذهني پاٺڪن کي به لطف ڏيئي سگهي ٿو ۽ عدهن به شرڌا جاڳائي سگهي ٿو؛ هو اوٽ پٽانگ ڳالهيون نه ٿو لکي جي سوچ ڪندڙ پاٺڪن کي ناستڪ يا اوشواسي بڻائين، سندس لکڻي ذهني پاٺڪ لاءِ به لذت وارو طعام آهي.

مٿين پئرا ۾ ٻوڌراج جي ان خاصيت جي به جهلڪ

آهي ۽ ويچار بلڪل اڻائتي انمولي شبدن ۾ پوتل آهن. جيون جا ايڪ ستيہ سندرتا سان درج ڪيل آهن ۽ ان ڪري آنند ڏا ڏين.

پوڙ جي عبارت جي هڪ خاص خوبي جا ڪنهن ۽ سچاڻ آلوچڪ جو يڪدم ڌيان ڇڪائيندي سا هيءَ آهي ته هو پنهنجي ويچار کي سپشٽ ڪرڻ لاءِ ٿپ ٿپ لي موزون، ٺهڪندڙ دماغ کي تسڪين ڏيندڙ تشبيهون ۽ استعارا ٿو ڪم آڻي، جا وصف ان ساهتيڪار جي ئي رچنا ۾ ملندي آهي جنهن جو اڀياس ۽ انڀوَ ٻئي وسيع ۽ وشال هوندا آهن.

سچو ساٿيءَ جو منگلاچرن ڪڍون. پهرين پئراگراف جا چيون. لکي ٿو سوامي پوڙراج :

” جنهن جوتي پرش جي بي حد چمتڪار ڪري سج جي شمع روشن آهي، پراڻي ماڻر ۾ سوجهيءَ جي ڏياٽي ٻري ٿي، انسان جي دماغ ۾ سمجهه جو سوجهرو لاٽون ڪري گيان جو ڏيئو ٻڙجي ٿو، سو جوتي پرش اسان سڀني جي دلين کي انڀوَ جي جوت سان روشن ڪري.“

هن هڪڙيءَ ننڍڙي پئرا گراف ۾ ڪيترو سارو ستيہ ۽ ڪيتريءَ نہ سندرتا سان پوئو ويو آهي. ان جو چيد ڪندا سون تہ انيڪ ساهتيڪ خوبيون نظر ۾

اليڪ ڪري سگهجي ٿو. وري بہ ”سچو سائي“ ڏانهن ٿي نظر ڦيرائيون، ”برهما ڀڳتيءَ“ جو پاٺ ڪريون:

”ايشور جي وڏائي بندو ڪيئن سمجهي سگهي. هو پهاڙ نہ هي پٿر، هو ساگر نہ هي ڦڙو، هو سُورج نہ هي ٽارو، هو ڀرپور ڀنڊار نہ هي هڪ خسيس ذرڙو.“

ايشور ۽ ايشور جي هن برهمانڊ ۾ انسان ڪيتري نہ ننڍڙي وٿ آهي ان ستيہ جو بيان هن کان وڌيڪ سندر، وڌيڪ موزون، وڌيڪ اثرائتن شبدن ۾ ڪرڻ مشڪل آهي. ايشور ۽ انسان جي وچ فرق ۽ مفاصلو بلڪل ٺيڪ ۽ يقين ڏيندڙ مشابهتن ذريعي پيش ڪيو ويو آهي - پهاڙ ۽ پٿر، ساگر ۽ ڦڙو، سُورج ۽ ٽارو.

اڳتي هلي ٻوڌ چوي ٿو:

”اکيون اهي چنڊن جي سچي پريم پريوءَ جي ملڻ جي واٽ نهارين ٿيون. زبان اُها چنڊي جا پريوءَ جي نام وٺڻ ۾ نهال ٿئي ٿي.“

هي جملو پڙهڻ سان بي اختيار ڪاليداس جي شڪنتلا ۾ آيل هڪ پرسنگ من تي تري اچي ٿو.

ملي ٿي. لکي ٿو سوامي ٻوڌراج: "ذرو ذرو ڪنهن نه ڪنهن گڻ سان ڀرپور هئڻ ڪري." هنن شبدن پٺيان ساهتيڪار جو سچائي ۽ سڄاڳ دماغ لڪل آهي، سرشٽيءَ جي هر ذري ۾ ايشوري گڻن مان ڪو نه ڪو گڻ موجود آهي، هر ذري ۾ هڪڙو ايشوري گڻ موجود نه به هجي ته به ڪو نه ڪو گڻ اوس موجود آهي جنهن ڪري اهو "گيان جو ڏيئو ٻڌجي پوي ٿو."

هن ويچار کي ٿورو وڌيڪ خلاصو ڪبو ته انساني فطرت جي هڪ مهان ستيه جو ان ۾ درشن ملندو. ڪو به انسان پرپورڻ نه آهي؛ نه ڪو مڪمل طور ايشور يا برهم جو سروپ آهي؛ ۽ ساڳئي وقت ڪو به انسان مڪمل طور شيطان به نه آهي. ايشور جو ڪو نه ڪو گڻ اڌم ۾ اڌم انسان ۾ به موجود آهي - سچا سکڻا ڪوئي نهين. چورن ۽ ڌاڪن ۾ به هڪ قسم جو اخلاق هوندو آهي؛ شرابيءَ ۽ جواريءَ ۾ به ڪا نه ڪا خاصيت ملندي ٿي ملندي. چمبل جي ڌاڙيلن جون ڪهاڻيون جي اڄڪلهه اخبارن ۾ اچن ٿيون سي هن ستيه جي تصديق ٿيون ڪن. اهي ڌاڙيل جن جا هٿ خون ۾ رڱيل آهن سي به هڪڙي جو ڌن ڦري ٻين دين ڏکين ۾ وراهيندا هئا.

ٻڌ جي رچنائن جي سندرتا جو ڪجهه وڌيڪ

ڪانهي، دهشت ڊر عدم موجود آهي؛ ماڻهو ۽ لس وهڪرو هلندو ٿو هلي. نيڪ انهيءَ طرح سوامي ٻوڌراج جي ٻوليءَ جو وهڪرو ماڻهو آهي، سيتل آهي، سوٻڪو آهي. ان ۾ جذباتي اُٿل پٿل يا بي آرامي ڪانهي، ان ۾ هڪ ڦڙاڪ جي آنند مانند ڪانهي، ان ۾ هڪ ساتوڪ ٻوڌ جي سيتلتا جو عڪس ملي ٿو.

ان قسم جي عبارت ٻوڌ جي رچنائن جي اُڏيش ۽ مقصد سان ٺهڪي اچي ٿي. ٻوڌ سماجڪ ظلمن خلاف ڦڙاڪو ودروهي ڪونهي جنهن جي لکاوٽ پڙهڪائي يا ڀڙڪائي، شاهوڪارن خلاف غريبن ۾ نفرت ڦهلائي يا مالڪن ۽ مزدورن جي وچ ۾ ڇڪري ڪڙي ڪري. هن جو مقصد آهي انسان جي آتما کي شانتي ڏيڻ، آتمڪ آنند جي راهه ٻڌائڻ ۽ ان مقصد جي حاصليت لاءِ ٻولي ڏيندڙ عبارت اوس ماڻهي ۽ سيتل ٿيڻ واري آهي. پر ان جي وشيشتا اها آهي ته سيتل هئڻ جي باوجود اليڪ ساهتڪ وصفن سان سينگاريل آهي.

انسان کي اها غلطي نه ڪرڻ گهرجي جو پاليون نه ٻوڌ جون ڪل رچنائون ويدانت فيلسوفيءَ يا آتم واد سان ڀريل آهن ۽ ٻين وشين ڏانهن سندس ڌيان ڪونه ويو آهي. هونئن ته آءٌ جيڪو چوان ته سندس "سچو

راجا کان ودوشڪ پڇي ٿو: راڄن! اوهان شڪنتلا کي ڏٺو. راجا چئي ٿو ها. ودوشڪ اُن تي چوي ٿو: راڄن اوهان اکيون اجايون وڃايون.

ساهيو تي ويچار ڪجي ته هن جملي ۾ سمايل آهي. اکيون آهي ڄڻجن جي سڄي پريتم پرڀوءَ جي وات نهارين ٿيون، يعني ته جي اکيون ايشور جي درشن ڪرڻ لاءِ ترڇيل ٻدران سنساري درشين ۾ اٽڪيل آهن سي اکيون ته ڪونهن ۽ زبان ته اهڙا جا اُن سڄي پريتم جو نام وٺي.

پوءِ جي فيلسوفي جديد زماني جي ڪن ذهني پرشن جي دماغ کي تسڪين ڏني نه يا ته اهو سوال الڳ؛ پر سنڌس ان فيلسوفيءَ پيش ڪرڻ جو اوج ۽ نمونو، سچارڻ ساهتڪ آلوچڪ جو داد اوس حاصل ڪندو.

پوءِ جي عبارت جي هڪ ٻيءَ خوبيءَ ڏانهن ڌيان ڏيون- سنڌس ٻوليءَ جي رواني. سنڌس شبدن ۽ جملن جو پرواهه هڪ مائيٽي، سيتل نديءَ جي پاڻيءَ جي پرواهه جيان آهي جا پهاڙن ۽ وادين مان لنگهي ميدان تي پهتي آهي ۽ پنهنجي اصلوڪي گهر ساگر ۾ وشرام ڪرڻ لاءِ وڃي رهي آهي. اهو پرواهه سربگو آهي، ٻڪ رنگو آهي. ان ۾ گهگهوڙ ڪانهي، اٿل پٿل

ڪرڻ لاءِ ڀرپورا ٿا ڪن- مثلن "ڪمالت جي ڪنجي" "عمل ري علم اجايو"، "جهڙو ٻج تهڙو فصل" ۽ ٻيان آهن بياني مثلن "نوراني نشاط باغ"، "ٻه ڪشميري زالون"، "مورليءَ جي مٽيا".

سندس بياني مضمون مان معلوم ٿو ٿئي ته سوامي ڀوتراج جي پنهنجي دل ۾ ليتون سان ايشور جي گڻن جو درشن ڪرائي سگهيو ٿي ته سندس جسماني اک قدرت جي سندرتا جو مشاهدو ڪرائي سگهي ٿي: "نشاط باغ" ۽ "مورلي جي مٽيا" ۾ جي ڀوتراج قدرتي سوندرتا جا من کي آڪرشت ڪندڙ نظارا چٽيا آهن ته وري "ڪشميري زالون" ۾ هن ناريءَ جي سندرتا جو الوپ چٽ ڏنو آهي.

سندس اخلاقي مضمون دنيوي لوڪن ۽ نوجوانن جي وهنوارڪ ڪيتر ۾ صحيح نموني هلت هلڻ جي ڏس ۾ رهنمائي ڪندڙ آهن ۽ سندس آتم واد وارا مضمون آتمڪ آنند حاصل ڪرڻ لاءِ شاهي پيچارا آهن.

ٻوليءَ جي رواني، تصوير نگاري، تشبيهون ۽ استعارا اهڙي طرح سندس مضمونن کي ٻه سينگارين ٿا جهڙيءَ طرح سندس سچو سائي سينگاريل آهي. پاشا سول،

ساڃي" هڪڙو ڍنڪو ٿي ڀوڄراج کي ساهتيڪ کيتر ۾ ڀوڳ جڳهه حاصل ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي، پر حقيقت هيءَ آهي ته هن گوناگون وشين تي لکيو آهي ۽ هر وشيه کي ڪامل ڪاريگر جيان سينگاريو اٿس. سنڌس هڪ ٻيو ڪتاب "سونهري سخن" سوامي ڀوڄراج جي رچنائن جي گوناگونيءَ جو ثبوت ٿو ڏئي.

"سونهري سخن" ۾ سوامي ڀوڄراج جي مضمونن جو خزانو قلمبند ڪيل آهي. ان ڪتاب جي رڳو فهرست تي نظر ڦيرائڻ سان حيراني وٺيو وڃي اهو ڏسي ته ڪيئن ٻوڌ جدا جدا، مختلف وشين تي ذهني روشني وڌي آهي. ان ڪتاب جي مضمونن ۾ جا وشين جي هڪيڙ آهي تنهن مان سوامي ڀوڄراج جي وديوتا، اپياس ۽ کوج جي هڪيڙ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ۽ هن جي انڀوَ جي عميقيءَ ۽ وسترتا جو ڪجهه ڄاڻ ملي ٿو. "ڪماليت جي ڪنجي"، "عمل ري علم اجايو"، "نورالنور باغ نشاط"، "ٻه ڪشميري زالون"، "موڪتا جو مرض"، "ڏنو سپ وسار" وغيره وغيره. هنن مضمونن کي ٽن دفعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا آهن خالص روحاني، آتم گيان جا سرچشما مثلن "اوديا ۾ آڪاڙو"، "اصليت ڇا آهي" وغيره. ٻيا ذهني ۽ اخلاقي جي انسان کي صحيح اصولي آچرڻ

لاءِ آدرشي واهڻ ڪري ڪتب آندل آهي، پوءِ جي ڪوتا ۾ اهو ساڳيو واهڻ ان پورنتا جي چوٽيءَ تي ڪين رسيو آهي. ان جو ڪارڻ شايد هي هجي تہ ان قسم جي ويدانت گيان جي پلٽ لاءِ دوهو جهڙو موزون واهڻ ٿي سگهي ٿو اهڙو موزون شايد پارسي نظم ٿي نہ سگهي؛ يا ممڪن آهي تہ سرسوتي ديويءَ جي مهر جيتري ساميءَ تي ٿي اوتري پوتراج تي نہ ٿي. چوندا آهن ديوتائون بہ اڪا جو شڪار ٿيندا آهن ۽ هرڪا نعمت هڪڙي ئي شخص کي ڏيڻ ڪين ناگوار لڳندو آهي. انهن چو ٿئي تہ پوءِ نثر جو ماهر هوندي، ڪوتا ۾ بہ پرپيڻ هجي!

نظم ۽ نثر جي وچ ۾ هي فرق ڪڏهن بہ ڀلائڻ نہ کپي تہ نثر ۾ ڪو بہ ليکڪ محنت، ابياس ۽ مشق سان ڪماليت جي چوٽيءَ تي رسي سگهي ٿو ۽ پوءِ جو نثر ڪماليت جي ان چوٽيءَ تي لاشڪ رسيو آهي، مگر نظم جي حالت ۾ محنت ۽ مشق ايتري ڪاميابي آڻيندي جيتري ذات هوندي. ڪوتا ـ رچنا جي باري ۾ چئي سگهجي ٿو:

Oars alone can never prevail
To Reach the distant Coast
Heavens breath must swell the sail
Or all the toil is lost.

شبد چوائڻ ۽ سکيائون دل ۾ ويهي ويندڙ.

ٻڌ جي رچنائن جو هي ساهتڪ ڪٿن اڌورو رهجي ويندو جيڪڏهن سندس شعر يا ڪوتا جي ٻاري ۾ ڪجهه درج نه ڪيو ويو. سندس ڀيٽ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي سنڌي شاعر سان ڪرڻي هجي ته ساميءَ جو نالو يڪدم من تي تري ايندو. ٻنهي جي ڪوتا جو مضمون ساڳيو، ڏيه ساڳيو، عبارت ساڳي، نوع ۽ نمونو ساڳيو. جيڪڏهن ڪجهه فرق آهي ته هي ته سامي هندي دوهو ڪتب آندو آهي، ٻڌراج گهڻو تڻو پارسي بحر وزن جو اپيوگ ڪيو آهي.

سوامي ۽ ٻڌ ٻنهي جي شعر جو مقصد هڪڙو ئي آهي: جيو کي هن ناسونت سنسار جي انستڙتا جي ڄاڻ ڪرائڻ ۽ اگم ڏانهن مائل ڪرڻ. ٻنهي جي ڪوتا من کي سيتل ڪندڙ آهي، روح کي راحت ڏيندڙ آهي. جي ڪجهه فرق آهي ته هي ته ڪويءَ جو درشن ٻڌراج جي ڀيٽ ۾ ساميءَ ۾ ڪجهه وڌيڪ چمتڪاري روپ ۾ ملي ٿو، ڪجهه وڌيڪ پورن سروپ ۾.

انهن چوڻ جو مقصد اهو نه آهي ته ٻڌ جي ڪوتا جي مهما کي گهٽائجي. مقصد هي آهي ته ساميءَ جي ڪوتا جنهن نموني ويدانت گيان جي ڀنڊار ڀرڻ

مثلن:

جڳ سڄو ني آهي انهنجي خيال جي هڪ ڪلپنا
خيال انهنجي مان سمورو جڳ ٿيو آ روانا

يا

دم دم ٽڙي گهڙي ٿو قدرت جو ڪارخانو
ٿي ڦير گهير هن کي تازو رکي توانو

هيءَ ڦير گهير لاهي پر تازگي ڏراوت
ڦاڻي نئون سو ٿئي ٿو چولو جو هي پرانو

يا

رهين ٿو ٻوڙ دل اندر،
پٺي دلدار دل جو لون
وڃان ڪٿ ڪنهن ٻئي هنڌ مان
ڇڏي آذار تو جهڙو

پوئين بند جي پوئين مصرع اسان جي آرسيءَ جي هڪڙي بند جي ياد ٿي ڏياري جا آرسي روزانو پورو ۾ وشواس رکندڙ هندن جي گهر گهر ۾ ليندي آهي.

ڪس بد ملون دنيا ميه لمڪو متن ڪمعي

؟ پهرئين مصرع هڪ اردو بند جي ياد ٿي ڏياري:

سوامي ڀوڌراج جي ڪوتا ڪيتري انش ۾ ان ذات جي پيدائش آهي ۽ ڪيتري انش ۾ محنت ۽ مشق جي اهو آءٌ چئي نه سگهندس.

منهنجو ڪهڻ هي آهي ته سوامي ڀوڌراج جي يگاني اعليٰ شخصيت جو شعاع، جنهن چمتڪار، تيج، رطبي ۽ عظمت سان سندس اثر ۾ پسڻ ۾ اچي ٿو، سو سندس نظم ۾ ڪي قدر جهڪو ٿو لڳي. مون مٿي چيو آهي ته ڀوڌ جي ڪوتا جي ڀيٽ ساميءَ جي ڪوتا سان ڪري سگهجي ٿي وشيہ لوڪن پيش ڪرڻ جي طريقي جي خيال کان. هي جڳ مايا آهي، ناسولت آهي، اصل ستيہ هڪڙي ايشور جي هستيءَ ۾ آهي، مايا جي جار ۾ ڦاسي انسان دکي ٿو ٿئي، سچو آنند اندر ۾ ئي ملڻ وارو آهي: هي اُيادي ستيہ آهن جي سڀني اعليٰ شاعرن اسان جي آڏو رکيا آهن ۽ ڀوڌ به ساڳيا ئي ستيہ پنهنجي ڪوتا ۾ پوتا آهن.

ڪوتا جون جي بنيادي خوبيون آهن وچار جي گهرائي ۽ ڪلپنا جي اڏام، ٻئي ڪنهن نه ڪنهن انش ۾ ڀوڌ جي ڪوتا ۾ به ملن ٿيون. ڪي ڪي ڪوتائون ته سچ پچ بلڪل ئي اعليٰ معيار جون آهن ۽ ڪي ڪي بند ۽ مصراعون اعليٰ ۾ اعليٰ خيالن جي ماڻڪن ۽ موتين سان جڙيل آهن.

جديد ڪوتا يا نئين ڪوتا جي هڪ ٻي به خوبي آهي. ان ۾ ڀاشا جي سندرتا جي بدران ڀاشا کي ذهني وٿ ٿو ڏاو وڃي جو دماغ کي ته ٺوڪر هڻي ٿو پر دل تائين مشڪل ٿو رسي. هڪ اُردو بند آهي:

دل خوش هئا هي مسجد ويران ديکه ڪر
ميري طرح خدا ڪا ڀي خانا خراب هئه.

جنهن مشاعري ۾ هي بند چيو ويو هوندو ان ۾ ضرور ٻڌندڙن جو ٺهڪو پئجي ويو هوندو. تازو بمبئيءَ ۾ هڪ مشاعري ۾ هڪ متر هڪ نئين ڪوتا پڙهي جنهن ۾ هڪڙي پنڪتي هئي

ايشور مري ڪونه ويو آهي، شيطان وٽ گروي پيل آهي.

هي خيال جو وٿ آهي، ذهني پيچ آهي جو شايد گهڙيءَ پلڪ لاءِ لطف ڏئي پر ان جو تاثير عارضي آهي، دائمي رهڻ وارو نه آهي.

جديد ڪوتا، نئين ڪوتا يا اڪوتا جي بنيادي ڪمزوري هيءَ آهي ته اها زندگيءَ جو مسئلو پيش ته ڪري ٿي مگر ان جو حل نه ٿي ٻڌائي. جديد ڪوتا هڪ مسلسل سوال (؟) آهي، پوڇڻ آهي، ان پوڇڻ جو اُتر يا جواب نه اُن وٽ آهي ۽ نه جواب ڏيڻ ان جو مقصد آهي.

دل ڪي آئيني ۾ هئي تصوير يار
جب ذرا گردن جھڪالي ديکھ لي

۽ دور يڪتائي جي سري وارو شعر ان اڪتا ۽ وحدت جي سکيا سان ڀريل آهي جنھنجي حاصليت سان من ھرک سوک، لھذا اُستتيءَ جي دولڊن کان نجات حاصل ڪري ٿو.

باقي هڪڙي ڳالھ چئي آءٌ پنھنجو هي لنبو مقالو ختم ڪندس. هي ويدانت تصوف جو شعر، هي وحدت ۽ يڪتائيءَ جا گيت اڄوڪن نوجوانن کي مشڪل آنڙلدا جن جي دل ۽ دماغ نئين ڪوتا ا ـ ڪوتا ، جي جادوءَ ۾ جڪڙيل آهي. هنن کي هيءَ ڪوتا پٽي، پراڻي، گھٽي بيٺي زماني جي پکواس لڳندي، جنھن ۾ نہ حقيقت نگاري آهي ۽ نہ جديد يگ جي انسان جي جذبات، تقاضائن، ڪشمڪش ۽ ڪيفيتن جو چٽو چٽيل آهي. هو چوندا تہ ان قسم جي ڪوتا آفيم يا چرس جيان هڪ نشو آهي، جو انسان کي دنيا جي ڪشمڪش ۽ جدوجھد کان بي نياز ڪري بي سرت ٿو بڻائي ڇڏي. ان ڪوتا جي ڀيٽ ۾ هو ان ڪوتا کي وڌيڪ مانيتا ڏيندا جا ”موديءَ جو پل“ جي يادگيري ٿي ڏياري يا جا دوست جي هٿياري ڇري جي دانھن ٿي ڪري.

ٻڌ ۽ صوفي مت

پروفيسر وشنداس جڳتياڻي (ٻولو)

صوفي نعرو هڻي ٿو "اناالحق" جو،
"آءٌ خود خدا آهيان"
انااحمد بلا ميمي

آءٌ آهيان احمد، ميم کان سواءِ، يعني احد يعني خدا.

ويدانت چوي ٿو: "اهم برهم اسمي" آءٌ برهم آهيان.

اوهم: آءٌ اهو آهيان.

گرو نانڪ آکي ٿو: "من تون جوت سروپ هين".

ٻڌ به اها ئي ٻولي ٻولي ٿو:

"سروپ آهيان مان سچدانند
آنند، آنند، سڀ آنند"

جيون جو انتم مقصد جيڪڏهن دک سک کان نجات حاصل ڪري آنند جي پراپتي آهي ته اها پراپتي بنيادي ۽ انتو گيان جي مسئلن جي حل ڪرڻ کان سواءِ نه ملندي. انهن مسئلن جو حل پرمپرا واريءَ ڪوتا ۾ ٿي ملڻو آهي ۽ نه جديد ڪوتا ۾. ان نڪته نظر کان منشيءَ جي ان بنيادي مسئلي جي حل ڳولڻ جي ويچار کان ٻوڌ جي ڪوتا ۾ پڻ ان قسم جي شاعرن، شاهه، سچل، سامي وغيره جي ڪوتا سان گڏوگڏ رکڻ جي يوگيه آهي.

پوءِ به ساڳي سُر ۾ ٿو ٻولي :

هر جان ۾ اُهيءَ جو، پنهنجو ئي آهه جلوو
يڪوان آهه سڀ ۾ هي جيئو ٿورا سڀ

ڪبير جي واڻي آهي :

اول الله نور اُپايا، قدرت ڪي سڀ بندي
ايڪ نور تي سڀ جڳ اُپجا ڪون ڀلي ڪو مندي

پوءِ اُهيءَ جي تصديق ٿو ڪري :

آهي سرشٽ سندس، سنسار جي سموري
پنهنجي ئي نور مان، هن ناهيا ڀلا ٻرا سڀ

ايش اُپنشد جو واڪيہ آهي :

اَستو ما سدگميہ
تمسو ما جوتِرگميہ
مرتيور ما امرتم گميہ

پوءِ ڪوڙ مان ڪڍي مون کي سچ ۾ آڻ
اونده مان ڪڍي مون کي روشني ۾ آڻ
موت مان ڪڍي مون کي امر ڌام ۾ آڻ

پوءِ اُهيءَ ايش اُپنشد جي واڪيہ جو هيٺين سندر
امولي ترجمو ڪيو آهي :

جي آءٌ آهيان خود خدا نه هي سڀُو پسارو آهي منهنجو ظهور.

پوءِ لکهن کري پنهنجي هيئت ڏو واکاڻ کري:

پنهنجي سروپ ۾ نت مان رهان ڏو پوسن

١- من چت بدي اهم کان، آهيان پري اگم مان واڻي کري نه سگهندي، لکهنجو کڏهن به ورن

٢- شو، وشن، برهما آهن ڦوٽا منهنجي لهر جا مان جان آهيان جڳه جي، ساکيات سڀ جو موهن

٣- ست پوڙراج ساکي، آنند نت انادي هر روپ منجهه آهي، منهنجو اروپ درشن

ادويت وادي چوي ڏو:

"واشديو سروم". جيکي به پسين ڏو سو واسديو آهي.

سچل سرمست پولي ڏو نه هيءَ جيکو پسارو آهي سو آهي جاليءَ جو جنسار.

شاهه لطيف لات ڏو لوي:

وحدتا کثرت ٿي کثرت وحدت کل
حق حقيقي هيڪڙو، پولي پسي م ڀل
هي هلا چو هل، باللهه سندو سندو سڄڻين

ڇا جهڳن ۽ ٻرٽن لئي، سڳنڌيون ڏين ٻوٽيون
واس ٻٽين جي مٿل تن هيءَ سينگاري آرائي
مون ڏٺو جاچي چڱي ٻر ٻوڌ منڊل جڳت جو
آهه ليلا جڳت جي ساري جي ساري آرائي.

ڪبير فرمائي ٿو:
جس مرني سي جڳ ڊري، ميري لئي آنند
ڪب مرئي ڪب پائيئي پورن پرمانند

شاهه لطيف لنوي ٿو:
مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا

وڏيڪ چوي ٿو:
مون نه ماڻئين جانب جو جمال
ٻوڌ به ساڳي ٻولي ٿو ٻولي:
موڪان اڳ مون جي لون نه ماڻين موج ڪڏائي
هٺڻ مان ٿي اچي لوڏانهن هلاڪي ۽ نراسائي
سدائين جنڊ جي چاهين نه ٿي
”مان ۽ مون ڪان“ ويهه آجو
مڇين جيوس ٿو لون جدهن ڪي
اها ٿئي ٿي لنهنجي ڪائي.
آهين شڌ ”ٻوڌ“ لون آلم چدانند لوڪاري، لمس
نه لوهه هست ڪجهه آهي، لڪي آهه ليسمه جي وائي.

استت مان اسان کي ڪڍي، ستيہ ڏانهن ني
ڪڍي اونڌہ مان، گيان سروپہ ڏانهن ني
اوستا مان مرتيو جي ني امرت پد ۾

ٻئي هنڌ ساڳيو خيال هيئن ظاهر ڪيو اٿس:

منهنجي اندر جي اڪہ کي پرنُور ڪر تون
اڄي دل جي اندڪار کي دُور ڪر تون

گرو نانڪ جي آرتي، جا اسان سنڌين جي ٺڪاڻن ۾ هر روز ڳائڻ ۾ ٿي اچي تنهن ۾ گرو نانڪ پرماتما جي استت ڪندي ڏيکاريو آهي تہ سارو وشو مالڪ جي آرتي ڪري رهيو آهي:

گگن مئي ٿال روچند ديپڪ بني تارڪا منڊل
جنڪ موتي

آسمان آهي ٿالهہ، سورج چندرما ۽ تارا موتين جيئان
پيا چمڪن.

ساڳئي نوع ۾ بوٽ استتي ڪري ٿو:

مان ڪريان نرپو پلا، تنهنجي ڪيئن ٻي آرتي
ٿي ڪري جڏهين سڄي هيءَ وشو تنهنجي آرتي

آسماني ٿالهہ ۾ سج چنڊ چمڪن ٿا ڏيئا
رات ڏينهن هت ٿي ٿئي اِيءُ چمتڪاري آرتي

۾ ڪهڙيءَ ريت هلڻ گهرجي، اُن لاءِ پڻ اُنهن سنت ڪوين راهه روشن ڪئي آهي. سنڌ جي انهن سنت-ڀوشن، ساڌڪن ۽ سنت ڪوين ۾ سوامي ڀوڌراج جن هڪ اهميت واري جڳهه والارين ٿا. هن صاحب نثر توڙي نظم ڏوارا هڪ طرف ادب جي عظيم خدمت ڪئي آهي ته ٻئي طرف لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ مارگ درشن ڪرايو آهي. سنڌس ساهتيه ۾ ستيم، شوم، سندرم اهي ٽيئي گڻ موجود آهن. هن مانو ماتر جي ڪلياڻ لاءِ ستيه کي سندر نموني ۾ پيش ڪيو آهي. هيٺ سنڌس نظم جي مختصر دارشنڪ ۽ ڪلاتمڪ ڇنڊڇاڻ ڪجي ٿي.

درشن:

سوامي ڀوڌراج جي ڪاويه ۾ سنڌس دارشنڪ مانيتائن جي جهلڪ ملي ٿي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هو وشس ويدانت جو وڏو ڀوپاڻ پيل هو.

برهم:

نرگڻ نراڪار برهم جو اُليک ڪندي سوامي ڀوڌراج چوي ٿو ته برهم اجوني ۽ انادي آهي، اليکيه اپار اناميه اڪال اگوچر ادويه انوپم اچل آهي. ڪرتا آهي سوئم پرڪاشي آهي. ٿوريءَ برهم جي سروپ لکڻ ۽ لکشڻ لکڻ ڀيٽي جو ورنن ڪيو آهي.

سوامي ٻوڌراج

(سندس ڪاويہ جو دارشنڪ ۽ ڪلاتمڪ وويچن)

ڊاڪٽر ديال ”آشا“

ويهين صديءَ ۾ واسناتمڪ ويچارڌارا جو وهڪرو تمام تيز لڪو وهي رهيو آهي. ان لاءِ ٿلاهي اڄڪلهه جا اديب ۽ اداڪار آهن. سماج اداڪارن جي الذي ڏيک ويک کان متاثر ٿي اکيون پوري انهن جو انوڪرڻ ڪري ٿي. اڄڪلهه جا ڪيترا اديب مانوتا مريادا جا ليڪا لنگهي اهڙين تصنيفن جي تخليق ٿا ڪن جي انسان کي پسوءَ کان بہ بدتر بڻائين ٿيون. ساهتيڪار سماج جا نرمالا آهن، هو ٺاهيندڙ آهن نہ ڊاهيندڙ. ان ڏس ۾ سنت ساهتيہ انسان ذات جون اکيون پٽي کيس مانو مان ديوتا ۽ ديوتا مان ڀڳوان بڻائڻ جو پرياس ڪيو آهي. ورتمان يگ ۾ سنڌي جاتيءَ ۾ ڪيترا ئي سنت پرش، مهان آتمائون پيدا ٿيا آهن جن پنهنجي واڻيءَ دواران واسنائن ۾ وڪوڙيل جڪوڙيل انسانن کي آتم گيان ڏئي مڪت ڪيو آهي. منش کي سنسار

" آهين شڌ ٻوڌ تون آتم، چدانند نروڪاري نت
آهين تون امر سچدانند مدوتن توکي آ مارُ."

سوامي ٻوڌراج جي مٿين شعر ۾ نج ويدانتڪ وچار سمايل آهن. " تت توم اسي" تون خود اهو آهين؛ ارٿات تون خود برهم آهين. تنهنجي اندر ۾ گيان جي گنگا پرواهت آهي. پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي آتم روپي لعل کي لوڇي لهه.

گيان گنگا ٿي وهي تنهنجي نت هردي اندر،
ڏئي ٽٻي اُن منجهه تون لهه لعل آتم جو اُتي.

هي جيو! تون ئي ساري سنسار جو ساکي آهين.

"شڌ ٻوڌ سار سک تون ساکي سڀي جڳت جو."

جيو کي هڪ برهم جو چنتن ڪرڻ سان ئي سچي آنند جي پراپتي ٿيندي ۽ پوءِ سندس رڳ رڳ مان اونڪار جي ڌني نڪرندي.

رڳ ملپيل سر ايڪتا سان موج ايءَ هر وقت ماڻ،
ساز جنهن وڄندو رهي رڳ رڳ ڪاري اونڪار."

جيو کي جڏهن آتم گيان جي پراپتي ٿئي ٿي تڏهن ساکي سروپ آتم ساکياتڪار ڪري آکي ٿو:
سروپ آهيان مان سچدانند، آنند آنند لڀج آنند،
چوڏهن لوڪ آهن گهر منهنجو، عرش سڄو ئي آ آڱڻ.

سندس شبدن ۾:

آد آڌار اروپ لساڄن پرڪه اگوچر انتريامي
سڪه نڌان سروُ ڏڪه ناشڪ سندر ست چت آنند سوامي

نرڀئه پورڻ نرمل، سيتل شانت سروپ مها اُجيارو،
اچل اکنڊ اروپ شڌ سيتل ساکي سڀ کي ڄاڻڻ وارو.

شنڪر آچاريه موجب "ايڪو برهم دوتيو ناستي." هڪ برهم کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين آهي. سوامي بوڌراج ٻڻ دوئيت جو تياڳ ڪري سڀ ۾ سائينءَ جي صورت ڀسي ٿو:

"ايڪ ميوا ادليهم جو ٿو وڃي آلاپ امت"

"آهي سڀني ۾ هڪ آلم،
اُس سڀ ويس ھي ڀريا."

"نظر ليٺهن جي ساڻ ڏس ايڪتائي،
نظر رام جي سولهن ڀن ڀن ۾ آئي."

جيو:

جيو اگيان اوديا جي سبب پاڻ کي برهم کان جدا سمجهي ويٺو آهي. جيو پاڻ ست چت آنند سروپ آهي. جنهن برهم جي پراپتيءَ لاءِ جگياسو پڪي ٿو سو سوئم آهي. ڪويءَ جي شبدن ۾:

مڪتيءَ جي موج ماڻي سگهندو.

ڪويءَ جي شبدن ۾:

" آنانند ۾ مگهن ٿي موکيہ جي ماڻين بهار "

گروءَ جي ضرورت

پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ لاءِ گروءَ جي سخت ضرورت آهي. گرو ئي جيو جو اگيان اندارو دور ڪري سندس راهه روشن ڪري ٿو. گروءَ دوارا ئي جيو کي پنهنجي آتم سروپ جي پروڙ پوي ٿي. ڪويءَ جي شبدن ۾:

"گرو گيان سان سو لڌم لعل لوچي"

جيو جو من جي ڏولاون ۾ ڏڏي رهيو آهي، پرمن ۾ پلي رهيو آهي، ڦوڻن ۾ ڦري رهيو آهي سو ستگرن جي سنگ دوارا ئي استر ٿيندو.

"ستگرن جي سنگ ۾ ڪر نيڪ من جو وزن تار"

سوامي پوترام جي ساڌنا پدتيءَ ۾ گيان ۽ ڀڳتيءَ جو سندر ميل آهي.

گيان:

جيو جڏهن اگيان جي ننڊ مان بيدار ٿيندو تڏهن ئي کيس پنهنجي ساکي سروپ جي پروڙ پوندي. تنهن ڪري سوامي پوترام چوي ٿو:

"ننڊ مان اگيان جي جاڳي سهي ڪر پاڻ کي"

سوامي ڀوڏراج جي مٿئين مثال مان "اهم برهم اسمي" جو ڀاو ظاهر ٿئي ٿو.

"آهيان راس ۽ راس ڌاري ٻئي مان،
مهنجي ٿئي ٿي هر هنڌ هر وقت هون هون."

شريمد ڀڳوت گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشن ڀي، ارجن کي ائين آکي ٿو ته سڀ ۾ مان ئي آهيان.

جڳت:

سوامي ڀوڏراج جي ويچار انوسار هي جڳت صرف خيال جو پسارو آهي جنهن کي ڪابه سٽا ڪونهي. جڳت جا پدارٿ ٽي ڪالپنڪ آهن.

جڳت ۾ ڏسين جو تو احوال بابا،
سمورو ئي آهي تنهنجو خيال بابا.
دنيا جا جي سنبنڌ آهن سمورا،
ممت موهه جا آهن ظاهر ظهورا،
خيالي نظارا آهن سڀ اسورا.

ٻئي هنڌ ساڳي خيال کي پيش ڪندي سوامي ڀوڏراج چوي ٿو:

"خيالي جڳت هي سڄو خام آهي"

موکيه يا مڪتي:

جيو جڏهن آتم آنند ۾ استٿت رهندو تڏهن ئي

سوامي ڀوڌراج ڀڻ ساڳيءَ ريت ڀرم جي پستڪ پڙهڻ لاءِ ڀرپور ڪري ٿو.

اڄ ادا پڙهه ڀرم پستڪ، ڀرم ۾ ٿي رهه فدا،
ڀوڙ ڀيائيءَ ڪسي وجهي ٻن، آءٌ اندر ايڪتا.

جنهن جيو جي اندر ڀرم جو ساگر ڇوليون ماري ٿو سو سدائين سيتل سڀ ۾ سمر ڏسي ٿو سڀرڻ. سڀني ڌرمن مذهبن ڀرم کي مهانتا ڏني آهي. ڀرم ئي پرماتما جو روپ آهي.

” ڀرم ئي پرماتما جو پنٿ آهي بي خطا. “

سوامي ڀوڌراج جي مت اوسار سادڪ لاءِ ستسنگ ۽ سيوا ٻئي تمام ضروري آهن. گوسوامي تلسيداس جيان سوامي ڀوڌراج ڀڻ ستسنگ جي مهما ڳائي آهي.

اگياني جيو مڙدي لئه سڇو امرت آهي ست سنگ،
ڌرم ۽ موکيه مارگ جي سچي دولت آهي ست سنگ.

سادڪ کي ڀرم گيان جي مارگ لئي هلندي صبر ۽ شڪر کي اپنائڻ گهرجي. رب جي رضا ۾ راضي رهڻ گهرجي.

” رهه پيل پاڻي ۾، هردم اعتدالي چال چل “

سالڪ کي دل ۾ ديا ڌارڻ گهرجي. ڪيس پس

جيئو جو ڀاڳ کي ڀرپور کان ڀري سمجهي ويٺو آهي سو اگيان سبب تي؛ تنهنڪري جڏهن هو گيان جي اکين سان ڏسندو ته ڪيس ڏهن تي ڏسائين ۾ دلبر جو ديدار ٿيندو. سنت تلسيداس وانگر ساري سرشٽيءَ ۾ سيارام کي پسندو.

"گيان نيڻ کول پنهنجي دل ۾ پس رگهوبر تون"

پريم:

سوامي ڀوتراج پريم جي مهما ٻڌائيندي چوي ٿو ته دونيت کي دفنائڻ لاءِ، ادونت جي آنند ماڻڻ لاءِ پريم روپي پستڪ پڙهڻ جي ضرورت آهي. پريم کان سواءِ جيون نيرس آهي. پريم جو پنٿ تي سڀني پنٿن کان سرل سهڄ آهي. سوامي ڀوتراج جي لفظن ۾:

پريم جو هڪ پنٿ آهي،
پنٿ سڀ ڪنهن کان جدا،
ريس ساڙي حسد،
پيائيءَ کان سدا آهي صفا،

سنت ڪبيرداس ٻڻ دنيوي پستڪن کي ڇڏي، پريم جي اڀياس تي زور ڏنو آهي:

پوٿي پڙهه پڙهه جڳ مئا پنڊت ڀيا نه ڪوءِ
ڍائي اکر پريم ڪا پڙهي سو پنڊت هوءِ.

انيتان پراس:

ٻوليم امبرت جو پيالو ٻسو ڪري سڀ کي پيار،
ٻوليم سان شيوا ڪرڻ مان ٿي اچي دل ۾ ٻهار.
درد وارن جون دليون آٿت، دلاسا ڏيئي ٺار،

پيار ٻهار ٺار انيتان پراس جا مثال آهن.

اُپما:

”بدن باغيچي مثل سوهو سدا آباد ٿي“

”ساز هڪ مان جتن وڃن ٿا، راڳڻيون ۽ راڳ ڪئين،
ٽتن اندر من ۾ اُڀن ٿا، ڦوٽا هر هو بيشمار.“

”مثل گل دل کي رکه ڪومل، سدائين شڌ ۽ نرمل“

”ٻوڙ ميوي ڀريل ٽاريءَ مثل رکه انڙس ادب.“

روپڪ:

”حسد ۽ ساڙ جي اگني صبر جل سان وسائيندس.“

”ميت مون جو مهڻي من کي
دور اندر جو ڪر ايمان.“

”دل جي درخت ۾ ڌڌهن ٿين ڪٽن جا ڦل اڻ ميا.“

اُدهارڻ النڪار:

اسان سڀني ٻوڪوءَ سندي، ٿيو وشن سيڻي ڪان وڏو

سڀني ڀراڻين ۾ ڀاڱ ڀريو وياپڪ آهي. جو اُنهن تي ديا ڪري ٿو سو ڀاڱ وشنو روپ يعني برهم روپ ٿي وڃي ٿو.

دل ديا سان نت پوري ڪر ڏين دلين کي ڀهار،
دل جي ڪوملتا ئي آهي گڻن مڙني جو مدار.

دل ديا سان نت پوري ڪر جيو جنتوءَ جي رکيا،
ڀوڄ وشنو روپ ٿئي سو، جو لهي ڏکين جي سار.

سوامي ڀوڄراج جي ڪاويه ۾ ڪي ڪلاتمڪ وشيشتائون سهج روپ ۾ موجود آهن. ڪويءَ اُنهن جي پريوگ لاءِ ڪو خاص پرياس ڪونه ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته سنت ڪوي ڀاو پکش کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. سوامي ڀوڄراج جي ڀڳتي ڀرڪ ۽ اُپديشاتمڪ ڪاويه ۾ رس ۽ رواني آهي، ڇيڪان پراس اليتان پراس اُپما النڪار، روپڪ النڪار ۽ اُداهرڻ النڪار جو ڪيترن هنڌ استعمال ٿيو آهي. ڪٿي ڪٿي پراڪرتن جو پريوگ آهي ته ڪٿي ڪٿي اصطلاحن جو استعمال پڻ. جن جا ڪجهه مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

ڇيڪان پراس:

رواجن ريتين رسمن رلايا رلڊ آدم جا،
ڇوطرف ڇيت ڇاهه ساڻ ڇنيا ڇمن ڇهڻا.

"سدائين گل مثل جيئن ۾ اوهين آباد خوش رهجو"
مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن.

سوامي ٻوڌراج رباعيون ٻڌ لکيون آهن مگر "اندر جو آلاپ" ۾ درج ٿيل رباعين کي "سلوڪ" ڪري ليکيو ويو آهي. سلوڪن ۽ رباعين ۾ انتر آهي. سلوڪ ڀارتيه ڇند شاستر جي ديڻ آهي ۽ رباعي ڀارتي ساهتيه جي ديڻ. مثال:

شمع جا سڙندي ڏلي روشنائي،
عجب اُن موڪي 'ٻوڌ' ٻولي ٻڌائي.

سڙي ڀاڻ، روشن ڪيو جنهن ٻين کي،
آهي؛ امر جوتي جڳ ۾ جڳائي.

سگندي گلن سان سونهين باغ ٻهتر،
وسي ميگهه جلهين نشي امر لڏهن ٿو؛
ڌرم ويو گيانسي رشي ليجسي کي،
جمن "ٻوڌ" جلهين لڏهن ٿو سونهين گهر.

سوامي ٻوڌراج جا لمام کي ٿورا ٻيد لکيل آهن ۽ کي ٿورڙا بيت ٻڌ. گهڻي ڀاڱي سندس شعر علم عروض جي آڌار تي لکيل آهي. وزن ٻهر قافيه رديف ۽ خيال جي بندش جي خيال کان چڱو لڀابو آهين.

اڪشٽا شڪتي:

ڪويءَ جي ڪوتا ۾ ڪٿي ڪٿي اڪشٽا شڪتي سماهيل آهي.

مثال:

"ڪين سيبائن ڪڏهن ڪاڻون جا ٻر هنس مٿان"

اصطلاح ۽ پهاڪا:

ڪويءَ جي ڪاوِ ۾ ڪٿي ڪٿي اصطلاحن ۽ پهاڪن جو پڻ استعمال ٿيل آهي.

"سچ ۽ ڀاڄا آهه دنيا، مال ڌن ناهي بقا."

"هواڙون ٿو ڀڏي هڙ ۾ پتاشا ڳوڙ ۾ پهچي،
پيو ڪاٽي ٽڪر ٻلجي هلي ته ۽ ٽورو ميراني."

علم عروض:

ڪويءَ جي ڪيترين رچنائن ڪسي ڀڄن ۾ شمار ڪيو ويو آهي جي حقيقت ۾ علم عروض جي آڌار تي ڪي نظم آهن ته ڪي غزل آهن. وزن، بحر، قافيه رديف ربط بندش جي خيال ڪان پڻ پورا آهن.

مثال:

تو هلائي سرشت ساري ايشور جو قاعدو
فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

جي مول مراد آهي جيو ٻاڻ ٻچاڻي آتمڪ آنند پراپت ڪري. سنڌس ڪجهه شعر جيتوڻيڪ اُپديشاتمڪ آهن پر اُن جي مراد به اها ئي آهي ته جيو وچار وهنوار ٻڌاري مانسڪ شانتي حاصل ڪري. اُنهن سببن ڪري سوامي ٻوڌراج جي ڪاويه ۾ شانت رس پڌان آهي. سنڌس ڪاويه پڙهڻ يا ٻڌڻ سان شانتي جي اُپتي ٿئي ٿي. سوامي جن هتاش منش کي اُتساهت ڪرڻ لاءِ ڪي بند لکيا آهن جن ۾ ويرُ رس پڻ آهي. پريم جي جدائيءَ ۾ سالڪ ڳوڙها ڳاڙي ٿو. اهڙن چند شعرن مان ويوڳ شرنگار جي جهلڪ ملي ٿي. مگر سنڌس ڪاويه ۾ پڌان رس شانت رس آهي.

سوامي ٻوڌراج جي ڪاويه ۾ ڪٿي پرليڪن جو پرلوڪ پڻ آهي. مثال:

هنس ٿي هر حال ۾ هت ڪانو جي چڏ ڪار دوست
هت هنس گيا ۽ ڪانو اڳيا مورک جو پرليڪ آهي

سوامي ٻوڌراج جو ڀاو پکش چاهي ڪلا پکش سبل آهي. سنڌس ڪاويه ۾ سنگيتاتمڪتا آهي، ماڌريه آهي جو دلين کي لوڏي ۽ ڌوڏي ٿو. وهنوارڪ پهلو چاهي آڌياتمڪ پهلوءَ جي لحاظ کان سنڌس ڪاويه روشن منار جو ڪم ڪري ٿو.

ٻولي:

سوامي ڀوڄراج سرل سهڪ سنڌيءَ جو استعمال ڪيو آهي. سنڌس ۾ چندن ۾ عربي فارسي لفظن جي ڀيٽ ۾ نج سنسڪرت (تتسم) ۽ سنسڪرت جا بگڙيل شبد (تدڀو) وڌيڪ ڪم آندل آهن. سنڌس ٻوليءَ ۾ مٺاس آهي ۽ وشيه انڪول شبدن جي چونڊ ٿيل آهي.

نج سنسڪرت شبد (تتسم):

ڀيرت، گيان، پرڪرت، آد، نرانجن اگوچر، انترجامي، ست چت آنند، اهم سروگيه، پرڪرتي، دويه درشٽي، اچل، انادي، انامي، سوڪيم اليپ، پرم وغيره وغيره.

تدڀو:

الک، سروپ، جڳ، پرڪاش، ليائي، جولي، نرباڻ، ساکي، اومڪار، سهج پد.

وديشي شبد:

گلفام، جام، شيدا، قيام، خنجر، شمع.

عربي فارسي:

پروانو، پريشاني وغيره.

رس:

سوامي ڀوڄراج سنت ڪوي هو. سنڌس ڪاويه

ڀانئڻ لاءِ ڀري سگهي آهي. اهڙو جيو آدرش رهبر
ئي سدائين امر جوليءَ جي روشنيءَ هيٺ نه صرف
پاڻ سچ جي راهه تي هلي ٿو پر ٻين کي به سائينءَ
جي سک جي سڙڪ تان هلائي ٿو. اڄ اهڙي هڪ
ڪامل رهبر جي ڪيل سماج شيوا ۽ ساهتيه شيوا جي
قدرشناسي ٿي رهي آهي.

هن لوڪ پريه ڪامل رهبر پنهنجي جيون آجيوڪا
لاءِ ماستريءَ کي پنهنجو پيشو اختيار ڪري ڪيترن
ئي ڪچڙن دلين ۾ سچيءَ ۽ صحيح جيوت رهڻ
جو پرچار ڪيو. گهر گرهستيءَ ۾ رهي به دنيوي ٻنڌن
کان آزاد ۽ سوتنتر رهيو. هڪ قابل پوئي جيان غيب
جي ساگر ۾ ٽٻيون ڏئي اسان لوڪن لاءِ بي بها هيرا
جواهر ۽ ايڪ اخلاقيءَ جا سورٺن ميسر ڪري ڏنا
آهن. اهڙي جوهريءَ جي ڪمن ڪرڻ ٿيندو پنهنجو
پاڻ کي نگڻ، جو خود پاڻ هڪ هنڌ چيو اٿس ته:

”صبر، سنتوش ۽ مروت، آهه شاهه جي ملڪيت
لٽائڻ سان نه کٽجي ٿي، سکهي احسان جي دولت.“

هن مان صاف ظاهر آهي ته هن آدرش اديپ
جا اسان مٿان بيشڪ لک هزار احسان آهن جو
ساهتيه جي سوجهري معرفت اسان لاءِ صحيح ۽ ثابت قدم
هلڻ لاءِ سچ جي راهه روشن ڪئي آهي. ڇا اها

كامل رهبر

تيرٿ هنگوراڻي (پريتم)

" سوئي سيوڪ ڄاڻ، جنهنکي سڪ سڀڻ جي
سيوا ۽ سنيهه رهي، ڪڍي پنهنجو پاڻ
ساميءَ ڏسي ساڻ اندر ٻاهر سپرين."

سامي صاحب جي مٿين سلوڪ مان پروڙ ٿئي ٿي ته سچي سماج سيوڪ جون نشانيون ڪهڙيون آهن، سيوڪ سچ پچ ڪير سڏجڻ جي لائق آهي. نشڪام سيوا ته هڪ ساڌن آهي، ڇاڪاڻ جو اها دل جي پوترتا سان ڪئي ٿي وڃي ۽ نه ڪنهن زور ٻار جي زيراثر، جنهنڪري سچ پچ جيو کي من جي شانتي ۽ اندر جو آنند پراپت ٿئي ٿو. اهڙو ساڌن صرف اهو جيو ڪري ٿو سگهي جو رهڻيءَ ۾ سادو پر خيالن جو بلند، سياه ۽ ڏيجوان سان گڏ نرمل ۽ سنتوشي، دل ۾ سائينءَ جو سڪايل ۽ دکين لاءِ ديالو، هر حال ۾ پرسن چت، سدائين وڪارن کان پاڻ کي

سمايل هئا. هو انساني جاميءَ ۾ الله جي جوت هو جنهن جي ساک سندس نياز و نوڙت، ڏکين لاءِ درد ۽ عام جي ڀلي جي اُن، سماج جي اُنتي ۽ جاليءَ جي سمانتا جي ڪيل شيوا آهي. ڀٽڪيلن جو ڀلو آهي سندس راهه روشن ڪري ٿو. جو غريبن جو غمخوار، مريضن جو مددگار، ڏکين جو دلدار، سچي جو سچو ۽ ولهي سان به وفادار آهي، سوئي لوڪ شيوا جي سڙڪ تي پختي پير هلي سگهي ٿو. جنهن لاءِ به هن حق جي طالب جي زندگيءَ جي ورقن ورائيندي معلوم ٿو ٿئي ته سندس دل ۾ ڪيتري قدر درد جا دولهان دکي رهيا هئا ۽ تياڳ و قربانيءَ جي قوت هئي. انهيءَ لاءِ ايترو ئي چوڻ بس آهي ته:

" شمع وانگي جلي، جو روشنائي ڪري ٿو
سو ئي جڳ ۾، جڳ جڳ ياد رهي ٿو
ڀلي لاءِ ٻين جي، جو ڀلي پنهنجو پاڻ
'ٻوٽم' جڳ اهڙي کي، پرنام ڪري ٿو. "

لوڪ چوندا آهن ته جيءَ خوش ته جهان خوش. اهو هڪ آپسوارٿي خيال آهي. سچي لوڪ شيوڪ کي وري اهي تنگ دليءَ جا خيال ڪونه ايندا آهن، پر سائينءَ جو سدوارو سچو لوڪ شيوڪ وري انهن

گهڻي لاثاني ۽ لافاني سماج سيوا آهي، جنهن کي رڳو ايثار جي ديپ آهي؟ انهيءَ ۾ رڳي مانُ ۽ وڏائي ناهي نه زندگيءَ کي ڀوڳ، نمرتا، سيوا ۽ ڏيرج جي چمن ڪڙن دوهي مٺين سان سينگاري سان جيو پنهنجي سولهن سوڳه جي ڀرڻ کان ۽ سرس ٻڻائي سگهي ٿو. پر انهيءَ لاءِ ڪهي لڳن ۽ دل ۾ اٿوت ڪرم ڀاونا. جنهن لاءِ وري اندر جي اوجلتا جي ضرورت آهي. جڏهن اسان هر جيو ۽ وستوءَ ۾ الڪ پسنداسون، سيوا جي ڪرم ڪندي اُرمل ۽ سمدرشت ٿي ورلنداسون، ۽ اِلين ڪندي جي جيوت جي بازي نه لڳائڻي پوي نه خوديءَ کي ماري پنهنجو پاڻ پلائي، انهيءَ ڪرم ۾ نه هڪ الڪ جو امر ۽ اشارو سمجهي هن دنيا دوهي ڪرم ڀوميءَ ۾ جيوت جي بازي لڳائيندا سون، تڏهن ٿي سچ جي ٻوڪ پائي سگهنداسون. حق ناحق سمجهي سگهنداسون. اهڙو جيو هر حال ۾ سدا گلاب وانگر ٽڙندو ٽلندو رهي ٿو. هن کي دک سک، رنج راحت ۽ پنهنجي ٻوائي جي پيد جو خيال نه چڏيو، پر ڀرچائين نه نٿي هلاڪ ڪري جنهن ڪري هو سدائين لوليم ۽ نرمل چت رهي ٿو.

انهيءَ درشٽيءَ کان ته هيءُ ڪامل رهبر سنڌي سماج جي گلستان جو لاشڪ هڪ سندر گل هو جنهن ۾ گلابي گل جهڙا ٿي گڻ، سوڀيا، ڪوملتا ۽ سگند

سنتوش ۽ سمدرشٽيءَ جي پنج شيل کي ئي پنهنجي
جيوت جو اُديش بڻايو هو. سک سائينءَ لاءِ، سوز
دکين جي درد دور ڪرڻ لاءِ، سادگي پنهنجي اندرين
کي وس ۾ رکڻ لاءِ، سنتوش ايشور جي ڀاڻي لئي
راضي رهڻ لاءِ ۽ سمدرشٽيءَ معرفت سڀ ۾ يوم آتما پسڻ
سان ئي هن ڪامل رهبر اسان لوڪن لاءِ جي
راهه روشن ڪئي آهي. ڇا اها گهٽ ڪرم ڪمائي
آهي؟ ڇا اها گهٽ آتم ڪريا آهي؟ اها نه ٿي سندس
ساريڪ ڪرم جي ڪمائي پر گيان ساگر ۾ ٽٻيون
ڏيئي اُنان پنهنجي سنڌي جاتيءَ لاءِ جي ملهائتا
ماڻڪ مولي هن ڪرم يوگيءَ اسان لاءِ ميسر ڪري ڏنا
آهن، انهن لحاظ کان به هي درويش رهبر نه صرف
هڪ بي اظير ڪوي هو پر هڪ دلپذير نثر نويس به
هو. هندي ۽ اُردو ساهتيه مان ناياب گرنٿ پنهنجي
مادري ڀاشا سنڌي ۾ ترجمو ڪري سنڌي ساهتيه کي
مالا مال ڪيائين. انهن کان وڌيڪ پنهنجي اپو مان
لوڪن جي آرٿڪ، آتمڪ ۽ سماجڪ اُنتيءَ لاءِ "پريم"
پتريڪا معرفت ڀاڻ پتوڙيو. الهيءَ "پريم" پتريڪا
جو هڪ هڪ انڪ پنهنجو مٿ پاڻ آهي. انمول رتن
جو ڀنڊار آهي ۽ اڄ به اڳهور الذڪار ۾ اسان پڙهندڙ
راهين لاءِ هن جو "اندر جو آلاپ" بيمڪ امر جوتي
آهي، جنهن کان اسان جي لاءِ اڌياتمڪ راهه سدائين

پيو لڏواريندو ته، "ٻر جو ڀلو ته منهنجو اڳيئي ڀلو."

هو وري ٻين جي ڏک درد ۾ خود کي ڏکي ٿو ڀانئين ۽ پنهنجي خوشي ٻين جي ڪم اچڻ ۾ ٿو محسوس ڪري، چاڪاڻ جو اهڙي اوجل ۽ ڪومل هردي انسان ڀليءَ ڀانت سمجهيو آهي ته سندس آسودگيءَ ۾ ٻين جو ڀلو آهي. جي سندس حياتيءَ جو مقصد سدائين خوش دل ۽ ڪلمک رهڻ جو آهي ته انهيءَ خوشيءَ ۽ جشن ۾ ٻين جو به حق ۽ حصو آهي. هيءُ روشن دل ڪامل رهبر ته سڀ کي پنهنجي خوشيءَ ۽ ڏک جو ڀاڱي ڀائيوار سمجهي ٻين جي ڏکن لورت ڪرڻ جو صرف يتن ڪندو هو، ٻر هڪ طرف اهو پنهنجو فرض جاڻي ڪندو هو ته ٻئي طرف انهن ڪندي ڪيس من جي پرسنتا حاصل ٿيندي هئي ۽ سچي سائينءَ کي سمک ٿي اها ئي آرادنا ڪندو هو ته:

"ٿي هر گل ۾ ٻهڪي، سونهن هڪ تنهنجي پيئي
هر ستاري ۾ آهي، سردار تنهنجي مورتي
دوستن چا دشمن ۾، تون ئي هڪ چمڪين پيو
هيءَ آهه دنيا سڄي، ديدار تنهنجي مورتي."

انهيءَ خيال کان ڏسجي ٿو ته هن ڪامل رهبر زندگيءَ جي ڪروڪيتر ۾ سڪ ۽ سوز، سادگيءَ،

اڄ اسان جي سنڌي ڄاتي هيترو شاهوڪار هوندي به، محنتي ۽ جفاڪش هوندي به، پُرسارٿي هوندي به. پروهيڻي، تي بيٺي آهي. ڇڙواڳي ۽ ڇيڳرائپ وڌي وڃي آهي ۽ اسان لوڪ انهيءَ کي آزادي ۽ سوتنترتا سمجهي رهيا آهيون. جڏهن هيءُ روح روان رهبر چوي ٿو ته "آزاد اهو آهي جو من ۽ اندرين جي وس ۾ ناهي. جيو کي پيو ڪو به ٻڌن ڪونهي. پنهنجون اندريون ئي وشؤ ڀوڳ ڏانهن مائل ڪري هن کي ٻڌن ۾ وجهن ٿيون. پنهنجو من ئي هن کي آشا جي زنجير ۾ ٻڌي ٿو."

انهن سڀني کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ ۽ اندر جي شانتي ۽ پرسنتا لاءِ هڪ ئي اُپاءُ آهي سادگي، چاڻڪ جو سياڻن جو قول آهي ته سادگي رهڻ ۽ اوچا خيال ئي سرلو جو بهترين ڳهڻو آهن."

انهيءَ لاءِ ڪامل رهبر اڄ جي پنڪيل ۽ گمراهه سنڌي ڄاتيءَ لاءِ ور ور ڪري پيو "الله جو آلاپ" معرفت سڻائي ٿو:

زيورن ۾ آهه سڀ کان، سهڻو زيور سادگي
ٿو رهي قائم سدا، مٺيو وڻندڙ سادگي
چور چورائي نه هن کي، گم نه هيءَ ڪڏهن ٿئي
باهه ساري ڪين سگهندي، ڳهڻو سندر سادگي."

روشن آهي - پرڪاش آهي. هيءُ ڪامل رهبر پنهنجي هر پوڄاريءَ کي نت نيم اها ئي ليڪ صلاح ڏيندو هو ته "سڀني جي دلين ۾ پنهنجي رهڻ جي جاءِ جوڙ. ماڻهپو روپي گلن ۾ سڳنڌ وانگر سمائجي رهه ۽ ڪنهن لئي بار نه ٿيءُ پر سڀ جو سينگار ٿيءُ"

اڄ جڏهن اسان سنڌي ديس ڇڏي ڌڪا کائي ڪان جدا ٿي هت پرديش ۾ آيا آهيون، تڏهن به جو اسان ۾ قوت آهي سا ڏسي "اندر جو آلاپ" معرفت هي ڪامل رهبر اجهو هيءَ اسان کي للڪار ڪري رهيو آهي:

پريم جو هڪ پنٿ آهي،
پنٿ سڀ ڪنهن کان جدا
ريس ساري حسد،
بيانيءَ کان آهي صفا
ترڪ ڪر طالب ترڪ سڀ،
تنگ خيالي تنگ نظر
ٿا تين اُن مان دنيا ۾،
خون ۽ جهيڙا جهٽا
ترڪ تعصب کي ڪري،
پوءِ پريم جو پرڪاش پس
ڏس اکيون کولي،
ته آهي پريم ئي پرماتما."

سدائين گل مثل جڳ ۾، اوهين آباد خوش رهجو
ٽڙيل رهجو، ڪڙيل رهجو، هميشه شاد خوش رهجو.

متاڻو جهوٽي جي نت مڙڪو، لڏيءَ وانگر رهو اومل
وڃن پنهنجن ۾ اوم جو، ٻڌي امن اال خوش رهجو

دنيا جي لاهين چاڙهين کي، سمجهي پينگهه جا لوڏا
ملڻ وڇڙڻ ۾ لمع ساڳيا، مبارڪ باد خوش رهجو.

اهڙيءَ اوچيءَ فلڪ وارو اسان جو ڪامل رهبر
سليو لو هو ڪير – ” سوامي ٻوتراج “

هيءَ زندگي تندرستيءَ ۽ آنند ۾ گذري، من موج مستيءَ ۾ رهي، انڌن ني حياتيءَ جو مزو آهي. نه ته جڳ ۾ جيئڻ جنجال ۽ زندگي زهر برابر آهي. اڄ جيڏانهن ڪر نگاهه، اوڏانهن مايوس، مرجهايل ۽ ملول چهرا پيا نظر اچن. آمدني نه جهڙي، ٻر ٻچا، ٻچوءَ وارا ڪٽا ني پيا آهن. برڪت اٿي ئي ڪانه. هر جيو زندگيءَ مان تنگ ۽ بيزار ٿيو ٿو نظر اچي. انهيءَ لاءِ ڪجهه تلاهي اسان خود آهيون جو حالات جا وسيلا محدود هوندي به نظر وانسي پنهنجو ئي گهرڙون وڌائي ڇڏيون آهن. هڪ پاسي مصيبت مهانگائيءَ جي، ٻئي پاسي مال ملڪ جي اٿاٿ، ٽئين پاسي وري اسان لوڪن ۾ عياشي زندگي ماڻڻ جي هوند. پوءِ ٻڌايو ته زندگي ڪيئن نه وبال لڳندي؟ اهڙيءَ حالت ۾ حوصلو ئي زندگيءَ جو ٻيڙو صحيح سلامت وڃي ڪناري لڳائي سگهي ٿو. ڌيرج ۽ سمجهه سالم رکڻ جي درڪار آهي. دل ودل ڪرڻ مان ڪجهه ڪين ورڻو آهي. دکي ۽ دلگير ٿيڻ مان ڪجهه ڪين ونڻو آهي. مڙس ئي مشڪلاتن جو مقابلو ڪري ڪي ئي سڏيو اٿن سچي زندگي. اهڙيءَ مجموعي ويلا ۾ اڄ به ٻڌو نه هيءَ ڪامل رهبر اسان لئي ڪهڙي نه سندر ۽ سلوڻي آشيرواد جي ورکا پنهنجي "اندر جو آلاپ" ذريعي ڪري رهيو آهي:

جيمس برنس جيڪو ١٨٣٩ ۾ ميرن جي درٻار ۾ آيو هو، تنهن پنهنجي ڪتاب "زيارت درٻار" ۾ هن جي شعر جو ذڪر ڪيو آهي. مير صوبدار خان جي مشهور تصنيف "فتحنامه" آهي، جنهن ۾ هن مير فتح علي خان جي فتوحات جو ذڪر ڪيو آهي. ٻيا هن جا غزل آهن، جن مان هن جي بلند شعر جو انداز لڳائي سگهجي ٿو.

ٻيو مير صفلي خان جيڪو ١٨٢٩ ۾ ڄائو هئو. هو پارسي زبان جو عمدو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ديوان يادگار آهي، جو اڃا دستخط حالت ۾ موجود آهي. ٻيو جان الله شاه ثاني، جيڪو روهڙيءَ جي رضوي سيدن مان آهي. هن جو تخلص "عاشق" هو. هڪ ديوان سندس يادگار آهي، جيڪو سچو ئي تصوف جي نڪتن سان پريل آهي. انهن کان پوءِ خوب الله شاه راشدي، جو صاحبدل، روشن ضمير بزرگ، عالمن جو سرتاج، وڏو سخن گو ۽ سخن شناس اٺويهين صديءَ جي وچ ڌاري ڄائو. هو سنڌ جي پارسي گو شاعرن ۾ وڏو بلند درجو ٿو رکي. سندس شعرن کي پڙهندي خبر پوي ٿي ته کيس پارسي زبان ۾ ڪلي عبور آهي. ڪٿي ڪٿي ته شعر اهڙو سنجيده چيو اٿس جو منجهانئس ٿيمه ابراهيم پيشي پڪي. سندس سچو شعر مسجم ؛

موجوده سنڌي شاعريءَ ۾ ٻولي جو درجو

هٺو تولارام گدواڻي

سنڌ جي شعر و شاعريءَ جي تواريخ ۾ انگريزن کان اڳي ڌ. هئي پارسي شاعري، جيڪا انگريزن جي دؤر ۾ ڪجهه وقت هلي. اوائلي دؤر ۾ پارسي زبان جا وڏا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن ۽ اهو شمع ڪيترو وقت انجمن ۾ زيب ۽ زينت بڻجي رهي، جنهن جي لاٽ پڄاڙيءَ تائين جيتوڻيڪ جهڪي ٿيندي ويئي پر ڪا اجهامي ڪين ويئي. شروعاتي زماني ۾ ”مفرح القلوب“ اخبار پارسي زبان جي وڏي دعويدار اخبار هئي، جنهن پارسي شاعريءَ کي سنڌ ۾ گهڻو رواج ڏنو. ان وقت جا سنڌي پارسي زبان جا قابل شاعر ٿي گذريا آهن. انهن مان پهريون ڪري چئجي ته مير صوبدار خان قادر الڪلام شاعر هئو. ١٨٢٧ع جي شعر ۾ هن جو تخلص ”مير“ آهي. ڊاڪٽر

هن کان پوءِ ٿيو حضرت قادر بخش بيدل، جنهن جي تصنيفات تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هو عربي ۽ پارسي زبانن جو وڏو ڄاڻو هئو. اُهي آهن: مثنوي رياض الفقر، ديوان سلوڪ الطالبين، رموز القادري، ديوان منهاج الحقيقت، مثنوي نهرالبحر، رفور العارفين، تقويت القلوب، پنج گنج، قرة العينين، ديوان معاج الطريقت، فوائد العمدي، سند الوصلين وحدت نامه، لغت ميزان طب، في بطن امايت، تاريخهاتي وفات، انشاءِ قادري، قصيده هير رانجهو، عقائد، منتخب قصه ليليٰ مجنون، ديوان بيدل، هنمي ڪلام، مخمات وغيره. هن جي هر هڪ ست هدايت آهي. سنڌي يا هندي شعر به اهو ئي فڪر ۽ اجتهاد اٿس.

حضرت بيدل جو لائق فرزند فقير محمد محسن بيڪس ٢ فيبروري ١٨٥٩ ۾ ڄائو. هو حسن ۽ عشق جو شاعر هو. هن حسن کي چاهيو ٿي ۽ ڳايو ٿي. شباب جي جذبات کي اُڀارڻ لاءِ شايد حسين اکين کان مٿي ڪا بي شيءِ نه آهي. هو اُڇوارين اکين جو قائل آهي. هن جي شعر جي بي خصوصيت آهي موسيقيت. هن جو هر شعر موسيقيءَ سان پورل آهي. ڇو ته پاڻ موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو هئو ۽ ستار وڄائڻ جو بيحد ماهر هئو. جڏهن ستار جي تارن تي

اُستادانه آهي، جنهن کي پڙهندي روحاني سرور حاصل ٿيو وڃي.

ٿنهن کان پوءِ انگريزي دؤر ۾ صوفيانه شاعري شروع ٿئي ٿي. ان ۾ پهريون ٿيو آهي فقير لانڪ يوسف (۱۷۸۳-۱۸۵۳ع). هو اصل لاڙڪاڻي ضلع جي طرف جو وينل هو ۽ ذات جو کوکر هئو. فقير يوسف ۽ سچل فقير جو ميلو پهريائين ڪٿي ٿيو، اُن بابت ڪا به معتبر حقيقت ملي نه سگهي آهي، پر ايترو معلوم ٿئي ٿو ته هو پهرين ملاقات کان ئي متاثر ٿي درازن جي پٽ پيو ۽ سچل فقير جي نگاهن ۾ چڙهندو ويو. شمس الاهي فيض جي بارش ٿيندي وهي. يوسف، مرشد جي ذات جو پورو پورو ڪنل هئو. هن پنهنجي شعر ۾ ڪٿي ڪٿي پاڻ کي درازن جو ڏمالي سڏيو آهي ته ڪٿي يتيم. سچل جي وفات کان پوءِ لانڪ يوسف وڃي درياهه جي ڪنار تي سڪون جي حياتي گذارڻ لڳو. هن اُتي هڪ ڳوٺ جو بنياد رکيو، جنهن کي هنئر اَڳڙن جو ڳوٺ ٿو چئجي. هن جو شعر گويا سچل فقير جي ڪلام جو عڪس آهي يا اُن جي صدا جو پڙاڏو آهي. سنڌيءَ کان سرائڪيءَ ۾ سندس شعر گهڻو آهي، جنهن ۾ اُهائي رواني ۽ جوش اٿس. پوئين وقت ۾ يوسف، سڪون ۽ ماڻ جي بحر جو غواص رهيو.

ٻٽي، اور محمد خستہ، مرزا تقي، حافظ عالي، ميان چتن، خليفه گل محمد هالائي (١٨٠٩-١٨٥٦)، آخوند محمد قاسم هالائي (١٨٠٩-١٨٨١)، سيد فاضل شاهه (١٨٣٦-١٩٠٠)، مولوي الله بخش اٻوجهه (١٨٠٠-١٩٠١) ميان وليمحمد، فقير (١٨١٠-١٨٩٠)، حافظ حامد (١٨٠٠-١٨٩٧) مصري شاهه نصرپوري (١٨٠٥-١٩٠٤)، مير حسنعلي (حسن) (١٨٢٤-١٩٠٩ع)، مير علي نواز علي ۽ خادم شڪارپوري، ڪندن مل ٽاڪومل (مسڪين)، هيمنداس ٽلومل، غلام محمد شاهه (گدا)، دين محمد آخوند ساٽوڻي، عبدالحسين سانگي، مانجهند جي سيٺ وشنداس جو پٽ، ماستر ڪشنچند بيوس ڪٽري، ماستر آسومل، ديوان ليلارام خاڪي، ديوان صورتسنگهه ۽ بهار سنگهه ۽ ٻيا ڪيترا ڪوي هن جا همعصر آهن ۽ انهن سڀني ۾ اسانجي سوامي ٻوتراج جو درجو اوچي جڳهه تي والاري.

هن جي ڪولاڻن ۾ ويدانت ڀي آهي ۽ انهن جي طرز ذواهه تصوير ني سندس همعصرن جو خير ڪو پرڀاءُ پيو آهي. اُن سوامي هيمراج صاحب ۽ سوامي پرمانند صاحب چداڪاشيءَ جن جو اثر ضرور پيو آهي. هن جا ڪولاڻن جا ٻه ڪيئي ڪتاب آهن. سنڌ ۾ سڪي ڌرم جو زور هئو ته اُن جو پرڀاءُ ۾ ضرور ليو آهي.

مضراب جو ڏڪ هڻندو هو ته ڇرڪ نڪري پيل فضا جاڳي پوندي هئي. گويا شهزادو بيڪس اسان جي دؤر جو بيجل هئو.

عثمان فقير جامڙي سانگي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. هن جو ڪلام درد جي پيداوار آهي. جڏهن سنڌي شاعريءَ جي قديم طرز جديد شعر و شاعريءَ جو رنگ قبول ڪري چڪي هئي، ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن سندس شعر ۾ موزونيت نظر اچي ٿي. هو صوفيانه شعر جو پيرو هئو. رمضان ڪنڀر ميون جي آخري دؤر ۾ آمبڙين ڳيڙين جي ڳوٺ ۾ ملڪاڻي جي لڳ پيدا ٿيو. هن اُمي شاعر جو ڪلام فقط الهامي چئجي ته به بجا آهي. سندس ڪافيون سوز وارييون آهن، جن ۾ عام فهم صاف سنڌي ڪم آندي اٿس. اهڙيءَ طرح چتو فقير (۱۸۹۲ع-۱۸۲۲)، مولوي غلام محمد خانزئي، شاهه نصيرالدين نقشبندي، جيوتسنگهه، ديوان يوجراج، خواج غلام فريد، غلام شاهه راشدي، موهن فقير (۱۸۴۵-۱۹۰۵) اَڪرم خان (۱۸۴۱-۱۹۰۲)، نواب شاهه سڪايل (۱۸۴۳ع-۱۳۱۹ه)، بچل شاهه (۱۹۰۶-۱۸۰۷ع)، فقير اَحمد علي (۱۹۱۷ع-۱۸۶۹) ۽ وريل (۱۸۴۹-۱۹۱۸) ٿيا آهن.

اُهن کان پوءِ سنڌ جي جديد شاعريءَ جو ٻهريون دؤر شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ مخدوم عبدالرئوف

سنت ڪوي سوامي ٻوڌراج

ڪشور ڀوڄا "جيون"

(سنڌ ونگو – ٣)

هن جڳت ۾ وقت بوقت اهڙا مهاپرش جنم وٺندا رهن ٿا، جن کي ننڍڙي کان ئي هي سنسار ڪٺ-پڃرو، اَسار، ناسونت ۽ مايا-جار سان وڪوڙيل نظر اچي ٿو. هو ائين سمجهن ٿا ته هر جيو ۽ جنتو چاهي قدرت جي ذري ذري ۾، پرماتما جو جزو سمايل آهي؛ تنهن ڪري آتما پنهنجي پرماتما سان ملڻ لاءِ سدائين تڙڦندي رهي ٿي. پر جيئن ته مايا جار ۾ ڦاٿل رهي ٿو، موهه، اهنڪار وغيره اوگڻن جو شڪار ٿئي ٿو ۽ اهو پرماتما سان ملڻ بجاءِ انيڪ جوڻين جي چڪر ۾ ڦاٿل ۽ وڪوڙيل رهي ٿو.

جن به منشن ۾ ويراڳ ورتي پيدا ٿئي ٿي اهي هن سنسار سان لڳ، لاڳاپا ٽوڙي نرليپ رهڻ جي

"آسمان ٿالهه ۾ سڄو، چنڊ چمڪن ٿا ڏيئا
رات ڏيهن هٿ تي ٿئي --
ايءَ چمتڪاري آرتي."

هنن جو "سارڪتاولي" ڪتاب پڙهبو ته اهي شلوڪ، دوها ۽ سرتيا سوئرن مثل آهن جو ڪوزي ۾ ۾ دريا بند ڪيو اٿن. مان اٿو ڀانيان ته ڪنهن به سنڌي شاعر اهڙي طريقي وهي سؤلو سنگيت ڪيو آهي. جيڪڏهن پارسي نظم جي تتبع تي ڪونا رچيل آهي ته به انهيءَ ۾ چاڪاڻ ته سوامي جن جو سنڌو پرڪرتيءَ سان مخاطب ٿيڻ اڇهو رنگ بدلايو ڇڏي. چاڪاڻ ته هو رچي لعل ٿيا هئا. هنن کي ان منزل جو پورو اڀو آهي. هن جا ٥٢ گيت واقعي آدرشي ۽ آڳيوي ورثو آهي، جن ۾ ڀڳتيءَ جو ورثو، قدرت جو ورثو، ساهتيه جو ورثو، وديارٿين جو ورثو ۽ فيلسوفيءَ جو ورثو بلڪل نئين ڍنگ ۾ خيال جا آهن. شاعر برابر پرواز ڪندو آهي پر هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي بلندي آهي. هن جي آڏام زمين کان گهڻو مٿي نظر ايندي. جتان هن جي نظر گهڻي وسيع ٿيندي لي پوي ٿي جو هو انهن منظرن جو هڪ ٿي وقت ذڪر ڪري ٿو، جيڪي گهڻو دور دور آهن. هو لڊ انهن سڀني وشيشتائن جا مثال ڏيان جنهجي ڀين سان به پرت ڪريان پر مان پنهنجي هن ليک کي وڌو ڪرڻ اٿو گهران.

ٻوائڻ جي ڪوشش نہ ڪري؛ ڇو تہ جيڪو تير تون ٻين کي هڻي ڪيرائڻ ٿو چاهين سوئي توکي واپس اچي لڳندو:

تير ناڻين تہ ٻين ڏانهن جو ڪشي پنهنجي ڪمان،
تہ ٻيا ڪو ناهہ ڏس، تنهنجو مٿان توکي لڳي،

هن دنيا ۾ هرڪو سک ۽ شانتيءَ جي ڪامنا ڪندو رهي ٿو ۽ سوامي ٻوتراج جن ٻہ چيو آهي تہ جيڪڏهن دنيا ۾ سک ۽ شانتي چاهين ٿو تہ سڀني سان سچي سڪ رک. پيار ۽ ميلاپ، قرب ۽ قرباني سان ئي ٻين جي دلين کي جيتي سگهندين، نہ تہ تلوار يا خنجر جي زور سان:

دليون هٿ ڪرڻ لئہ آهي قرب ڪافي،
الهيءَ سوڀ جي لئہ خنجر نہ گهرجي!

ڇرڻ ۽ سڀاءَ کي نرمل ۽ اوچو رکڻ لاءِ سوامي ٻوتراج ٻڻ ڪافي هدايتون ڏنيون آهن:

دنيءَ ۽ حسد کان ڪر "ٻوڙ" دل آجي سدا پنهنجي
چکي ڏس چاهہ مان وٺهي مٺي هڪ چاٽ پرسندا!

تنهن ڪري پنهنجي زبان هميشہ مٺاڪيءَ جيان مٺي رکہ ۽ نہ تہ ڏنڀوءَ جيان ڏنگيندڙ. خاموشيءَ ۾ جيڪو مزو آهي سو زبان-درازيءَ ۾ ڪونهي:

ڪوشش ڪن ٿا. ڪي تہ ماڻھن سنسار جا سڀ ٻنڌڻ ٽوڙي جھر جھنگل ۽ جبل وسائين ٿا. پر ڪي تہ ڪمل جي گل جيان سماج جي گندي پاڻي وچ ۾ بہ نرليپ رھڻ جو سنڪلپ ڪن ٿا. ھو پنھنجي آتما جو تہ موڪش چاھين ٿا پر ٻين کي بہ ساڳئي مارگ ڏان ٻڌ ٻوڻ لاءِ اُتساھت ڪن ٿا. اھڙن مھاپرشن مان ھڪ سوامي ڀوڌراج جن ھئا. ھنن ھن سنسار کي پنھنجو رايو ڏيندي چيو:

فنا جي فلڪ ۾ ڀيٽي آھي ڏس ھت بقا تنھنجي،
بقا جي محل ۾ نشي ٿي لوڪي اي دل! فنا تنھنجي!

پرماتما سان ملڻ لاءِ سوامي ڀوڌراج جن، پھرين پاڻ کي ئي سڃاڻڻ تي ڏاڍو زور ڏنو آھي:

پاڻ ۾ ڪر پنھنجو درشن، ڏور ڏورڻ ڪر ڇڏو،
پاڻ ٻڙيو پنھنجي اندر، ٻين ۾ ڀٽڪڻ ڪر ڇڏو.

ھن سنسار ۾ اوچ نيچ ڪجھہ بہ ڪونھي. سڀني ۾ ساڳي آتما آھي ۽ سڀئي جيو ايشوري سروپ آھن:

ھي جيو ھن جڳت جا، ڀڳوان خلقيا سڀ،
ڇا اوچ نيچ ذاتيون، ڇا شاھہ ۽ گدا سڀ.

انھن ڪري ڪنھن کي بہ گھٽ سمجھي ليکو

بدن خاڪ ۾ خاڪ ٿي ليٽندو ويندو،
وڏائي نه ڪر اُلجي ڪوڙي اجائي!

اسان جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن موهه، ڪروڌ، حسد، اهنڪار وغيره، جيڪي عقل تي پردو وجهي ڇڏين ٿا. انهن ڪري منش کي گهرجي ته نشڪام ڀاونا سان پرشارٿ ڪري موکش پراپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. ٻين جي احسان کي ڀلائڻ نه گهرجي:

اوهان سان ڪو ڪري نيڪي
ڳُڻي ڳڻ ڳائجو اُن جا،
ڀلائي جا ڪريو ٻين سان،
وساري جلد سا ڇڏجو.

سوامي پوتراج سريرڪ تندرستيءَ تي به گهڻو زور ڏنو آهي:

لال هيرن کان مٿي ڪر تندرستيءَ جو قدر،
تندرستيءَ لاءِ رکـ، پرهيزگاري دائما.

ڀوڳ، ولاس ۽ راجسي طعامن سان ته هي سرير بيمار ۽ اگهو ٿي پوي ٿو. هي سرير تـه مندر آهي؛ جنهن کي صاف ۽ سٿرو رکڻ بلڪل لازمي آهي.

۳. سوامي پوتراج جي رچنائن مان صاف ظاهر آهي ته مٿانس ويدن، اپنشدن ۽ ٻين ڌرمي گرنٿن جو

گفتگو جي ڌار ۾ ميوا لڳن ٿا ڪيئين مٺا،
ڪلپ وڻ جي ”ٻوڙ“ ليڪن آهه ٿاري خامشي!

انسان علم ۾ ڪيترو به اڪابر چوڻ ٿي وڃي پر ڪيس پنڊتائي ظاهر ڪرڻ لاءِ اهنڪار کان ڪم وٺڻ نه گهرجي. علم ته ڪڏهين به ڪنجڻ جو ناهي:

علم ڪنجڻ جو نه آهي، مڄ نه ڪامل ٻاڻ ڪي،
مهل ٿي ٻالڪ اڳيان ٿو پيوس ٿئي شرمسار.

سوامي ٻوڌراج جن جيڪي به ٻوڌ ڏنا آهن تن مان صاف صاف ظاهر آهي ته هنن لاءِ صرف علم ۽ عقل کان ڪم ورتو آهي پر انجي اڳو ۽ آزمودي پرائڻ بعد ئي املهه هدايتون ڏنيون آهن. هن جڳت جي پلبل، پنڪيل ۽ وشيه - واسنائن ۾ ڦاٿل منش کي ٻوڌ ڏيئي، سنئين راهه وٺڻ لاءِ گهڻيون ئي ڪارگر ۽ عملي صلاحون ڏنيون آهن:

اڇا کان دل کر آجي، سدا سنتوش ڌر دل ۾
ته اڪ چپ ۾ ٿئي پورڻ، سموري سا ڌنا تنهنجي.

منش کي پنهنجي سونهن تي به ابھمان ڪرڻ نه گهرجي، ڇو ته هي جسم صرف خاڪ ئي آهي ۽ هڪ ڏينهن خاڪ سان ملي خاڪ ٿي ويندو:

وڌيڪ ترجيح ڏني آهي پر ان ڪان به وڌيڪ مان ڏنو آهي ڪاويه کي؛ ڇو ته ڪاويه ۾ اکرن جي سهڻي بندش سان گڏ سنگيت ۽ لئه جو جزو وڌيڪ رهي ٿو؛ جنهن ڪري هردي تي سڌو اثر پوي ٿو. پر سنت ڪوين پنهنجي ويچارن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، ڪاويه جو سهارو وٺندي به ڇند وديا يا علم-عروض جي ڪٺن قاعدن ۾ ٻڌجڻ ڪڏهن به قبول نه ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سوامي پوڌراج پنهنجا غزل ڪن بحر وزن تي رچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هن ٿورا آڳوين تي ڳڻڻ جيترا، چالو وزن ڪم آندا آهن ۽ اهي به ڪٿي ڪٿي نه صرف نبل لڳن ٿا، مگر ڪن غزلن ۾ ته خيالن جي ڇٽائيءَ کي پڻ ڌڪ رسايل آهي. هت هڪ به مثال ڏيڻ بي واجب نه ٿيندو:

ڪري سرسٽي ”پوڌ“ ڇم ڇم اچي ٿي،
جتي ڪمل جٿن آهه اجالو عمل جو.

رچ جي مثال آهي جيڪي ٿو نسجي باهر،
آپ مڌهه جيٿن نيلاڻ هـوالدو شاميانو.

۽ ڪٿي ڪٿي ته غلط خيالن کي زوردار لفظي ترجيح ڏني وئي آهي. مثلن:

ڪافي اٿو هئو. هن سامي‌ءَ جي وات وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ويدانت جو پرچار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن غزلن ۽ پروچن دواران روحاني راز کولڻ لاءِ لاتعداد شعر چيو آهي.

٣. سوامي پوتراج جو علمي خزانو چڱو وسيع هئو. سنڌي‌ءَ کان سواءِ پارسي ۽ سنسڪرت جو به کيس گيان هئو. پنهنجي وچارن کي قلمبند ڪرڻ ۾ کيس خاص دقت ان ڪري به محسوس ڪانه ٿي آهي جو کيس پارسي بحر وزن جو به گيان هئو ۽ جنهن ڪري هن جي شعرن جي عبارت سليس آهي ۽ خيال به ڪي گهڻي قدر چٽا پڌرا نظر اچن ٿا:

خيال ٿي صورت ڌري، پوليون بڻيو آهه ڌار ڌار،
خيال آهي پدم، پستڪ، اکر، لک ۽ لاکا.

اکرن جي سهڻي بندش جو ٻيو مثال ڏسو:

آڳن، آپ، جل، پون، ڌرتي،
پرڙهي پترا اهي پنهنجي،
سڀئي برهمانند کي هردم
اندر پنهنجي ۾ پسدا سين!

٤. سنت ڪوين لفظن ۽ لحنن دواران اپديش ڪرڻ بجاءِ، پروچن، پرسنگن ۽ اخلاقي حڪايتن کي

آهن. سنڌي جاليءَ جي اها ڪم نصيبي آهي جو سنڌي ڪوين ۽ ليکڪن جو قدر لڏهن ٿو ٿئي جڏهين هو سنساري چولو ڇڏي جاليءَ کان جدا ٿي وڃن ٿا. پر اها ورتي ڦيرائڻ گهرجي. جيڪڏهن ديس ۾ لائق ۽ اوچ اخلاق وارا سپوت پيدا ڪرڻا آهن ته سوامي پوتراج جهڙي سنت ڪوين جي هدايتن ۽ سکيائن کي گهر گهر ۾ پهچائڻ جي ذميواري هموار ڪرڻ گهرجي.

سفيديءَ کان سهڻي سيائي ڏٺم،
سفيدي ۾ سولهن ڪاڻ ڪاڻي ڏٺم!

سوامي ٻوڌراج جيتوڻيڪ ڪوِراج "ٻيوس" جو همعصر هئو پر سواميءَ جي ڀيٽ "ٻيوس" سان ڪرڻ يا ڪيس سندس جهڙن ڪوين جي صف ۾ بيهارڻ بي واجب ٿيندو. سنت ڪوين جي شريڻي الڳ ئي رکجي ته بهتر ٿيندو. سنت ڪوين جو ڪيتر ويدانت، اپنشد ۽ ٻيا ڌرمي گرنٿ آهن. قدرت سندن لاءِ هڪ وڏو ڪتاب آهي. هو پنهنجي آتمڪ موڪش جا چاهڪ آهن ۽ ٻين کي پنهنجي واهہ تي هلڻ لاءِ اُتساهت ڪن ٿا. ٻين ڪوين جو فقط اهو ڪيتر ڪونهي. سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ اٿل پٿل جو اثر اڄوڪي زندگيءَ تي تمام گهڻو ٿي رهيو آهي. شاعرن ۽ ليکڪن کي اهڙين حالتن مان پيدا ٿيندڙ خرابين لي به قلم-آزمائي ڪرڻ گهرجي. هن جڳهہ ۽ يگہ لي اڄ چرتر نرماڻ جي خاص ضرورت آهي. ٻار هجي چاهي ٻڍو، شاگرد هجي چاهي اُستاد، اڄ سڀني ۾ اخلاق عدم پيدا آهي؛ تنهن ڪري سوامي ٻوڌراج جهڙن مهاپرشن جي اُپديشن ۽ سکيائن جي پرچار جي تمام گهڻي ضرورت آهي. اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو سوامي ٻوڌراج، جو لڪل لعل هئو، هينئر چمڪات ڏيکارڻ شروع ڪيا

"سونهري سخن" سڌ و مجموعو ملي ويو آهي. ان ئي ڀلا مجموعي کي مان ڪيئن مطالع ڪريان جو من گهريو مطلب سڌ ٿئي؟ مڪمل مجموعي جي مڙني مضمونن کي مطالع ڪريان يا گرو گرنٿ صاحب جيان ان جي وچ مان وچن وٺان؟ مون شروع ۾ ٿي عاجزي نڪاري آهي ته مون ۾ ايتري توفيق ڪانهي جو عميق ۾ ٽٻي هڻي ٻول لهان، تنهن ڪري وچن وٺڻ جيان وٺي ٿو هن "شاهڪار گرنٿ" کي کوليان.

گيان ۽ اگيان...

هان وٺو! صفحي ۴٨ تي اکين اڳيان آهي آخرين ٻڙو، جنهن ۾ سوامي جن فرمايو آهي: جهڙي طرح سو جهري کان سواءِ ٻتي نڪمي آهي، سڳند کان سواءِ گل ڪجهو آهي، پاڻيءَ کان سواءِ تلاءُ اجايو آهي، لور کان سواءِ اکر انڌي آهي، سر کان سواءِ باجو بيڪار آهي، چنڊ کان سواءِ رات اونداهي آهي، تهڙي طرح گيان يا سمجهه کان سواءِ ماڻهو فقط مٽيءَ جو بوتو آهي. ماڻهو نه ماڻهپو. ماڻهپي جي مدد سان دل جي ڌرتيءَ تي گلن جو گلشن لڳائي سگهجي ٿو."

سوامي جن ٻيهن ٻين سخن دوارا گيان ۽ اگيان جو فرق سمجهايو آهي... ماڻهوءَ ۾ مون ۾ اتر نڪاريو آهي. ورتل وچن مان بخوبي نروڪ ۾ ايندو ته بوليءَ جي سرلتا من کي سيتلتا ٿي بخشي، ڏنل تشبيهن

'سونهري سخن'

هڪ نظر

گوپ سڏوا

ٻوڌ جي ساهتيڪ ساگر سندي ڪپ ٽان صرف ڪي ڪوڏ ٽي ڪٺا ڪيا ۽ ٻئڙ ميڙي ٿي ڪيسا ڀريا ته ڀاڻ کي وڏو ڀاڳوان سمجهندس. هيرا ۽ جواهر وغيره ڀل اهي پارکو پائين، جيڪي ٻوڌ جي اونهي عميق ۾ ٽبي هڻڻ جي قابل هجن. مان سندن گنج لي رلج نه ٿيندس، مگر صاحبدل سوامي ٻوڌراج جي سخن کي دهرائي چوندس: ”گوهر ٻه هڪ ٻئڙ آهي، ٻر رنگ روپ جي ڪري ٻي ڀها ٿيو آهي.“ شل، سائين ڪري جو ٻنهنجن ٻراپت کيل ٻئڙن لي ٻه ڪڏهن ڪڏهن گوهرن روڀي رنگ چڙهي!

اجهو، هاڻي آءٌ واري چاڙڻ واسطي ۽ ٻئڙ چونڊڻ لاءِ سوامي ٻوڌراج جي ساهتيڪ ساگر جي ڪناري تي هڪ اهڙي هنڌ اچي ٻيٺو آهيان، جتي مون کي

ايڪ ٽڪرا هن مضمون جي مجموعي ۾ ملندا جيڪي ساڳئي شرف حاصل ڪرڻ جي لائق آهن. گويا "سونهري سخن" سندو ڪتاب ذري گهٽ سڄي جو سڄو لطافتي نثر ۾ لکيل آهي.

سورگيه پروفيسر هاسانند جادوگر به جيڪي لکندو هو سو لطافتي نثر ۾. ٻنهي صاحبن جي وچ ۾ ملنا ڪرڻ جيتوڻيڪ هڪ ترقي پسند خيال ناهي، تنهن هوندي به سندن خيالات جي بلندي، اکرن جي ٽنز چونڊ ۽ وشيه سان وفاداريءَ جو ذڪر ڪرڻ ناواجب ويچار ناهي. سوامي ٻوڌراج به سنڌي ٻوليءَ ۾ فصاحت ۽ ٻلاغت جو صاحب ٿي گذريو آهي ته سورگيه پروفيسر هاسانند به پنهنجو مٽ پاڻ ٿي گذريو آهي- ٻئي ڄڻا پنهنجي شيرين گفتار سان ماڻهن کي گويا مسندي ڇڏيندا هئا، ايتري قدر جو سوامي جن جي واڪين کي سڻي ساڌ سنگت سن ٿي ويندي هئي ته جادوگر هاسانند جي گفتن کي ٻڌي پنگت دنگ رهجي ويندي هئي. هڪ روحاني جادوگر هئو ته ٻيو وري پنگتي جادوگر! ليڪن ٻئي اول ۽ آخر ساهتيڪار ٿي هئا، ورنه سندن شبدن ۽ گفتن ۾ اهڙو جادو ٿي نه هجي ها!

اڏاهر ادبي گلشن

آءٌ اڃا به سوامي ٻوڌراج جي صرف هڪ ٿي ادبي

باعث ٿيڻ جي شروعات ٿي وئي ۽ جملن جي سليس جوڙجڪ سبب ٻولي جي اصليت ختم ٿي ويئي. اڄ ڪلهه جا جديد ليکڪ ساڳي ڳالهه سمجهائڻ لاءِ مغربي دنيا جي جڙاوتي مثالن ۽ تشبيهن جي ڀرمار ڪري شايد ارت جو اثر ڪري وڃن!... ۽ مرڪزي ويچار سان انصاف ڀلوان شايد بعد ۾ پهچي وڃن!

نظماڻو نثر...

هاڻي کولي ڏسو صفحو نمبر-٧٠- پيش آهي ”مورکي جي مٽيا“ مان هڪ جلو ڀدار جهلڪ!

”دنيا جي خفتن ۽ خفن کان خالي، پنهنجي ۽ پرائي جي ويچار کان پالهي، اندر باهر ٻولي ٻالي، نه ڪنهن جي محتاج نه ڪنهن جي سوالي، شڙ جي مورکي پنهنجي مستيءَ ۾ متوالي.... نه ڪنهن جي گلا نه غيبت، نه ڪنهن جي ننڊا نه ڪنهن کان نفرت، نه ڪنهن جي همنشينءَ ۾ نه ڪنهن جي ڪنشينءَ ۾، نه آئي جي هرڪت ۾ نه ڪنهن جي وڃي جي شوق ۾، جهڙي نڌمد لي لهڙي پٽ لي، جهڙي ڪيمخاب ۾ تهڙي ڪفنيءَ ۾، نه عزت جي طلب، نه بي عزتيءَ کان ڊچندڙ.“

جڏهن موليلعل ٻناڻيءَ متيون نکري کي لاشڪ هڪ نظماڻو نثر ڪري سڏيو آهي. مان چوندس نه اهڙا

شاهه صاحب پنهنجن بيتن بابت فرمائي ويو آهي:

"جي تون بيت ڀانئين، سي آيتون آهين!"

بيشڪ! ساڳي طرح سوامي پرتراج جن جي بيتن بابت نه سهين نه ليڪن بنسبت آءٌ هولد هيئن هام هڻي چوان:

"جي تون ليکه ڀانئين، سي حڪايتون آهن؛
هڪين سان هنداڻ سنديون هدايتون آهن!"

هر مضمون جو پڙهندڙ لهن ۾ ادب، علم ۽ اخلاق جا اوکا مثال مطالع ڪندا. "غريبي گلزار" واري مضمون جي صفحي ١٠٥ تان هي پيش نه پئي نسو... واقعي ئي هڪين سان هنداڻ لائق آهي:

"غريبيءَ جي برڪت سان دوست ۽ دشمن کي پنهنجي وس ڪيو اٿم. تنهنجي زوراوريءَ کان منهنجي نيزاري ڪٿيو وڃي. ڇا، ٿي کان سٺ وڏيڪ پڪتو ڪينهي؟ الهيءَ لي ڪٿي حساب لڳايو نه ٿي پهرينڌ مٿي ڪين سٺ پهرينڌ مٿي!"

"خاڪساريءَ جو خزانو"، "خاموشيءَ جي ڪستوري" ۽ "ڪيميا جي ڪاڻ" سندا مائيدار مضمون ادب، علم ۽ اخلاق روپي مڻين سان سراسر مالا مال آهن. خود "ادب ۽ اخلاق" جي سري سان مضمون ۾ هي نڪرو

گلشن ۾ سواسو ٻي سڌ بيٺو آهيان، ڇاڪاڻ ته ”سونهري سخن“ ۾ اهڙا ته سونهن سان سبز ۽ شگفته گل ڦل ٽڙيا بيٺا آهن، جو انهن کي ڇڏي ڪيڏانهن ٻه منهن موڙي وڃڻ لاءِ دل نٿي وري. سمجهه ۾ نٿي اچي ته ڪهڙو گل چونڊي ڪهڙو چونڊيان. هڪڙو ٻئي کان سونهن ۾ سرس آهي، ٻيو وري ٽئين کان سڳنڌ ۾ برتر آهي ۽ ٽيون وري چوٿين کان رنگ روپ ۾ وڌيڪ روچڪ آهي. مطلب ته هر گل ۾ ڪا نه ڪا اهڙي ڪشش آهي جو دل ٿي چوي ته سڄي گلشن کي پنهنجي پاڪر ۾ ڀري سيني سان لايان. مگر نه منهنجو پاڪر ايڏو وڏو آهي ۽ نه وري سوامي جن جو ادبي گلشن ايڏو ننڍو آهي- ڪاش، هڪڙو گل ئي هٿ چڙهي وڃي ته هوند چوان :-

”اگر آن ترڪ شيرازي بدست آرد دل مارا،
بخال هندوش بخشم سمرقند و بخارا را!“

علم، ادب ۽ اخلاق

”سونهري سخن“ هن گونا گون گلن ڀرئي گلزار ۽ الاهه ادبي گلشن ۾ سدا بهار آهي. اتي خزان پير لتي پاٽي سگهي ڇاڪاڻ ته اُن ۾ علم، ادب ۽ اخلاق جا انيڪ ۽ امر گل چوڏس چوڌار سڳنڌ ڦهلائي رهيا آهن.

ايشور جو الهام پنهنجي علم ۽ قلم ذريعي عوام تائين پهچائڻ لاءِ هن دنيا ۾ پيدا ٿيا آهن.

اهڙا پيغمبر پنهنجي اتهاس جي اجالي سان ڇا ٿا ڪن؟ "گيانوان بشارت ڪرڻ سان دل جي طبقن کي سونهن ۽ بهاري چمن جي صورت ۾ آڻي بيهارن ٿا. گيانوان جي دل جهڙو بيو نوراني نشاط باغ ڪونهي .... ٻاهرين باغن تي وري به موسمن جو اثر ٿئي ٿو. سياري ۾ برف ۽ سيءَ ۾ سڪي وڃن ٿا. اونهاري جي گرميءَ ۾ سڙي چٽ ٿي وڃن ٿا..... پر گيانوان جي دل جو باغ هر موسم ۾ هڪجهڙو رهي ٿو، هر حالت ۾ ٽڙيل رهي ٿو، هر سمي تازو ۽ سرهو رهي ٿو."

ڪٿا باغ جي ٻيهڪ ۽ سونهن، ڪٿا گيانوان جي دل جي باغ جي استتي ۽ پرستتي؟ سوامي پرتراج جن بنهي جي وچ اهڙي ڀيٽ ڪري ڏيکاري آهي، جو عام فهم انسان کي به گيانوان ٿيڻ لاءِ ازغيبي خواهش پيدا ٿيندي. اهڙي قلمڪار کان وڌيڪ وڏو ۽ خوبصورت ساهتيڪار ڪير ٿي سگهندو، جو هر انسان کي دل-روپي باغ جو گيانوان باغبان بڻائڻ ۾ سمرٿ هجي!... اهو به ڪو پيغمبر ئي ٿي سگهي!

"نوراني نشاط باغ" جي مطالعي ڪرڻ سان سورگيہ

ڏ. پڙهي ڏسو: (صفحو ١٥٥)

”دنيا ۾ جيڪي به ماڻهو ڪڏهن مرڻجي ۽ مان ڪي ٻاجهي پنهنجو نيڪ نالو ڇڏي ويا آهن سي سڀ انهيءَ اخلاق جي برڪت سان ئي مشهور ٿي ويا آهن. علم جون سڀيئي خوبيون به تڏهن سونهديون جڏهن ماڻهو علم پائي، ادب ۽ اخلاق به سکيو هجي.“

ساهتيڪار ۽ پيغمبر

”نشاط لفظ پارسي آهي جنهنجي معني آهي خوشي. خوشيءَ جو اصل آستان ته دل آهي. دل جو باغ به چئن طبقن ۾ ورهايل آهي- من، چت، ٻڌي، اهنڪار، اهي چار طبقا هئن چئن چمنن سان سينگارڻ گهرجن. ١- پوسترا ٢- سيتلتا ٣- شڌتا ٤- نرملتا. گيان جي جل سان انهن چئن ئي چمنن جي پرداخت ٿئي ٿي. گيان جي روشنيءَ سان انهن چئني طبقن ۾ آنند جي پرڦلتا ٿئي ٿي.“

مٿين ٽڪري مان بلڪل عيان آهي ته سوامي پوتراج نشاط باغ جي نظارن کي روحاني رنگ سان رنگي عوام جي اڳيان پيش ڪرڻ ۾ واه جو ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. سچو ساهتيڪار توڙي شاعر پنهنجي رچنائن ۽ ڪوتائن ۾ الاهي فيلسوفيءَ جو اظهار ڪرڻ کان نه رهندو، ڇاڪاڻ ته هو پيغمبر آهن، جي

جو احوال به لاثاني نموني پيش ڪيو ويو آهي. سندن ٻنهي پورهئي ۽ سادگيءَ جي ساراهه ڪندي سواميءَ جن ڪهڙي نه سندر سکيا ڏني آهي!

”سچ پچ هٿ جو پورهيو ۽ سادگي، سچي سونهن جا خزانا آهن، تندرستيءَ جا پروانا آهن، دل جي فرحت جا گلدان آهن ۽ جيون جي گذارڻ جا سندر نمونا آهن.... سادگيءَ جي هلت هلي، گهرجن کي گهٽائي، من جو سک ماڻڻ گهرجي. پورهئي لئي هٿ هيري تندرستيءَ جو آنند پائڻ گهرجي.... مالڪ کي پنهنجي عقل جي بالڪل خراب ڪيو آهي.... اڻ هوند ۾ قرض ڪڍندو پر سادگي نه سکندو. نوڪر رکي گهر تباهه ڪندو، پر پاڻ ڪي نه پليندو! افسوس، انسان جي عقلمنديءَ تي!“

”هو پڙهون تو پڌي هڙ ۾، پتاشا گوڙ ۾ پنهنجي؛
پيو کائي ٽڪر پلجي، هلي نه ٻه ٽور ميراني!“ - پوڙ

سندر ساهتيه اهو آهي جنهن ۾ سدائين لاءِ سچ سمايل هجي. سوامي پوترام جي مٿين حوالي ۾ جيڪي فرمايل آهي اهو اڄ به اهڙو ئي موزون آهي، جيترو اڳ هئو ۽ آئينده به اوترو ئي موزون رهندو، تنهن ۾ ڪو به شڪ ڪونهي، ڇاڪاڻ ته سچ کي ڪير به ڪڏهن ناحق ڪري نٿو سگهي!

پروفيسر اين. آر. ملڪاڻيءَ جي ياد من لي لڙي آئي. هن صاحب پنهنجي ڪشمير جي سير ۽ سفر ۾ واقعات ۽ واردات جو ورنن ته اهڙي نه سليس، سهڪ ۽ سلوڻيءَ ڀاشا ۾ ڪيو آهي جو پاڙهڪن جو من انيڪ تفصيلن پڙهڻ بعد به بور يا بيزار نٿو ٿئي، پر وڌيڪ ۽ وڌيڪ اهڙا تفصيل ڄاڻڻ لاءِ منتظر ٿو ٿئي. سوامي ڀوڌراج به ساڳي ڳالهه کي اهڙي نه اوچي سطح تي کڻي ٿو وڃي جو پاڙهڪ ازخود اُٿي ڀڄڻ لاءِ آماده ٿيو وڃن. اوچ اديب جي اهائي خاص خوبي آهي، جو هو پنهنجن پاڙهڪن کي بنا زور بار ۽ رضا خوشيءَ پاڻ سان عرش تي اڏائي کڻي ٿو وڃي.

جهڙين واردات ۽ واقعات جي ورنن جو واسطو آهي، تهڙين پروفيسر اين -- آر - ملڪاڻي ۽ سوامي ڀوڌراج جن جي انداز-بيانيءَ سان شايد ئي ڪو برميچي سگهي. ٻئي صاحب نه صرف پنهنجي قلم جي قابليت ۽ علم جو اظهار بخوبي ڪن ٿا، پر هر ڳالهه ۾ مسايل روحاني راز نه روشن ڪن ٿا بلڪ دليوي حل به ڳولهي ٻڌائين ٿا.

”ڪشميري زالون“ واري مضمون ۾ سير ۽ سفر لاءِ هڪ شڪاري جو بيان ڪيل آهي ۽ تنهن ڪانسواءِ ڪشمير جي سادين سودين، سگهارين ۽ سهڻين عورتن

ڪئي؟ گرو ارجن ديو. گرو گرنٿ صاحب جي پيڙهه ڪنهن ٻڌي؟ سک ڌرم جي پنجين پادشاهي ارجن ديو مهراج جن. ويد پران وغيره ڪنهن وجود ۾ آندا؟ هندو ڌرم جي آچارين، شاسترين ۽ پنڊتن. پلا، عيسائي ڌرم جي ٻي ٻها بائيبل جي رچنا ڪنهن جي باعث ٿي؟ يسوع مسيح ڪرسٽ جي ڪارڻ. مٿئون ته دنيا جي اعليٰ ترين شاهڪارن جي رچنا، جدا جدا ڌرمن جي ابن، عالمن ۽ اديبن ٿي ڪئي آهي. خود سنڌي ڀاشا جا بهترين پستڪ اسانجي سادن، سنتن ۽ پيرن فقيرن جي پيداش آهن. شاهه، سامي ۽ سچل ڪير آهن؟ هو صاحب هڪ ٿي وقت روحاني رهبر به ته اعليٰ اديب به آهن. رشي ڏيارام، سادو واسواڻي ۽ سوامي بوڌراج جن اسانجي ساهتيه سنڌو سرچشمو آهن، جنهن مان اسان عام رواجي انسان سدائين ڏاس وٺـي، پنهنجي پياري سنڌي جاتي، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تهذيب کي امر ڪري ويٺا آهيون. انهن اوليائن جي بدولت ٿي اسين اڃا زندهه آهيون، انهن جي رچنائن باعث سنڌيت جو پيغام ديس پرديس پهچائي رهيا آهيون. تنهن ته اسانکي ان خام خيال کان ٻاڻ کي آجو ڪرڻو پوندو ته سوامي بوڌراج جهڙن سنتن کي ساهتيڪارن جي صف ۾ شمار ڪري نه ٿو سگهجي. سچ ته اهو آهي جو ساهتيڪارن جي صف ۾ اول هوني شمار ٿيڻ جا

روحاني رهبر ۽ اعليٰ ترين اديب

مٿي ذڪر ڪيل ايڪ مثالن ۽ حوالن مان عوام جي من ۾ شايد اهو سنديھ جاڳي تہ سواءِ پوتراج هڪ ڀڳالو سماج سڌارڪ سڏجي سگهي ٿو ۽ لاثاني روحاني رهبر ڳڻجي سگهي ٿو، بلڪ اوچ ۽ اعليٰ ساهتيڪار هئڻ جي دعويٰ ڪري نٿو سگهي. ان خام خيال ۽ سنديھ يا شنڪا کي بلڪل آسانيءَ سان دور ڪري سگهجي ٿو. دنيا ۾ جيڪي بہ اعليٰ ترين شاهڪار لکيا ويا آهن، سي گهڻو تڻو روحاني رهبرن ئي لکيا آهن. ڀڳوان سري ڪرشن انهن سڀني جو سرتاج آهي. مرلي منوهر گيتا جو گيان ارجن کي ميدان جنگ ۾ ڏنو. ارجن جي ڏولائمان من کي استر ڪري ستيہ سندي لڙائي جيتڻ ۾ گيتا جو گيان سمپورڻ طرح سڦل ويو. ڀڳوان ڪرشن اجهو هن لموني ارجن کي ستيہ لاءِ سر جي سٽ ڏيڻ واسطي آماده ڪيو:

”مٿين ٽان سرڳ ماڻيندين، ڪٽيءَ ٽان ڀونويءَ جو راڄ؛ اٿي ارجن، ٻڌي دل تون ڪڙو ٿسي ٿيءُ لڙائيءَ ۾!“

اڄ گيتا سندو گيان دليا پر جي ملڪن ۾ انساني جيون جي هر کيتر ۾ رهنمائي ڪري رهيو آهي. ڀلا، راماڻ ڪنهن لکيو؟ گوسوامي تلسيداس. مهاڀارت ڪنهن رچيو؟ رشي ويد وياس. سکمني ڪنهن قلمبند

پيش ڪرڻ جي اجازت گهران ٿو. خبر ناهي، اهـي لوهالڪي آئڙن ڪي نه! مگر مـــان نه پـهنـجو ڪرلوءِ ڪرڻ چاهيان ٿـو. اُميد اٿم نه منهنجي نيڪ ارادي کي ساڳئي نيءِ لموني نيڪ دڙشـيءَ سان ڏٺو ويندو.

(الف) اکرن جي چونڊ

صفحه ۶۳- سٽ نمبر ۱۶ (هر جنس جا ماڻهو انهيءَ نظاري ڏسڻ لاءِ اچـــي ڪنا ٿين ٿـا). ماڻهن جـون جنسون نه صرف ٻه آهن. ٻو انهن جا قسم انيڪ آهن. خود سوامي جن جو مطلب ماڻهن جي جنسن سان نه مگر قسمن ڏانهن ٿو ڏسجي، تنهنڪري جملو هن ريت لکجي نه بهتر! "هر قسم جـا ماڻهو انهيءَ نظاري ڏسڻ لاءِ اچي ڪنا ٿا ٿين."

(۲) "دل جو باغ چئن طبقن ني بيئنل آهي"- بهتر ائي ها جيڪڏهن "بيئنل" لفظ بدران "ورهيل" شبد ڪم آڻجي ها! (صفحه-۶۴)

(۳) "گيان جي بهادريءَ سان انهن چئني (چمن) ۾ آنانند جي ٻرقلنتا ٿئي ٿي"- گيان جـــي بهادري بيشڪ ٿئي ٿي، ٻو هـــ جيڪڏهن "گيان جي روشني" لکجي نه ٺز لڳي! (صفحه-۶۴)

(۴) "ٻوٽيءَ جا پاڪر ۾، عزت جـا بي عزتيءَ ۾، ندما جا استت ۾، شاهيءَ جا ڪنلائيءَ ۾..."- هاڻـي شاهيءَ جو ضد آهي گدائي، تنهنڪري گدائي اکـــر

حقدار آهن، پيا ته هنن جي صرف پوئلڳن جي لائين ۾ شمار ڪرڻ جي لائق آهن. ليڪن ان سنديهه کي پڪڙي ڪنهن وهيه لاءِ واد وواد ڪرڻي ڪرڻ جو ارادو رکڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته سچ آخر سچ آهي... ۽ جيڪي سچ آهي، سوئي سهڻي ۾ سهڻي ساهتيه رچنا جي بنيادي پيڙه آهي، باقي ڪچ ۽ ڪوڙ آهي، ساهتيه هرگز ناهي!

جڏهن قادر پنهنجي ڪماليت سان چندرما جي ڇهري کي وڌيڪ سينگاريو ۽ سنواريو، تڏهن هن کان به ڪي ڪميون بيشيون ٿي ويئون ٿيون ڏسجن! نه ته پلا، چندرما جي اُلي سندر ڇهري تي ڪي ڪارا ٽڪا ڇو ڏسڻ ۾ اچن؟ شايد ميڪ اپ ڪندڙ مهان ڪلاڪار اهو وچار ڪيو هجي ته چنڊ جي پياري پياري صورت کي ڪٿي نظر نه لڳي وڃي. خير! اديب ڇو ڪونه ڪهڙو به عالم هجي، هنجي رچنائن ۾ به چنڊ جي ڇهري تي ڪارن ٽڪن جيان ڪي اوڻايون رهجي وڃن ٿيون، جن کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ ئي هيڙا سيمينار صحتمند صلاحون ڏيئي سگهن ٿا. درحقيقت هنن سڀائن ۽ سيمينارن جو اصلي مقصد ئي اهو آهي ته ادبي دنيا کي وڌيڪ روشن ۽ اوجل ڪجي.

ڪي اوڻايون ... ڪي صلاحون

ان نيڪ ارادي کي وٺي آءٌ هت ڪي صلاحون

ٻوڌ جي ڪاويہ-ڪلا

هاسارام ”پيمنا“ (ٻڙودا)

هر فنڪار ماحول کان ضرور متاثر ٿئي ٿو. هو، جو ڪجهه ڏسي ٿو، ٻڌي ٿو، انڀو ڪري ٿو، اُن تي سوچي ٿو. اُن جو پڙلو-ٻرو، وڻندڙ- اڻ وڻندڙ، اثر، سٺيءَ يا اڻ سٺيءَ طرح سندس دل-دماغ تي ٿئي ٿو. سندس من ۾ انيڪ پرڪارن جا ڀاوَ يا وڪار اُڀرن ٿين ٿا. هوُ اڀياس دوارا اُنهن ٻوٻل من وڪارن يا ڀاوَن کي سوڌي سنواري ڪلپنا جي رنگن سان سجائي، ڪنهن طرح اکري صورت ۾ آڻي ٿو- ۽ ڪلپنا جي رنگ ۾ رنگيل، سوڌيل سنواريل من ڀاوَن جي اُها اکري صورت اُن فنڪار جي شيلي سڏجي ٿي- جنهن مان سندس سموري شخصيت جهلڪڻ لڳي ٿي- اهڙي ترگڻي رچنا ئي ساهتيہ جي درجي ۾ شمارجي ٿي- لکندڙ واکيہ رچنا، اثرائتي ۽ گهربل شبد- يوجنا، عام فهم ڀاشا ۽ سرل ڍنگ- اهڙي ادبي تصنيف جو درجو وڌائيندڙ خوبيون آهن.

ڪم آڻجي ها ۽ جملي جي سولھن دوبالا ٿي پئي ها! (صفحو - ٦٥)

(٥) ساڳي طرح گيانيءَ جي اُبتڙ اکر آهي اگياني. صفحو ٦٦ تي پڙرا نمبر ٻيءَ ۾ سوامي جن گياني بدران گيانوان گھڻي دفعا ڪم آندو آهي- گياني اگياني وڌيڪ ميل جول کائين ها!

اکرن جي چولڊ جون اهڙيون چوڪون ڪيترن ئي مضمونن مان ڪيدي سگھجن ٿيون... سنگره ڪي سمپادن ڪرڻ وقت اهڙين چوڪن کي سوڌڻ جي ضرورت وڌيڪ محسوس ڪبي.

سنڌس رچنائن ۾ رمــي نــ سگهي آهي. ڪــويءَ، جيڪو محبوب مکڙي جو مشاهدو ماڻيو آهي اُن جي اصلي روپ جو اظهار بہ ڇڙي نمولي ڪري نہ سگهيو آهي.

سنڌس من جي ڪومل پاڪ ن مٿان، ويچارن جو تہ نهايت بيدرد نمولي ڇانئجي ويــو آهي. ڪويءَ جا پاڙهيا ۽ ڦٽڪيا آهن، مگر ڪڇي ڪين سگهيا آهن. ڪوي هردي جــي ڪامنا، ڪروڙا جــو ليم ٻڌجي سنڌس اکڙين جي ڇيڙن ۾ ڇلي آهي، اولجي نہ سگهي آهي. ڪائناتــي حسن جو حيرت انــگيز ڳجهہ ڪيس مليو آهي مگر ڪائنس ورلائجي نــ سگهيو آهي- ”ٻتائون تو مشڪل، ڇپائون تو مشڪل“ جي ڪهاوت واري ڪار ڪويءَ سان ٿي آهي. هو اصل ٻــڙدا لهين عاشق وانگر اواڪ، ڏسندو ئي رهجي ويو آهي. ٿوري ۾ ڇنجي نہ ڪوي من جي پاڪ ڌارا، پهاڙي ڇٽان ڪي ڇيري نہ سگهي آهي. ڪوشش ڪندي وٽين مان وهي هلي آهي- ان ڪري اُن ۾ لڪي آهــن ڇولين جا ڇلڪا، نڪي آهي لهرن جي لوڏ. ڪٿي ڪٿي اُن ۾ لڪــ، آهي بہ نہ اڻ لکي آهــي. باقي اڪثر مڙئي ماٺاڻ آهي.

ڪويءَ جي ڪيترين رچنائن مان نہ ائين بــ پيو محسوس ٿئي نہ گوڀا دماغ تي زور ڏيئي ويهي لکيون

ڪالهه جي نامعلوم- ادبي شخصيت شري ڀوڄراج 'ڀوڄ' اڄ جي اهم ادبي شخصيت جي روپ ۾ سامهون آهي. ان ڪري سندس رچنائن جي- ساهتيڪ سڌانتن جي آڌار تي ڇنڊ ڇاڻ ۽ ڀرکڻ ڪرڻ لازمي آهــي. هيٺ سندس ڪاويه- ڪلا تي ٻه اکر لکڻ جي اوپڪش ڪوشش ڪريان ٿو.

شري ڀوڄراج مديه ڪــال ڀڃاڙيءَ تائين شڪشڪ ۽ اُپديشڪ ٿي رهيو. هيل توڻي سندس ٻيو ڪوبه روپ نظر نه اچي سگهيو آهي. سندس ڪوتا پڻ ايڪ رنگي يا ايڪ مکي نظر اچي ٿي- سندس سمورو نظم ماحول جي برعڪس پرچاري شيليءَ ۾ قلمبند ٿيل ملي ٿو، سندس ڪوتا جو گهڻو اڀياس ڪندي ائين ٿيو لڳي ته آدرش، اخلاق، لوڪ مريادا ۽ ضرورت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل سندس من ڀاوَن جا پکي، اننت آڪاس ۾ آزاد پرواز ڪري نه سگهيا آهــن. ڪٿي ڪٿي، ڪلپنا جي پرن تــي، مٿي مٿي، گهڻو گهڻو مٿي اُڏاڻا آهن مگر هڪ ڪن ۾ ٿي ڪين مجبور ٿــي وري وچارن جي خشڪ وادين ۾ واپس ورڻــو پيو آهي ۽ محدود دائري اندر ٿي ڪلول ڪندي وقت وتيت ڪرڻو پيو آهي.

ڪڏهن ورني ڪوتا ڪامڪي، ڪويءَ جي نيڻن ۾ فرق نه ڪري سگهي آهي ليڪن ڪڏهن بہ ڪاوڻ

رشين منين جي فرمان يا سائنس جي سڌانت موجب سرشٽيءَ ۾ نه ڪي ڪجهه نئون پيدا ٿئي ٿو ۽ نڪي ڪجهه ناس ٿئي ٿو. قدرت جي نيم موجب وستوءَ جو فقط روپ پرورتن ٿئي ٿو، ان ڪري اسان جو نظريو سدائين سک درشي ئي هئڻ گهرجي. ٻوڌ به ان سڌانت کي پنهنجي ڪويتا ۾ اجهو هن طرح پرگهٽ ڪري ٿو:

هيءَ ڦير گهير ناهي، پر تازگي نزاڪت،
ڦاٽي نئون ٿئي ٿو چولو جو هو پراڻو!
يا
ڦيري ٿو رنگ پنهنجا، ور ور نئي زمانو!

ٻوليءَ جي لحاظ کان چولو لفظ بعد 'هو' بدران 'آ' پوڻ گهرجي. 'هو' لفظ پوڻ سان چولي جو وجود ئي ويو هليو نه لڳون ٿا ٿيندو.

'ٻوڌ' صاحب روحاني وادين ۾ وهار ڪندي به مانو جڳت کان جدا ٿي نه سگهيو آهي. البت اهڙين رچنائن ۾ هُو ڪوري پرچارڪ يا فقط اُپديشڪ يا شڪشا گروءَ جي روپ ۾ پاڻ پڌرو نه ٿو ڪري. مگر هڪ چتر چترڪار جي روپ ۾ واستوڪ استتيءَ جو يٿارٿ چتر آڻي عوام آڏو رکي ٿو ۽ درشڪن يا پاٺڪن کي خود سوچڻ واسطي مجبور ڪري ٿو. سندس هڪ امولو

اٿس. اهڙيون انيڪ رچنائون ٻاڪ ٽوٽي ڀاشا جي لحاظ کان ڏاڍيون الوٽيون ڀيٽون لڳن. انهن ۾ سمايل وچار ۽ ڪنهن فرقي يا سمپرداءِ جي گهيري ۾ گهاريندڙ شخص کي اُپديش جي روپ ۾ وڻندڙ لڳي سگهن ٿا.

'ٻوٽ' صاحب جتي "اُپديشڪ- پڻ" کان پاسيرو ٿي، وجود وڃائي، وڃي جو ڪجهه رچيو آهي اهو واهه جو آهي! سندس اُپيوگي ڪوتائن ۾ سرو ڌرم سمنويه، समन्वय unity، ايڪ روپتا، سرودرشٽي، سمپورڻ جيو جڳت جي ڪلياڻ ڪامنا ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. سندس گڻ- گراهڪي ورتيءَ جو مثال سندس هيٺين لفظن مان ظاهر آهي. چوي ٿو:

صبر سڪ ڪرست کان پيارا ... سڪن کان سبق قرباني!

سندس آزاد خيال ڪوتائن ۾ تہ غضب جي رواني آهي. ڀرپڻءَ جو پيغام ڪوتا ۾ چوي ٿو:

گهٽو سونهن دنيا جي جانم، سڄانم،
مگر سونهن تنهنجيءَ جو درشن نہ پانم.

اهڙي طرح سندس ٻي ڪوتا، قدرت جو قاعدو ڏسو:

ٿو هلائي، سرشٽ ساري، ايشور جو قاعدو،
آهہ اُن هر ڳالهہ جي لاءِ پاڻ جوڙيو قاعدو!

چاهه ڪيرائي وجهي ٿي، پوءِ به تان جيڪي،
خيال جي ٻيڙي ۾ ٻيڙي آهه صورت چاهيندا!

اُميد ته ساهتيه - ڪلا جا نرپکش پارکو ۽ کوجنيڪ جاکوڙ ڪري پوءِ صاحب جي رچنائن جي خوبين کي ڳولهڻ جي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪوشش جاري رکندا ايندا - موجوده وقت جي اها تقاضا آهي.

ڏسو-

ڪن کي نه ڪوڻ ٿئي ٿو، ويلو نصيب اُن جو،
ڪي خوب طعام کائي، ٿوڪون ڏئي سمهن ٿا.
بيحال هن دنيا ۾، مسڪين رت روئن ٿا!

ڪيڏي نه ڪاريگريءَ سان حود غرض کي شرمايو اٿس- هڙ هڙين ۽ سنگهه خورن کي ننگو ڪيو اٿس- ڪيٽن نه گپمت يا لاڪشٽڪ ڀاشا ۾ وانڊ-ڪاءِ ايمان ڀاءِ جو سنڌو سنديش ڏنو اٿس.

ٻوٽ صاحب جي ڪاويه ڪلا اهڙن نظمن ۾ ڪافي اُڪري بيٺي آهي- سنڌس ڀاشا جي شدتا، روانيءَ ۽ سرلتا اثر پذير ٿي بيٺي آهي. متين ڪوتا، ڪاويه ڪلا جي خيال کان هڪ اُتم آدرش آهي. اُن جو وزن- مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن يا دڪپال ڇند بلڪل درست رهيو آهي- البت پختگي ۽ رنگيني گهٽ پر جذبي کي صداقت واهه جاءِ اٿس!

پڇاڙيءَ ۾ اِيترو قبول ڪرڻو پوندو ته ٻوٽ جا اليڪ، اُپديشيالمڪ شٿليءَ ۾ رچيل نظم وديارٿين جي ڏاڍ جا آهن. اِن ڪري درسي ڪتابن ۾ جوڳي جڳهه ملڻ گهرجي. البت اهڙن نظمن جي چونڊ شرڌالو ڀڳتن دوارا نه ٿيڻ گهرجي ۽ نرپکشتا نهايت ضروري آهي- ڇو ته 'ٻوٽ' جي نئي لفظن ۾ چئجي ته:

۾ هيو ۽ اکين ۾ آتما جو اصلي روپ اختيار ڪيو. اهڙا سادا ۽ سهڻا، ويچار ۽ خيال، اُپديش ۽ آکاڻيون، ٻاجهارا ۽ ٻوليون، ڪوتائون ۽ ڪهاڻيون من کي موهيندڙ ۽ روح کي راحت ڏيندڙ آهن. مذهب سچائي ۽ سيتلتا، صبر ۽ صفائي، پريت ۽ پاڪيزگيءَ جو سرس شرف حاصل ڪرڻ لاءِ نثر خواهه نظم ۾ سنڌي ساهتيه لاءِ اکٽ ۽ اکنڊ خزانو ڇڏي ويا آهن.

نثر ۾ "شانتا جي شانتي"، "ڪلهه ٻائي جا ڪرتوت" پوشيده لمولي ۾ پيش ڪيل آهن، جو ڪٺور دل به نرم ڪري ٿي. ساڳئي وقت عمدي ۽ اعليٰ سکيا پڻ من کي وس ڪرڻ، صبر ڪي ساهه ڏيڻ سان سچو سک ۽ آنند پراپت ٿئي ٿو. مات جو قول مٺو آهي. دل کي ديهي ۽ دنيوي دکن کان دور رکڻ، مذهبي ۽ پليل کي دڳ لائڻ، شبيهه چرنن ۽ شبيهه پاولائون، پويترتا ۽ پرڀڪاري ڀاو پيدا ڪرڻ سوامي جن جا اصول هئا. هڪ خسيس ۽ لڇ ڇيٽي جهڙي شيءِ کي ڪمائتي ۽ ڪارائتي ڪري ڪهڙي رنگ ۽ ڍنگ سان قيمتي بڻايو آهي! "هڪ تندرستي هزار نعمت"، "پهلا سک نروگي ڪايا"- هندو ڀيوس آهي، ذرا اک ۾ ڪک آرامي ٿئي ته عاجز آهي، پوءِ دنيا جي عياشي ۽ آرامي، نفساني ۽ فاني شين کي سک تو سمجهي؟ اگرچ صحت شفاياب نه آهي ته دنيا جي دولت، مٺ

آدرشي ۽ انڀوي آلاپ - هڪ نظر

ڊي. اين. موهناڻي، چيلهارنواسي (احمدآباد)

ساهتيه حياتي جو آئينو آهي جو انسان لاءِ حال، ماضي ۽ مستقبل جو سچو سروپ سنواري ٿو. ماضي ۾ ڇا وهيو واپريو، حال ۾ ڪيئن هلڻو آهي، ماضي جي مشغولين ۽ مشڪلاتن، حال جي ڪمزورين ۽ هيڻاين کي صحيح طرح سڌارڻ ۽ سلجهائڻ تي وري مستقبل جو مدار آهي.

سڀني دورن ۾ سنسار ۾ انسان حرص هوس، لوڀ لالچ ۽ مايا موهه جي قيد ۾ ڦاسي ڪلجڳي ڪام ڪروڌ ۽ ڪوڙ ڪپٽ جي قيد ۾ قابو ٿي رهيو آهي. انهن جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ وقت به وقت ودوانن جا خيال ۽ ويچار، اديش ۽ اپديش، چرتر ۽ سکيائون، انڀو ۽ آزمودا گمراهن ۽ ڀٽڪيلن کي سڌي رستي تي آڻڻ لاءِ آماده ڪري رهيا آهن. مون کي پڻ پونا ۾ سوامي ڀوتراج جن جو "آدرشي ۽ انڀوي آلاپ" ارشاد ٿيو. پڙهڻ سان ئي من ۾ محبت، دل ۾ ديا، قلب ۾ قرب، هردي

ماڻهن جي موج ۽ مستي، برف جي چوٽين ۽ آسماني ڪڪرن جي مشابهت، وڻن ٻوٽن ۽ ٻولدن جي گيتن جي گونج، ٿڌي هير جي لولي، ٻهارن جي پختگي ٻسي من جي موج، تن کي تازگي، چت کي چيتن، اندر کي آنند ۽ ايڪانت حاصل ٿئي ٿي. صاحب جي صاحبي، واحد جي واڪاڻ، يڪتي روپي ڀنڊار جي ڀيٽ ڏني آهي، جو الهي ۽ قدرتي ڪارخاني مان ميناج جا مٺيا ٻوٽي، محبت جي مالها تيار ڪري معنيٰ ۽ مفهوم سمجهايو آهي.

سوامي صاحب جي سکيا ۽ گيان ۾ ڀيد ۽ راز سمايل آهي ”دل جو ڪتاب“، ”عمل جو رسالو“، ”فنا ۾ بقا“، ”هار ۾ جيت“ ۽ سهڻي ۽ سياهي اهڙي ڀنگ ۾ ورتل ڪيل آهن جو پڙهندڙ هڪواري من جي ممتا، تن جي تمنا، چت جي چنتا ۽ دل جو درد هڪ ئي لحظي ۾ لاهي نرملتا، ڪوملتا، سيتلتا جي حاصل ڪرڻ لاءِ ورق ورائڻ جي ڪوشش ڪندو. سکن کي ڏکن تان قربان ڪر، ايڪانت ۽ اڪيلائي جو رستو اختيار ڪر. شاگردن کي وقت جو قدر ۽ سنسار سکيا ساگر، فرحت ۽ خاموشي، صبر ۽ شانتي، شيوا ۾ سون، دريا دلي، پالڪ جو ٻڌ ۽ آنديت جي سبق جو صفحو سکڻ لاءِ سولي ۽ سلوڻي سمجهاڻي آهي. فيلسوفي جو سروپ سڪ، اڪ، ڪان، سدائين گل سمان،

مائٽ، عزيز خويش ۽ ٻيو پڻ ٻئي جو بدن بار ۽ بوجو ٿي پوندو. "صورت ۽ سيرت" ۾ گيان ۽ ڌيان جو سمنبڌ سمايل آهي. "سهڻا ڏوهه ٻين ۾ گهڻا" صورت کي اهميت ڏيڻ احمقن جو ڪم- سيرت کي سڌارڻ سالڪن جو ڪم.

ساڳئي وقت سهڻي سياهي نظم ۾ ڪاري رنگ جي پورڻ اُپٽار ڪرڻ سان ڪين گهٽايو آهيس. سيني رنگن تي ڪنهن نه ڪنهن طرح اثر ٿي سگهي ٿو، مگر ڪارو رنگ پنهنجي اُصول ۽ اُديش تي مڪمل قائم آهي ۽ انهيءَ سان گڏ اها سکيا سيکاري ٿو ته سونهن ۽ سوڀيا، رنگ ۽ روپ تي هرڪجهي ھنيلو نه ٿجي، ڪارو ڪوجهو، چريترروان ۽ گڻوان هوندو آب ۽ آدر پائي ٿو. "سچ جي سدا جئه آهي"، "سچ جي ٻيڙي لڏي، پر نه ٻڏي". بلبل جي مٺي آلاپ ۾ محبوب جي مهما ڳائيندي "پوت" پڌائي رهيا آهن: اي انسان! تو ۾ هوش ۽ جوش، عقل ۽ سمجهه جو ڀنڊار ڀريل آهي، انهيءَ ڀنڊار کي کولي ڪٺو مخلوق جي شيوا ۾ ارپڻ ڪر. ڪشمير جي سير جا گهڻن ساهتيڪارن ۽ شاعرن، اديبن ۽ علمائن، خيال ۽ رايا نثر توڙي نظم ۾ بيان ڪيا آهن پر سوامي جن گيان روپي ساگر مان سهون سوڌي سڀني جي شيوا ۾ سلجهائي ۽ سوهي ظاهر ڪيون آهن جهڙوڪ: جبلن جي لاهين ۽ چاڙهين،

سوڳواسي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جي ساراهڻ جوڳي
آهي مگر "سوامي ڀوڄ راج" جـي اثر اوڙي نظم ۾
ڀڳتي، گيان، فيلسوفي جو علمي ۽ عملي خزانو اسان
جي آڏو آهي. سوامي صاحب جي ماستري شيوا ۾
لطف ۽ آنند آهي ڇاڪاڻ ته ماستري فن ڀـا هنر،
ڌنڌو يا پيشو ڪو ساڌارڻ نه آهي ڀـر مهان آهـي.
مان ماستر هئڻ جي حيثيت ۾ ڪ سان چوندس تـه
سوامي جن قدرتي ڪلا ۽ ڪرامت سان عجيب ۽ اپار
آتم گيان جا اوچا اخلاق ۽ سماج شيوا جـا سبق نـه
صرف خلق جي خدمت لاءِ پر پنهنجي عمل لاءِ پڙهوڳ
ڪيا آهـن. اهي شبد ۽ صفحا سنڌين لاءِ خصوصا ۽
عام لاءِ عموما اعلي ۽ اڪنڊ سکيا جا ساگر ثابت ٿيندا.
منهنجي اها آرزو ۽ وينتي آهي ته اهڙن بزرگـن،
مهاتمائن، سـت پرشن، ساهتيڪارن، شاعرن ۽ اعلي
شخصيتن جا ويچار، خيال ۽ گڻ ڳولهي پنهنجي علم
ادب ۾ درج ڪري ٻولي لغت ۽ جاتي جو وقار وڌائي،
سهڪارين سان سات ۽ همراهي جو هٿ ۾ هٿ ۽ آواز
۾ آواز ملائي ته وڏو هند ۽ سنڌ جي ٽپي ٽپي ۾ پر
دنيا جي چپي چپي ۾ سنڌي ساهتيه ۽ تهذيب جي
اڪٽ ۽ بي بها خزاني جا سونا سڪا ۽ مشقت جا موتي،
هيرن ۽ جواهرن جيان زمين ۽ آسمان وچ چلڪائيندا
۽ چمڪائيندا رهون.

من ۾ محلات، قلب ۾ ڪشالش هوءِ پونئُر جيئن پنڪڻ ۾ پورم آهي. ڀڳڙي سکيائن ۾ پڻ پيار ۽ ميلاپ، رهڻي، شڪرادائي، نرملتا ۽ گفتگو جي گولا گون راس رچيل آهي.

سوامي جن هنهجي علم، اخلاق، آدرش، آنند روپي آواز سان محبت ۽ مروت، محنت ۽ مشقت، شرافت ۽ شجاعت، فصاحت ۽ بلاغت، الفت ۽ معرفت، حقيقت ۽ طريقت جا چيدا چٽ چٽيا آهن ۽ سنڌي ساهتيه ۾ سولا ۽ سليس لفظ لکي لغت ۽ ٻولي جو شان بلند ڪيو آهي.

ساڳئي وقت نثر خواه نظم ۾ اکرن ۽ شبدن کي قواعد ۾ قابو ڪري، فقرن ۽ جملن کي تجنيس سميت ترتيب وار تيار ڪري، بحر ۽ وزن، قافيه ۽ رديف کي به ڪتب آندو آهي. جهنگل ۾ منگل، رڻ پٽ ۾ رستا، پهاڙن ۾ پيچرا ۽ واٽن تي وڻراهه، ڪوڪاريگر، ڪلاڪار، جوڙو جوان ۽ سورهيه سورمو ڪري سگهي ٿو مگر انهن لاءِ به صاف ۽ چٽو مواد هر رنگ ۽ ڍنگ ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

سنڌي ٻولي جو سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف، صوفي ۽ ويدانتي - سامي ۽ سچل، دلپت ۽ روحل، قدرت ۽ دنيا جا چمتڪار چٽيندڙ - عزيز ۽ بيوس، سنڌي نثر جو ابو ديوان ڪوڙومل ۽ سريلي ۽ رسيلي لکڻي

وٺي ڪاهيندا.

”سچو ساٿي“ هن ٿاٿوان ۽ ٿروس سنسار ساگر ۾ هڪ لاٿائي جهاز آهي. جيڪو مسافر اڻ ڄاڻائيءَ ۾ به ان تي سوار ٿي، منجهس اڏيل گهرن مان ڪنهن هڪ گهر ۾ لواس ڪري ٿو، ان کي ان گهر مان ٿي گيان-گنگا وهندي نظر ۾ اچي ٿي.

”سچو ساٿي“ جهاز ۾ گهرن جا جدا جدا نرالا ۽ نرالا نرالا رنگ آهن. منجهس ايشور جو گهر به آهي ته گرن جو در به. ماڻهوءَ جو مڪانو به آهي ته ڪٽنب جو آشيانو پڻ. منجهس سياڻن ۽ مورکن لاءِ الڳ الڳ دڪان آهن، ماتا ۽ استريءَ لاءِ جدا جدا مڪان آهن. ڀيڻن ۽ ڀاڻيءَ جي جدا جاءِ آهي، ته پيار ۽ ميلاپ جي الڳ درگاهه آهي. منجهس غريباڻي جهوپڙي به آهي، ته اميراڻا محل به اڏيل آهن. انهن سڀني گهرن ۾ ڏيوج، ديا، شڪرادائي، سنتوش، ايڪانت، پريم، مان ۽ پرده پوشي جون انم تصويرون ٽنگيل آهن. انهن تصويرن کي وچار ۽ خيال، نرمانتا ۽ پرسنتا، آزادي ۽ واد وواد جا رنگ ڏنگي، وطن ۽ پرديس جي فريمن ۾ سجايو ويو آهي. بزرگ ۽ مهاپرش انهن تصويرن جي پوڄا ڪن ٿا. حياتي ۽ ممتا انهن تصويرن تي واس ڪن ٿيون. دل جي صفائي ۽ وچن جي وڏتا انهن تصويرن ۾ جان وجهن ٿيون. ان نموني سار شبد جو

موتين جي مالها

ليکراج ”هنس“

مان سوامي ٻوڌراج صاحب کي فقط نالي مان سڃاڻان، ڇو ته ڇهڻ جو شرف مون کي حاصل نه ٿيو آهي. سندن ڪتابن مان به مون فقط هڪ ”سچو ساٿي“ ئي ايڻن لئي رکيو آهي. پنهنجي اعمالن ۽ افعالن ۾ ان کي عملي روپ ڏيڻي نه سگهيو آهيان. تڏهن به ڏسان پيو ته منهنجو من ٻوڌ صاحب جي پربوڌ سان ڀريل ڪتاب ”سچو ساٿي“ تي ڪجهه لکڻ لاءِ بيچين آهي، ان بيچينيءَ جو ڪارڻ ڄاڻڻ جي ڪوشش مون نه ڪئي آهي. قلم جي ڪشش کي روڪڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. مان ٻيوسيءَ ۾ ڪجهه لکي رهيو آهيان. 'سچو ساٿي' سچ پچ قلم سان ساٿ ڏيئي ڪيس ڪاغذي-ڪيمت لئي پيو ڊوڙائي. خبر نه آهي ته کهڙو ٻج ڇٽيندو ۽ کهڙا سلا اُپرندا! پر اها پڪ اٿم ته اڄ ڪالهه کهڙو به اَن اُپجي، جن کي بکـ، آهي سي راشن جي سڙيل دڪ به ضرور

ٻہ هو ٻاٽڪي ساگر جي سيني تي، موت جي منهن ۾ ستل ٻيو سمجهي.

ڪو چوندو، ”جهاز ننڍڙو ٿيو تہ ڇا ٿيو؟ منجهس انجڻ تہ عاليشان آهي. سندس ڪپتان تہ خبردار آهي؟“ پر ڪپتان کي ڪير ٿو ڏسي؟ جيڪو جان جوکو اکين اڳيان ڏسندو، ان جو ڪاريگر ڪپتان ڏانهن مَن ئي ڪيئن مڙندو؟ ننڍڙي جا لوڏا ڪو سورمو ئي صبر سان سهي سگهندو. جيڪو وشواس جو ولجهہ ڪٽي، ”سچو سائي“ جهاز جو سهارو وٺندو سو ئي منزل مقصود تي پهچي سگهندو. هت جهڙي تهڙي جي جاءِ نہ آهي.

”سچو سائي“ جهاز جي ڪپتان شري ٻوڙ راج صاحب جا ٻول بہ عجيب آهن. سچ تہ گهڻا مسافر سندن طرز-بيان سمجهي بہ نہ سگهندا. ڪي هڪ جو ٻيو ارٿ سمجهي پنهنجو هردو هاري وهندا.

جيڪڏهن ايشور-نگر ڏانهن وتندي جهاز جو ڪپتان ٿي چوي تہ: ”ايشور جي وڏائيءَ کي ٻندو ڪيئن سمجهي سگهندو! هو پهاڙ تہ هي پٿرڙو، هو ساگر تہ هي ڦڙو، هو سورج تہ هي ٽورو، هو پرٻود پنڊار تہ هي هڪ ذرڙو.“

جڏهن مسافر خود ڪپتان جي مک مان اهڙا اکر ٻڌندو تہ ايشور جي وڏائيءَ کي سمجهڻ ٿي انسان لاءِ

دولهون ڏکندي، پڙهندڙ آتم گيان جي سٽيج تي پهچي ٿو ۽ بي خبري ۽ وسمرتيءَ ۾ پرليه کي پرارٿنا ڪرڻ لڳي ٿو.

پڙهندڙ ڇرڪ جي پل سان، نثر جي گوناگون ساگر مان پنهنجو جهاز هاڪاري نظم جي روشن راهه سان هلندي رهڻي ڪهڻيءَ سان من-مندر ۾ پرويش ڪري، سنڪلپ رهت ٿي، پريو-چرڻن ۾ پهچي ٿو. ان ريت "سچو سائي" پڙهندڙ کي لوڙ رسائڻ ۾ سچو سهائڪ ٿي سگهي ٿو.

پر ساگر ۾ ڪڏهن لڙ-لهرون آهن ته ڪڏهن لس-ليت. ڪڏهن ڇوليون تيون ڇلڪن ته ڪڏهن ويرون تيون وهن. "سچو سائي" جهاز تي سوار هڪ جاءِ تي آرام سان ويهي نه ٿو سگهي. جهاز وزن ۾ ڏايو هلڪو آهي، انڪري ڇولين جي اُڇل تي اوچو اُٿي ٿو ۽ ويرن جي واڪ تي وهلو وهي ٿو. مائي ساگر ۾ لهرن جي لس-ليت سان اڳتي پنتي پيو لڏي لمي. ان ڪري "سچو سائي" تي سوار انين پيو سوچي ته الائجي هي جهاز منزل تي پهچائڻ کان اڳ ئي ساگر جي پيٽ ۾ سمائجي ته نه ڇڏيندو! مسافر جي من ۾ وشواس جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي. مسافر ڪرامت صاحب، مهاڀارت، رامائڻ، ڀاڳوت ۽ نانڪاڻي جهڙن جهازن ڏانهن واجهائڻ لڳي ٿو. "سچو سائي" تي سوار هوندي

پرماتما کي پسڻ لاءِ ته اندرين اک، کولڻ جي ضرورت آهي، نه ٻاهرين اکين کي پورڻ جي. قادر کي قدرت ۾ پسڻ لاءِ عشق جي عينڪ اکين تي چاڙهڻ ضروري آهي. اکيون ئي نه هونديون ته عينڪ ڇا تي چڙهندي؟ جيئن پوت صاحب پاڻ فرمايو آهي:

"تنهنجي عشق جي عينڪ اکين تي چاڙهي، هيٺ مٿي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريم، ڇا ڏسان ته ذرو ذرو تنهنجي درشن جي آرسي ٿيو بيٺو آهي."

"سچو ساٿي" جهاز جي مسافر کي پوت صاحب جي ورونڌي وچن لاءِ به من ۾ شنڪا جاڳندي، انڪري ان جي من لئي پيو کو جهاز ٻگڙڻ جي ڌن سوار ٿيندي.

هڪ هنڌ پوت صاحب فرمائين ٿا:

"سکيا اهو خزانو آهي، جنهنجا ڏيندڙ اکثر کٿل ۽ وٺندڙ هميشه بکاري."

جيڪو پاڻ ئي کٿل هوندو سو ٻئي کي ڪجهه ڪٿان ڏيندو؟ وري اهو گيان ان کان وٺندو ئي ڪير، جو وٺڻ سان ڪيس هميشه بکاري ٿي رهڻو پوي؟ گيان جو خزانو ته اڻ کٽ آهي. جيئن سامي صاحب به چيو آهي ته:

"اکٽ خزانو گيان جو ڇڏيو گو ڏيئي."

ٻئي هنڌ پوت صاحب پاڻ ئي فرمائين ٿا:

ناممڪن آهي ۽ انسان ۾ نالي ماتر ئي طاقت آهي، تڏهن مسافر جو من ڊانوان ڊول ڪيئن نه ٿيندو! هو پاڻ مان وشواس وڃائي، پرماتما جي وڏائي ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي ڇڏي ڏيندو.

سچ ته اهو آهي ته انڌيڙو پٿر ڏسي ئي چٽي سگهبو ته پهاڙ ڪهڙي قسم جو آهي. هڪ ڦڙو چکي ئي چٽي سگهبو ته ساگر جو پاڻي کارو آهي. هڪ نوري جو ليڪ ڏسي ئي سورج جي گرميءَ جو اندازو لڳائي سگهبو. هڪ اَن جو داڻو ڏسي ئي ڍير جي اَن جي سٺائي ۽ صفائيءَ جي خبر پئجي ويندي. ايشور کي قد قامت ته آهي ڪانه؛ هن جا ته گڻ ئي ڏسڻا آهن، جاڪاڻ ته ايشور نه فقط هڪ گڻن جو ڀنڊار آهي. هو نراڪار، امر، اجوني آهي.

جيڪڏهن ڪپتان مسافر کي چوي ته:

”افسوس هيءَ اکـا جا نور جو آکيرو آهي، سا ئي انسان ۽ پرماتما جي وچ ۾ پردو ٿي بيٺي آهي.“

(”سچو ساٿي“)

ته ڇا هرڪو مسافر منزل تي پهچڻ لاءِ پنهنجون اکيون ڀڳت سورداس وانگر قربان ڪري سگهندو؟ ڇا سڀيئي سورداس جن جي اکين جي جوت وساڻل آهي، سي پنهنجي اکين ۾ ايشوري-نور ڏسي رهيا آهن؟

سچ پچ ته جيڪو پاڻکي سياڻو ۽ ٻئي کي مورک ٿو سمجهي، سوئي هڪ مورک آهي. پاڻ کي سياڻو سڏيندڙ ڪروڙين لڀندا، پر پاڻ کي مورک سمجهندڙ، ڪروڙن ۾ ڪو هڪڙو. انهن گيان جو حقدار ڪير ٿيندو؟

پرماتما ڪٿي آهي؟ سچي ڀڳتي ڪهڙي آهي؟ سچو پريم ڇا آهي؟

اِهن سوالن جي جواب ۾ هو "سچو سائين" سچي راهه ٿي هلندي، ٻانهن والگو گوهي ڏيئي پڪارايو چئي.

گرو صاحب فرمائين ٿا:

"هي مالڪ، گهر جي پالين کي ٺاڪر سمجهه ۽ گهر جي ورتڻ کي ٺاڪرن جي پوڄا ڪري پاڻ!"

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا: "پورهيو ڪرڻ آهي ڀڳوان جي سچي ڀڳتي."

پر ٽئين هنڌ سمجهائين ٿا: "استري ۽ پتيءَ جو سچو پيار تڏهن قائم ٿئي ٿو، جڏهن ٻنهي جو پيار، هردي ۾ وينل پرماتما ڏانهن مائل ٿئي ٿو."

پهرئين فرمودي موجب گهر جا پالي ئي ٺاڪر آهن. گهر جي ورتڻ يا پورهيو ئي سچي ڀڳتي آهي.!

پر ٽئين فرمودي موجب، پرماتما هردي ۾ آهي، پتي به ٺاڪر روپ ۾ آهي. جڏهن ٻئي پرماتما ڏانهن مائل ٿيندا، تڏهن ئي پاڻ ۾ پيار ٿيندن.

”گيان جي سوجهري کي ڪير ناس ڪري سگهندو؟“ جڏهن گيان جو سوجهرو ناس ٿي ئي نہ سگهندو، تڏهن گيان جو ڏيندڙ اڪثر ڪٿل ڪيئن رهندو؟ گيانيءَ جي من ۾ تہ گيان جا اکٽ انبار هوندا آهن، جي هو سدائين پيو ونڊي ورهائي، تہ بہ ڀنڊارا سدائين ڀرپور ٿا رهن.

”سچو سائي“ جو سهارو وٺندڙ سڀيئي تہ سياڻا ڪونہ هوندا؟ جيڪو پاڻ سياڻو آهي ان کي سهاري جي ضرورت ئي ڪهڙي؟ پوڌراج صاحب خود فرمائين ٿا:

”جن جي نظر تيز آهي، تن جي اکين تي عينڪ الٽو اونڌو ئي ڪري.“

۽ ٻيءَ هنڌ فرمائين ٿا:

”مورک کي اُپديش ڏيڻ، اهڙو آهي جهڙو انڌي کي ڏئو ڏيکارڻ.“

سچ پچ تہ مون جهڙن مورکن کي ئي گيان جي گهرج آهي. جيڪي گياني آهن تن کي گيان جي ضرورت ئي ڪهڙي؟

سامي صاحب تہ فرمائين ٿا:

هرجن ڪيڏي هٽ، وڃنا سودي سار جو،
جيڪو جگياسو اچي، ڇڏي ڪوڙ ڪپٽ،
سامي سوسان مت، لوري ڏئن لنهن کي.

ڪري ”سچو سائي“ سچ پچ ساراهڻ لائق آهي. ان جو ڪو به ٻيو پڙهڻ سان، ڪوئي نه ڪوئي اهڙو گل ٻهڪجي سواهڻ ۽ سڳنڌ سان مغز کي معطر ڪري سگهندو. ”سچو سائي“ قيمتي هيرن جي هڪ کاڻ آهي، جا ڪڏهن کٽڻ جي نه آهي. ڪو به بيت پڙهيو ۽ هيرو سامهون چمڪيو.

مثال طور:

(١) ”سشيل ماتا اولاد جي ڀختن جو ٽيڙو ۽ سکن جو پيل پاتڙ آهي.“

(٢) ”پراڻي استري، پراڻو ڏن ۽ ٻڌڻ جو عقل ٽيئي شيون انسان کي وڏ ڀڪ لظو ايندڀون.“

(٣) ”سون باهه ۾ پوڻ ڪري وڌيڪ چمڪي ٿو.“

(٤) ”احسان مڃڻ، نيڪ بختيءَ جي نشاني آهي.“

(٥) ”پراوا ڀت و ڀچارڻ ڪري انهن جا پاپ لهيو اچيو پاڻ لي پون.“

”سچو سائي“ مان اهڙا هزارين حوالا ملي ويندا، جي ٻڌڻجو مت پاڻ آهن. شري ٻوڌ صاحب جي ٻولي به ٻڌڻجي آهي. مذڪور عمدي ٻوليءَ جا سڀيئي گڻ-فصاحت، بلاغت، سلاست، لطافت، رواني، اثر پذيري ۽ ٻولڙا موجود آهن. ٻوڌ صاحبن کي ٻول جو خاص ڍنگ آهي. ٻوليءَ کي سندر ۽ سهڪ ٻڌائڻ لاءِ ڪي خاص گهڙت ڪاڻ گهڙي اُن تنهن هولدي ب سندن

هڪ سمسار ساگر ۾ ڇلڪندڙ ڇوليون، پيو "سچو ساٿي" جهاز ڪڏهن ڪهڙي، ڪڏهن ڪهڙي پيو سيٽي وڄائي. تنهڪري جهاز تي سوار مسافر جو من ضرور ڏڪندو ئي رهندو.

ڪنهن شاعر جو قول آهي:

"ظالم ته ظلم ٿو ڪري، بيوس سپاهه ڪان،
۽ ڏوهه وڏو ٿو ڪري، جو ٿو سهي پيو."

پر ان باري ۾ به ٻوڌ صاحب فرمائين ٿا ته:

"مزو تڏهن آهي جڏهن ڏوهه ڪيو ئي نه ويو هجي ته به سزا سرهائيءَ سان ويهي ڀوڳجي."

ان فرمودي موجب ته بي انصافيءَ جي برخلاف آواز اُٿارڻ جي ضرورت ئي نه آهي. لفنگا ۽ ليڙ پيا غريبن کي ستائيندا رهن، لچون لٽيندا رهن ۽ غريب ٻوڌ صاحب جي پرٻوڌ موجب سور صبر سان سهندا رهن. انهيءَ ۾ ئي ته مزو آهي!

مٿين مثالن مان ثابت آهي ته "سچو ساٿي" جو پاڪ پکش، عام فهم کان اُتو آهي. ان تي عمل ڪرڻ ڪنهن ديوانا جو ڪم آهي. ٻيو ته ڏکيو ئي رهندو.

ڪلا پکش جي وچار کان "سچو ساٿي" اُلم خيالن جو ذخيرو آهي. مجهس گوناگون وچار آهن جي عام گفتگوءَ ۽ مضمونن ۾ حوالو ڏيڻ جي ڪم اچي ٻوليءَ کي عام فهم ۽ پائدار بڻائڻ ۾ سهائڪ ٿي سگهن ٿا. ان

جو هر فقرو هڪ سلوڪ آهي ۽ هر جملو هڪ معنيٰ ڀريل موتي. اهي موتي ڳولڻ لاءِ هوشيار غوطه - خورن جي ضرورت آهي.

محبتي ماڻها ۾ موتي، ٻوٽ ٻوٽا ٻوٽ سان،
سو لهي سگهندو جو لوچيندو لڳن ۽ لوچ سان.
'هنس' ويچارو ۽ وياڪل آهه موتي ليءِ گهڻو،
پر سچو موتي ملي ٿو، ڀاڳ ۽ شد - سوچ سان.

ٻوليءَ ۾ انوپراس، اپما ۽ روپڪ الڪار عام جام ڏسڻ ۾ ايندا، جن ٻوليءَ کي اُتم بڻائي ان جي ارٿ کي ٻه گهرائي ڏيڻي ڇڏي آهي. مثال طور:

روپڪ- مورک جي دل آهي ٽٽل ٺڳو ۽ نصيب جا وچن آهن سيتل پاڻيءَ جا ڦڙا.

هرهڪ تن لسبيع آهي، هرهڪ خيال مڻڪو آهي.

انوپراس- نقش ڪان نقاشيءَ جي مهما ۾ مڪو ٿي سندس ڳڻ ڳائيندو رهجي.

اپما- ماڻهو جنهن ۾ ادب ۽ مروت نه آهي سو ڪاغذي گل وانگر آهي.

روپڪ ۽ اپما- اي انساني گل، تو ۾ ڏيوج، ٻوڻم ۽ نڙس جا گڻ اچي وڃن ته سرڳ جي گلن کان گوءِ کڻي وڃين.

روپڪ- سو نور نه ماڻهوءَ جي بدن روپي فانوس ۾ پيو ٻري.

مطلب ته "سچو سائي" مون جهڙن مت جي موڙهن کي ايشوري-گيان جي جوت نه بخشي ته سگهندو، ٻه سنسار ۾ ورائڻ جي وات کي سولو بڻائي، ٻيارن دوستارن جي اگيان سرهو ٽيڻ جي شڪتي ضرور ڏيڻي سگهندو. انڪري "سچو سائي" سنسار ۾ سڀ پچ هڪ سچو سائي آهي. هر سنڌيءَ کي ٻوڌ صاحبن جي ساهت سيوا لي لاز هڻڻ گهرجي. "سچو سائي"

۽ ڪڍڻ وري (ٻارڻ ۾ ڏيئي) الڳ الڳ نقطن ذريعي اُپٽي ڏنو اٿائين. ان ٻوٽين قسم جو سهڻو مثال آهي سندس امر پستڪ "سچو سائي". هت انهيءَ ئي پستڪ جي آڌار تي پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ چاهيان ٿي.

"سچو سائي" ۾ الڳ الڳ سرن (Headings) هيٺ نصيحتن کي ورهايو ويو آهي. جيئن ته برهما پراپتي، ڪل ۽ ڪٽنب، مورکتا، ڏيج، خيال، آتم گيان، مات وغيره. هرهڪ وڀاڳ ۾ انهيءَ هڪ ئي وشيه تي علحدن گفتن، مثالن ذريعي هن پنهنجا انپوي ويچار ۽ ليک صلاحون پيش ڪيون آهن. حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته جيتوڻيڪ گفتن جو / نقطن جو پاڻ ۾ ڪو ترتيب وار لاڳاپو نه آهي، تنهن هوندي به اهي اهڙا ته دل ڇڪيندڙ آهن جو هڪڙو لفظو پوري ٿيڻ تي پڙهندڙ پاڻمرادو اهو ڄاڻڻ لاءِ آتو ٿي وڃي ٿو ته اڳتي ڇا چيل آهي ۽ انهن هڪوار هٿ ۾ کڻڻ کانپوءِ الڪي اڻ ۾ ڇڏڻ تي دل نٿي ٿئي. ان ڪشش جو سبب مرحوم شري موتيلعل ڀٽاڻيءَ هن طرح ٻڌايو آهي:

"سندس سٽ سٽ ۾ اهميت ڀريل آهي جو نه هو لڙ ترجماني ڪري اسانجي دل ۽ دماغ کي ڏوڏي ٿو."

"سچو سائي" ۾ ٻوٽ صاحب جي هر جملي ۾ جيڪو ادبي جوهر نظر اچي ٿو سو به عجيب قسم جو آهي. ٻولي اهڙي سليس آهي جو لفظ ۽ ٻار به سولائيءَ سان

ٻوڌ ۾ النڪارن جو پريوڳ

(”سچو ساٿي“ پستڪ جي آڌار تي)

ڪماري يشوڌرا خوشيرام واڌواڻي

سوامي ٻـوڌراج سنڌي ٻوليءَ جـي ٻطرفي شيوا ڪئي آهي. هڪ طرف، هڪ سنت پرش جي ناتي هن اهڙي جيوت جيئڻ جي سکيا ڏني آهـي جنهن ذريعي انسان هن لوڪ ۾ به سک، شانتي پائي ۽ پنهنجو پرلوڪ به سڌاري سگهي. ٻئي طرف هن سنڌي ساهت جي به وڏي شيوا ڪئي آهـي. پنهنجون سکيائون ماڻهن تائين پهچائڻ جو هن جو ڍنگ به نيارو ئي رهيو آهي. ڪڏهن انهن کي اهڙيـن ڪهاڻين دوارا پيش ڪيو اٿائين جن جو آڌار پراڻ ۽ ڏند ڪٿائون نه پر گهڻو ڪري عام ماڻهن جـي روزاني زندگيءَ جون گهٽنائون آهن. (جيئن: ”شانتيءَ جي شانتي“؛ ”هڪ تندرستي هزار نعمت“ وغيره). ڪڏهن ڀڳتيءَ جـي مستيءَ ۾ ٻـڌل شعر جي رچنا ڪري سرشٽيءَ جـي ڪڻ ڪڻ لاءِ پريم ۽ ايڪتا جي ڀاونا جاڳائي اٿائين-

لفظن جي سلسلي ۾ وري وري ورڻ ٿيو آهي. ساڳيءَ
طرح 'ماڪوڙيءَ مثل اماڻو ٿيءُ' (صفحو-٣٩) ۾ 'ميم'
آواز سان آهي. آوازن جي ان قسم جي دهراءَ ڪـــي
ورڻ- پراس چئبو آهي. 'جو پڙهيو ۽ ڪڙهيو ڪين'
(ص-٢٦)، 'رهڻيءَ ڪااسواءَ ڪهڻي' (ص-٢٦)،
'... ٻرڪيت جي ويجهو/دليا جـي ڪاڻ حرڪت...'
(ص-١٢)، وغيره ۾ ٻن يا وڌيڪ آوازن جـا جهڳڙا
يعني سڀا ڀد (Syllables) دهرايا ويا آهن؛ اهڙي
شبد النڪار کي ڇيڪ ڪوٺيندا آهن. جڏهن ٻن يـا
وڌيڪ سٽن جو انت هڪ جهڙي آواز ۾ ٿئي، تڏهن
انت پان پراس ميئو ويندو آهي، جيئن -'موڙڪـ چاهي
ڏو مال ۽ سياڻو چاهي ڏو ڪمال' (ص-٩۴). ان کانسواءِ
سنسڪرت شبد النڪار جا ٻيا وڌيڪ پيچيده قسم ٻه
آهن: انلوم- پرتي لوم، چڪر النڪار وغيره. پر 'سچو
سائي' ۾ اهي نتا ملن ۽ هتي انهن جو بيورو ڏيڻ بـ
ضروري نه آهي.

ارٿ النڪار جا پيئي پرڪار شبد النڪار جي ڀيٽ
۾ تمام گهٽا آهـــن. انهن مان اڌ گڻ، ميلت، اُنــر،
سوڀاوڪت جهڙن ڪن ڏورن کي ڇڏي بـاقي سڀئي
جو آذار ٻن عنصرن جي ڀيٽ هوندي آهي. جنهنڪي
ٻئي سان ڀيٽ ڪئي وڃي سو اپميه ڪوٺبو آهي ۽
جنهن سان اُپميه جـي ڀيٽ ڪئي وڃـي سو اپمان.

سمجهي، پر لفظن جي چونڊ اهڙي تہ آهي ۽ خيال جي پيشڪش ۾ اهڙي اوچائي ٿوري نوائي/تازگي آهي جو هر سٽ جي سونهن نياري ۽ موهڪ ٿي پيئي آهي. خيالن جي ان نواڻ ۽ گهرائيءَ جو راز آهي انهن ۾ ٿيل النڪارن جو پريوگ ۽ انهن ذريعي سڌي يا اڻسڌي ڏنل سکيا.“

النڪار لفظ سنسڪرت جو آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي سونهن ۾ واڌارو آڻيندڙ گهڻ. سنسڪرت ڀاشا جي ساهتيہ شاسترين انهيءَ لفظ جو پريوگ ساهتيڪ رچنا جي سونهن وڌائيندڙ عنصرن لاءِ ڪيو آهي ۽ انهن عنصرن جي تمام گهڻي اوڪ ڇوڪ ڪئي آهي. ڪي عنصر اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهنجي ٻاهرين روپ جي جلوي ڪري رچنا کي اوج بخشيندا آهن تہ ڪن ۾ لفظي معنيٰ يا مفهوم (اڳوڻو مطلب) من موهيندڙ هوندو آهي. پهرين پرڪار جي ڀاشا ٿي گهڻ کي شبد النڪار ڪوٺيو آهي ۽ ٻئي کي ارٿ النڪار.

شبد النڪار جا جيڪي قسم ”سچو سائين“ ۾ ملن ٿا تن جي سمجهاڻي هيٺ ڏجي ٿي:

’پرده پوشيءَ جو پاڻي پيتان ٿو‘ (صفحو - ٣١)* ۽

* هر مثال کان اڳ ڏنگين ۾ ’سچو سائين‘ جي 1971 واري ڇاپي جو نمبر ڏنو ويو آهي.

جي اُپما ڏني وڃي آهي. سمان گڻ ٻڌايو ڪو نه ويو آهي ۽ ظاهر آهي: "لڪمو يا ٻڌان ملهه جو هجڻ". ڪن ڪن هنڌ اُپما ذريعي سڌو اُپديش نه ڏنو ويو آهي جيئن - "هن جهان ۾ اهڙو مٺو نه ٿئي جو ماڻهو ٽوڪي ڪنب مثل ڪاٽي وڃن ۽ ساڳئي وقت اهڙو تيز طبع به نه ٿئي جو سرڪي مثل ٽوڪي ٽوڪاري ڦٽو ڪن" (ص - ٢٨). " ڏيوج هجي نه شمع جهڙو جـــا سڙندي سو ڪان پير ناڻين سڙي وڃي ۽ پـــاڻ ڇڏائي پرڻ جو سعيو نه ڪيائين." (ص - ٣١)، وغيره.

روپڪ - اُپما ۾ اُپمان ۽ اُپميه کي هڪ ٻئي جي برابر ليکيو وڃي ٿو، ۽ انهن ٻنهي جي ڀيد جو احساس به رهي ٿو. جڏهن ٻنهي ۾ ايتري سمانتا ڀسجي جـــو اُپميه کي اُپمان جـــو روپ سمجهي وٺجي، تڏهن روپڪ النڪار ٿئي ٿـــو. اُپميه ۽ اُپمان جو اهو ابيد ڪڏهن "روپي" يا "جي" جهڙن شبدن دواران پيش ڪيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن بي ء ڪنهن طرح. "سچو سائي" مان ان جا ڪجهه مثال پيش آهن:

"گيان آهي پيڙهه، ڪرم آهن عمارت جون ڀتيون ۽ ڀڳتي آهي عمارت جو سندر صفح" (ص-٩). هتي گيان وغيره اُپميين پت آدي اُپمان سان هڪ قـــرار ڪري اڻ سڌو اُپديش ڏنو ويو آهي نـــه سڪي ۽ سڦل جيون هڪ ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان مان ڪو هڪ نه ۽

(جنهن سمان ڳڻ جي آڌار تي اها ڀيٽ ڪئي ويندي آهي سو عام طرح اُپمان ۾ وڌيڪ ظاهر ۽ جهجهي انداز ۾ هوندو آهي). ساهتيڪار پنهنجيءَ ڪلپنا شڪتيءَ جي آڌار ڪري اُپمان ۽ اُپميه جي سنبنڌ کي ڪئين روپن ۾ پيش ڪري سگهي ٿو، انهيءَ ڪري ئي ارٿ النڪارن جا قسم اڻيچار آهن. هت ڪن ٿورن جو ئي بيورو ڏنو ويندو جيڪي "سچو سائي" ۾ پسجن ٿا.

اُپما- سڀ کان پهرين اچي ٿو اُپما النڪار. هن ۾ ڪنهن ڳڻ جي برابريءَ سبب اُپميه کي اُپمان جي سطح تي وٺي اچڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. مثلن: "ناموس ۽ عزت، پدارٿ ۽ دولت، سرير ۽ صحت، پاڇي وانگر پيا وڌجن گهٽجن ۽ اچن وڃن" (ص-٧٢). "پاڇي" (اُپمان) ۾ عام طرح نظر ايندڙ وڌڻ- گهٽجڻ ۽ اچڻ- وڃڻ جا ڳڻ ناموس، عزت، صحت وغيره (اُپميه) ۾ به ٻڌايا ويا آهن.

مٿين مثال ۾ اُپما النڪار لفظن جي برابريءَ تائين محدود هئو. ڪڏهن ڪڏهن اهو هڪ سڄي جملي ذريعي معلوم ڪيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن وري سمان ڳڻ لڪل به رکيو ويندو آهي. مثال: "عمل بنان علم ائين آهي جيئن الذي لاء عينڪ" (ص-٢٦). هتي "عمل" کي "اک" جي ۽ "علم" کي "عينڪ"

سڪڻ کي چئجي ٿو ٻڌم. ٽڙڪڻ، واجهائڻ، طلبڻ، گهورڻ ۽ سڪڻ جيتوڻيڪ ساڳيو ئي تصور پيش ڪن ٿا ته به ان لاءِ علحدن شبدن جو ڀڃ-وڳ. ٿيڻ سبب گفتي ۾ هڪ ليارِي سوبيا آئي آهي. جنهنکي ٻولي وستوپمان النڪار چئجو.

درشٽانت: هن النڪار ۾ ٻه الڳ جملن ۾ الڳ الڳ لفظن ذريعي اُپمان ۽ اُپميه جا گڻ پڌائي سگهجن ٿا ۽ ٻه ٻولي وستوپمان جيئان هتي الهي هڪ ئي گڻ جي ٽوجمالي ڪندڙ ٻه الڳ لفظ نه آهن بلڪ ٻه الڳ گڻ هوندي به هڪ ٻئي جي عڪس لما هوندا آهن. ساڳيو ئي سنبنڌ - جنهن کي سنسڪرت ۾ ٻم ٻوٽي ٻم ڀاؤ ڪوٺيو ويو آهي سو ٻنهي جملن جي ٻين عنصرن ۾ به هوندو آهي. انڪري نه فقط انهن عنصرن جي هڪ ٻئي برابر هئڻ جو تصور اڀرندو آهي بلڪ جيڪا ڳالهه خاص چوڻي آهي الڪي وڌيڪ چٽائي ۽ وزن ملندا آهن. مثلن: ”جڏهن ٻاهه ٻوري ٻري ٿي وڃي تڏهن ڪاٺين مان دونهو ستت بند ٿي وڃي ٿو. جڏهن دل صاف ٿئي ٿي تڏهن پاپ جي ڪارنهن بند ٿي وڃي“ (ص-٧٥). دل ۽ باهه جي ٻاري ۾ ڪيلن انهن بيانن ۾ دونهو پاپ جي ڪارنهن جو عڪس آهي، ٻاهه صفا ٻرڻ دل صاف ٿيڻ جو عڪس آهي ۽ ائين هڪ سڄي جملي جو عڪس ٻئي ۾ اُڀريل نظر اچي ٿو. ان

ڏيڻي ضروري آهن.

”ڏلين ڏوٻي تلاءَ کي ٻوڙ ڏوٻي ٿليءَ جي وسيلي ٻار ٻوهر- امبرت درياهه مان هميشه تازو رکه“ (ص-٨٣). “هتي هوڪو پنهنجي ڪرمن جي ستت مان پنهنجي قسمت جو چولو ٺاهي ٿو“ (ص-٩٢). ”بي-خبري هڪڙو اٿاهه سمنڊ آهي، خبرون آهن ان جي مٿاڇري جون لهرون ۽ ٻڊ ٻڊا“ (ص-١٠٨).

ان ڪانپوءِ مان ڪن اهڙن النڪارن جو ذڪر ڪندس جيڪي ٻاڻ ۾ اپٽرو لڳايل آهن جو انهن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪرڻ تمام ڏکيو آهي، ڳوڙهي اڀياس ۽ ويچار کانسواءِ نه ناممڪن ٿي آهي. اهي النڪار آهن پرتي وستوپمان، درشٽانت، ارٿ انترو نياس ۽ نِدرشنا. انهن سڀني النڪارن ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ جملا هوندا آهن، جڏهن ته اُپما ۽ روپڪ ۾ هڪ ئي جملو ڪافي آهي.

پرتي وستوپمان- هي النڪار ان رچنا ۾ ملي ٿو جتي اُپميه ۽ اُپمان ۾ جيڪو سمان گڻ آهي سو هڪ ئي هوندي به الڳ الڳ جملن ۾ الڳ الڳ لفظن ذريعي پيش ڪيو ويندو آهي. ”سچو سائي“ ۾ ان جو هڪ ئي مثال ملير اٿم: ”مڇي جيئن پاڻيءَ لاءِ اڙقي، بيمار جيئن صحت لاءِ واجهائي، ٻکيو جيئن اَن طلبي، اُجيو جيئن پاڻي ٿ-ي گهري، تيئن پرماتما لاءِ

۾ ساڳيو سوجهرو ڏٺي ٿي. تون به خوشي لوڙي غميءَ ۾ دل کي سڙهو رکه“ (ص-٥٥).

”موتي ۽ ماڻڪ سمنڊ جي تري ۾ ٿا رهن، سپون ۽ ڪوڏ مٿاڇري تي. پوءِ مٺيا وارو ماڻهو ڇو نه هيٺانهين وات هلي!“ (ص-٥٣).

ارٿ انترنياس: هي النڪار درشٽانت سان ڪافي مشابهت رکي ٿو. ٻنهي جو سوکيم فرق هن ريت آهي: ١- درشٽانت جي مکيه سونهن آهي ٻن جملن جي هر عنصر ۾ هڪ ٻئي جو عڪس اڀارڻ؛ ارٿ انترنياس جي خوبي آهي هڪ بيان ذريعي ٻئي کي ٽيڪو ڏيڻ- ڪڏهن سمانتر/ مشابهتي ڪڏهن ابتڙ بيان دوارا. ٢- ارٿ انترنياس ۾ هڪڙو بيان عام general، (سامانيه) ٿئي ٿو ۽ ٻيو ان عام جو ئي هڪ خاص (Specific، وشيش) روپ يا اظهار؛ درشٽانت النڪار ۾ يا نه ٻئي بيان خاص هوندا آهن يا ٻئي عام، يعني ٻن مان ڪو به اهڙو نه هوندو آهي جو ٻئي جي انش طور ان ۾ سمائجي وڃي. هي نقطا مثالن ذريعي چٽيءَ طرح سمجهائي سگهبا: ”جڏهن آڱريون گڏ ٿين ٿيون تڏهن وات ۾ گرهه وجهي سگهجي ٿو. (ڇا اها ڪافي ثابتي نه آهي ته) ميلاپ سان ڪم ڪار ڪرڻ مان ئي رزق ملي ٿو“ (ص-٢٨). آڱرين جو گڏ ٿيڻ هڪ قسم جو ميلاپ ئي آهي جنهن جي باري ۾ ٻئي جملي ۾

ڪري هتي درشٽانت النڪار مڃڻ گهرجي.

”سچو سائي“ ۾ هي النڪار تمام جهجهي انداز ۾ ملي ٿو، جيئن - ”دل ۾ دنيا جا خيال ڪيئن نهندا؟ مندر ۾ ڪو ڪچرو نهي ٿو؟“ (ص-٤١). ”پرماتما ته پاڻ ۾ موجود آهي پر بنا ڦولا ڪيئن ملندو؟ ڏڌ ۾ مکڻ آهي، مگر ولوڙڻ کانسواءِ ڪيئن ملندو؟“ (ص-٨٦). ”جيئن ڪنجي ڪم آڻڻ بنا ڪٽجي وڃي ٿي ايئن سوڀر بنا پورهئي بيمار ٿي پئي ٿو“ (ص-٢٢). ”پاڇو ليسين اسان جو اڳ نٿو ڇڏي جيسين اسان سوجهري ڏي مهاڙ نه ڪئي آهي. خيال ڪان پر اسانجي جند تڏهن ڇٽندي جڏهن آتما ڏي پاڻ ورائيندا سين“ (ص-٨٣). هتي اڳ نه ڇڏڻ جي سامهون ”جند ڇٽڻ“ جي؛ ”مهاڙ نه ڪرڻ“ جي سامهون ”پاڻ ورائڻ“ جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي. درشٽانت النڪار ۾ انهن ابتڙ عڪس آڻڻ به روا (Allowed) آهي.

ڪن ڪن هنڌن تي بوڌ جن پهرين سمت درشٽانت النڪار لاءِ نهڪڻ واري هنڻ ڪري، پيءُ ۾ ان جو عڪس آڻڻ اُٽسدو اُپديش ڏيڻ بدران سڌو ئي ڏيڻ پسند ڪيو آهي. جيئن ته: ”ٻج ڌرتيءَ ۾ هيٺ رهيو تڏهن ميويدار وڻ ٿي اُڀريو. تون به آپي کي مٽاءِ (يعني هيٺ نمر) ته طرح سچي آباد ٿئين“(ص-٥١). ”ماڻهو ماٿر لاءِ ڪنا ٿيا هجن يا محفل لاءِ؛ شمع ٻنهي حالتن

قدرت جو ڪوي

شري نٿر رامچنداڻي

ٻوٽن کي ٻالاپڻ کان قدرتي ڪوتا جي ڏات هئي، نديءَ وهيءَ کان ونئي ساٿين ۽ وڻن مان هن کي اها سوغات هئي.

ساري اسڪول جي اندر برابر هيءَ مئٽرڪ تائين پڙهيو هو، مگر هن جو من هر وقت قدرت سان جڙيو هو. قدرت جي مڪتب ۾ هوءَ انهيءَ جو علم سکيو، جو علم هن جو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو، نه رڳو پاڻ اهو اڪيلو انهيءَ جو علم پرايائين، مگر اها وديا ٻين سان به ونڊيائين ورڇيائين. چي:

وٺي قدرت جي مڪتب ۾،
علم انهيءَ جو پڙهندا سين
اگن، آپ، جل، پون، ڌرتي،
پڙهي پترا اهي پنجئي
سچي پرماتما کي هردم،
اندر پنهنجي ۾ پسندا سين.

ڳالهه ڪئي وئي آهي يعني 'ميلاپ' هڪ عام تصور آهي ۽ 'آڱرين جو گڏ ٿيڻ' ان عام جو ئي هڪ خاص روپ ۽ خاص جو بيان عام بيان کي ٽيڪو ڏئي ٿو. ان ڪري هتي ارٿ انتر - نياس النڪار آهي.

اهڙيءَ طرح ئي ٻوڌ جي 'سچو ساٿي' توڙين ٻين ڪوتائن ۾ ٻيا به ڪيترا ئي سنسڪرت ساهتيه جا النڪار يا ڀاشا ڀوشڻ ملن ٿا مثلن نِدرشنا جو درشٽانت جو هڪ ٻيو روپ آهي، اپر ستت پرشنسا، ڪاويه لنگ، الوپان، وروڌ، ويتريڪ، سنڪر وغيره.

مٿي جن النڪارن جو بيان ڪيو ويو آهي، تن کان سواءِ ٻيا به اڪيچار النڪار سنسڪرت ساهتيه ۾ ملن ٿا. ٻوڌ صاحب ڪن ٿورن النڪارن جو ئي پريوگ ڪيو آهي سو شايد ان ڪري جو هن جو مکيه مقصد ماڻهن کي سکيا ڏيڻ هئو، ۽ النڪارن جي پرويوگ ۾ پنهنجي هوشياري ڏيکارڻ ۽ پنهنجي ان مقصد کي بخوبي اباهڻ لاءِ جيتري قدر ٿي سگهيو، هن الڳ الڳ النڪارن جو پريوگ ڪري پنهنجي سخن جي سونهن وڌائي آهي.

۽، جهڙو جهنگ ۾ هر هنڌ هو نه حاضران حضور ڏٺائين- چيائين :

هر جڳهه ۾ تو پڇان، دلدار! تنهنجي گفتگو
ٿي ڪري هرڪا دري ديوار تنهنجي گفتگو

١- پوپٽ تنهنجيءَ منجهه موهت ٿي، پکيون لائيون لوڻ
پڻ گلن ۾ ٿي ڪري، هيڪار تنهنجي گفتگو.

٢- ماڪ ۾ الڏيون، جبل، تنهنجي ڪٿا ڪن روز ٿا!
واه وڻندڙ ٿي ڪري، وڻڪار تنهنجي گفتگو.

انسان اگر اندر جون اکيون اُپٽي، ته کيس خبر پوندي ته سائينءَ جي سرجيل سرشٽيءَ ۾ هر نعمت ڪا نه ڪا نصيحت ٿي ڏئي - مثلا :

١- ماڪ ۾ رهندين ۽ ويندين ڦُوارو ڦلندي سدا،
مون کيو معلوم مکڙين مان سندر سو قاعدو.

٢- پڄي وڃي ترڪي اندر، پوءِ اُسريو جو عرش ڏانهن،
نمونا جو اُن منجهان، پڌرو مون سمجهيو قاعدو.

٣- ويو پٺو جل ۾ پڌي ۽ ڪک ڏٺم ٻوڙڻو هليو،
اُن منجهان هلڪي ٿيڻ جو مون پرايو قاعدو.

٤- وٽ وڃائي پاڻ پنهنجو، پاڻ کي روشن ڪيو،
مان سکيس اُن مان هتي، هو مٽڻ ڇڏڻ جو قاعدو.

هڪ رواجي ماڻهوءَ ۽ هڪ ساهتيڪار ۾ اهو ئي فرق آهي ته جا ڳالهه، جا شيءِ عام انسان لاءِ لا چيز آهي سا ليکڪ ۽ شاعر لاءِ هڪ وڏي وٿ

ٻوڌ صاحب ٻڌائي ٿو:

ان قدرتي ڪتاب جا آهن ٿي ٻيا پنج، هڪ هڪ لٽ جي سکيا دور ڪندي دل جا رنج، پنجن لٽن جا پنج گڻ پاڻ ۾ وسايو، انهن پنجن گڻن سان توهان پنهنجي جيون ناهيو، اگن مان تيج، پون مان پاڻ آزادي، سهاري جي سکيا ڌرتيءَ مجهان، آڀ مان نياراٽي نرالائي ۽ جل مان نرملتا.

انهن پنجن گڻن ڌارڻ سان توهين اهڙو ڪندا پاڻ ۾ سچي ستا.

ان ڪان مٿي ٻي ڪهڙي ورديا!!

ٻوڌ قدرت جي ڪهڙي ٻولي آهي ٻولي، انهو جي اسڪول مان سا سمجهي ٻولي!

"سمجهي ورلم ساري ٻوليءَ،
وشو اندر جا آهي ٻوليءَ،
اُن جي هر اکر ۾ آهي انهد
پورن ٻوڌ آهي هڪ هستي
هستيءَ جي آهه سيکي مستي
ذرو ذرو آهه پورڻ گدگد"

قدرت جي ڪڻي ڪڻي ۾ ڪيس نوراني نور نظر آيو در ۽ ديوار ۾ دلبر جو ديدار ڪيائين، گلزار جي گلن ۾، گلن جي حسن ۽ مهڪار ۾، ندين ۾، پهاڙن

ٻوڙ صاحب ٻهار جي مند جو من کي موهيندڙ، چت کي چوريندڙ ۽ آتما کي آنند ڏيندڙ ورنن ڪيو آهي. هيءُ صاحب ٿو ٻڌائي:

خوشبوءِ کان ئي خود ٿي، ٽاريون ٽليون ٽڙيون،
جهرمر ۾ جهمر پائي، گل لاز سان نِميا
ڪليا خزانا خوب، ٿي خوشبوءِ جا جا ٻجا
اڻ ڇنيائين آس پاس، عطر اڻ ميا

ٻوٽي جي پيڙهه ئي ٿي نٿين جو اوماڻ اٿيو، ايهو جي ٻي الست مايا آهي. جن جن روحاني رمز سلي آهي تن سدائين محبوب جو مشاهدو ماڻيو آهي. قدرت جو نعمتن جو خزانو ڪنهن جو نه آهي. رڳو ٻهوارتي تي خالق جي طفيل خلق جي خدمت ۾ خود کي کپائڻ گهرجي - سادن ۽ سولن لفظن ۾ ڪيڏو نه سار سمايل آهي! ڇي:

"مالي ڪهي ٿو ٻوٽا، سي نا نوان ٿي اڀرن
روشن ٿيون ٿي ٿو، جهولو نو ٿي روالو
ٻوٻو رهي ٿو هر هر، خالي ٿي ڪڪري جمن،
ڪنهن جو ڪونه آهي، قدرت جو هي خزانو.

ٻوڙ صاحب هاڻي قدرت جي ڳڻ مان ٻاڙکي سکيا ٿو ڏئي، هنڪي اولهائيءَ مان انيڙ ٿو ٿئي. لکي ٿو-

ٻڌجي سگهبتي. ڪنول کي ڪنولدو ڪنهن نه ڏٺو آهي، وڻن جي ساوڪ ڪنهن نه ٻسي آهي، ٻوساٽ جون بوندون ڪنهن نه جهٽيون آهن پر هيءُ دلڪش درشيہ فقط هڪ ساهتڪار ئي سوچي سگهي ٿو. پوءِ صاحب لکيو :-

١- سوئهن جا جلوه سندس ڏس، وچ منهان پهڪن پيا،
غيب جي پڙدي منجهان، سندر ڪماري ٿي اچي.
٢- زمردي پوشاڪ پهري، وڻن ڪئي آهہ آجيان،
ڌوپجي ڌرتي ويئي، خود شانواري ٿي اچي،
پوءِ ندين جا نياپا سيا، جهرڻن جا جاپ پڏا.
”مثال جهرڻي جي نت مرڪو، ندي، وانگر رهو نرمل.“

اسين درياءَ تي اکو پايون ٿا، ٻهراڻا پروان ڪريون ٿا جو پڻ هڪ سٺو گڻ آهي، مگر پوءِ درياءَ جي فيلسوفي سچي ٿو پڏائي

دل کر درياءَ جي دستور
گند پوي يا گل قل مڃهس، سو نہ ٿئي ٿو
ميرو موڙ
درياءَ جهڙن ڏي ٿارسين کي، ڌوءِ دنيءَ جي
سيئي ڏور
سيني جي کي سوڙهہ سموري، سڀ مہ پس
ٿو ن پڌهنجو نور.

پوءِ صاحب گل جا گڻ قدرتي ڪهڙا نه ونڊڻ
ورن ڪيا آهن:

گل ٿو گفتگو ڪريس-پنهنجي آهڪش سان ٿو پڇيس:

اندر اوندهه هئي گهاٽي ، مٿان آيم پوري گند جي
اُنهيءَ اولاد ۽ گندگيءَ ۾ ، رهيس
لوڪل ٿي مان اڳيندو.

ڪري بند ڪرٽقل اندر، چڙهائيندم سي اڳيءَ لي
اُنهيءَ دم ٻڻ پيو ڏينهن خزاو مان سگهڻ سعدو

قدرتي انهو جي ودپا ڪري قدرت جي السوي علم
سڪڻ ڪري، پوءِ سياهيءَ ۽ سفيدي ڏني:

"ڪڪر آسماني ۽ ڪارا آهن،
مدجهن پاڪ پاڻي سدائي ڏنم،
سومو جو آهي سدائين سياهه،
اکين لاءِ اُو روشنائي ڏنم."

اهڙيءَ ريت هن قابل ڪويءَ قلم هلائي قدرت
جي ظاهر ٿوڙي باطن روپن جو روچڪ ۽ ونڊڻ ورن
ڪري سنڌي ساهتيه جا گهڙا پوپا آهن. اڄ ۽ ايڪ
انهو جا اُجايل سندس ساهتڪ چشمي مان سرڪيون
پوپ پياس ٻجهائي رهيا آهن.

چئي ٿو:

آهي درشت ٻنهيءَ لئي سڀ مدار پيارا
هڪ مان ٿو ڄاڻجي سياڻو، ٻي درشت مان ديوانو
هيٺان جان سڀئي چاڙهي، لاهي مٿان سان لڄ سڀئي
وسئو تنهن آهه هڪ ٻو ٻن جو ٺئي ٻهانو.

اولهي ايپاس ۽ اٽڪ ساڙنا بعد پوڙ کي اندر جو آواز آيو. هڪ منزل اهڙي به ٿيندي آهي جڏهن ساڌڪ ۽ سالڪ ۾ ويڇو نه رهندو آهي. ٻين ٻولين جي ڪيترن سنتن ڪوين جيئن پوڙ صاحب سولي سنڌيءَ ۾ وشو آرتيءَ لئي رچنا ڪئي. ايپاس ۽ انهو سبب سنڌس اکر اکر کي پنهنجو تاثير آهي.

١- آسماني ٿالهه ۾ سج، چنڊ چمڪن ٿا ڏيئا
واس ڏيئهن هس ٿي ٺي ايءَ چمتڪاري آرتي

٢- هي مون، ماڻهن، پکين ۽ واءُ جا آلاپ سڀ،
تال مردنگ مثل ڪن ٿا موج واري آرتي

٣- پوپر سڳنڌي، شيل چندن، گيان جي جولي سڄي
ٿالهه شردا جي ۾ مون آهي اُتاري آرتي

٤- گيان جي روما ولين ۾ جا رهي ٿي روشني
بدن کي ناهي ڏيئو مون سا ٻهاڻي آرتي.

ويچار ۽ ڀاونا

سنڌي ساهتيه، ڪيترن ئي اديبن جا اديب آهن ۽ انهن هنن تنقيدي مضمونن ۾ سوامي ڀوڏراج جي ڪاريه ۽ رچنائن جي ڀنهنجي نقطهِ نظر کان ڪٿ ڪئي آهي ۽ اهو صاف ثابت ڪيو آهي ته ساميءَ جيان، هو سچو سنت ۽ اوچ ڪوٽيءَ جو اديب آهي. سندس لکڻيءَ ۾ رس ۽ رواني آهي ۽ اونهو اڀياس ڪرڻ سان اسانجا ساهتيڪار انهيءَ نتيجي تي پهچن ٿا ته ڀوڏ جو ساهتيه، گهاگهر ۾ ساگر جيان سمايل آهي. گيان، ڀڳتي، ڪرم ۽ مڪتيءَ جي گيان جي گنگا وهائي ٿو ۽ سندس هر رچنا ۾ جيون جو درشن ۽ لاهين چاڙهين جو انوکو آزمودو ملي ٿو. سچي ساهتيڪار ۾ جي گڻ هئڻ گهرجن، سي سواميءَ جي سبقن ۽ ڪويتائن ۾ ڪوٽي ڪوٽ آهن. هو ڀکش جا النڪار، ڪلاتمڪ وشيشتائون تز لمولي ڪم آڻي ٿو ۽ ڀهاڪن جو ڀورو اُپيوگ ڪيو اٿس. غير سنڌي ڀاشائن جي ڄاڻ هوندي به سپڪ ۽ سوادي ۽ ساهتڪ سگنڌي سان ڀرپور سنڌي ڪم آندل آهي. جس هجي ڀاءُ نئون رامچنداڻي (گوئن-واري ڪي) جنهن هن لکل لعل کي اسانجي ادبي اک اڳيان آندو آهي ۽ سات ڏنو اٿم سوامي ڀوڏراج جي ڌرمپتني ماتا ستي ديوي، جنهن هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ مدد ڪئي اٿم. ٿورا مڃيان ٿو دادا جهمن واسواڻي جا، جنهن ڀولو چيٽي چنڊ (8th April 78) ڏينهن ڀنهنجن شڀ هٿن سان، هن پستڪ جو اُدگهاٽن ڪيو.

موتيلال لڇيرام ٻڌاڻي

پريزيڊنٽ سوامي ڀوڏراج ستسنگ منڊل،

27B, SAGAR SANGEET, Near Colaba Post Office,
BOMBAY 400 005. (Phone : 214218)